فيض روح القدس ار باز مدد فرمايد — ديگران هم بڪنند آنچه مسيحا مي ڪرد

ڪرامت:- شيخ محمد، جو مولانا بدرالدين، صاحب حضرات القدس واري جو چيلو هو نقل ٿو ڪري ته اصفهان جي سفر کان موٽندي گهوڙي تان واٽ ۾ ڪِرِي پيو جنهن ڪري پيمانهي ٿي ڪري پيو ۽ قافلي کي ڇڏي ڪري جنهن جي گوڻهه ولس جنهن ۾ گهڻو وقت لڳي ويو ته پري ۾ قافلو منهنجي نظر کان غائب ٿي ويو. ٻرپٽ ۽ جبلن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به مونکي نظر نٿي آيو. حيران، پريشان ٿي ويندي هر طرف ٿي ڊوڙيس قافلو ياڪو انسان مونکي نظر ۾ نه آيو. ان وقت پنهنجي حياتي کان اميد لاهي ڇڏيم. پاڻي جي ڪناري تي ويهي وضو ساري درگاه حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي ۾ نياز ۽ عاجزي ۾ مشغول ٿي مدد گهريم. اوچتو حضور اقدس جن کي عربي گهوڙي تي چڙهيل ڏٺم جو منهنجي پريشان حالي ڏسي فرمايائون ته هٿ مونکي ڏي. هٿ منهنجو وٺي پويان گهوڙي تي چاڙهي گهوڙي کي ٽڪ هڻي تکو هڪليائون. هڪ گهڙي ۾ مونکي قافلو ڏسڻ ۾ آيو، پوءِ مونکي گهوڙي تان لاهي فرمايائون ته هاڻي وڃي قافلي سان گڏج. حڪم موجب آءٌ قافلي سان وڃي گڏيس جڏهن پوئتي نهاريم حضور اقدس جن کي نه ڏٺم.

باش دائم در حضور اولياء — تا نه بيني خويشتن را در بلا
هرکه دارد دوستي دوستان — او شود مقبول در هر دو جهان
عارفان گشتند پيش از تو بموت — لا تموتون هست ازان از مصطفٰے

ڪرامت:- سرهند شريف جي شهر جو هڪ قاضي زاده، جو حضور اقدس تي نهايت ارادي وارو هو. هڪ ڀيري اهڙو سخت بيمار ٿيو جو جنهن جي علاج کان سڀ حڪيم عاجز ٿي پيا. آخر حضور اقدس ۾ هڪ نياز نامون موڪليائين جنهن ۾ نهايت عجز ۽ نياز سان شفا لاءِ دعا گهريائين. حضور اقدس ان جي جواب ۾ لکيو ته اسان توکي پنهنجي ياد ۾ رکيو. انهي بيماري کان چڱو ڀلو ٿيندين ان ڪري جو حضرت حق سبحانه مهاڻي توجه حضور اقدس جي ان قاضي زاده کي مهلڪ بيماري کان خط پڙهڻ شرط شفا عطا ڪئي. پوءِ اهو قاضي زاده، جڏهن به ڪنهن مجلس ۾ حضور اقدس جو ذڪر ايندو هو ته اهو نقل سو آب تاب سان ۽ شوق ذوق سان بيان ڪندو هو ۽ اهو لکيل جواب حضور اقدس جو پاڻ وٽ تبرڪ ڪري رکي ڇڏيائين ـــ ـــ سبحان الله:- حضور اقدس جو خط مبارڪ ان ارادي واري لاءِ حڪيم لاثاني ٿي چڪو.

اے كه اسرافيل وقتند اوليا — مرده را زايشان حيات است و نما

ڪرامت:- حافظ صاحب جنهنجي شفاياب ٿيڻ جو مختصر بيان جواهر مجدديه ۾ ڪيو ويو

نقل ٿو ڪري ته ننڍپڻ جي وقت ۾ مون قرآن شريف ياد ڪيو هو. الهآباد جي سفر ۾ مون روز نه
پڙهيو تنهن ڪري قرآن شريف وسري ويم انهي حالت کي ڏهه ورهيه گذري ويا. گهڻي مدت
کان پوءِ پنهنجي وطن سرهند شريف ۾ آيس ان ڏينهن ۾ حضور اقدس جن حضرت خواجه
باقي بالله قدس سره کان خلافت وٺي آيا هوا ۽ دهلي وارن يارن جي اڳيان نئين مسجد ٺهرائي
هئائون ۽ رمضان شريف جا ڏينهن هوا. جڏهن سنڌ ۾ حضور اقدس سره آيس، پاڻ فرمايائون
ته "اي حافظ تراويح ۾ اسان کي قرآن شريف ٻڌاءِ". عرض ڪيم ته قرآن شريف مون کان
وسري ويو آهي. فرمايائون ته پڙهه تو کي خدا جل وعلا توفيق ڏيندو. مون بندي پيرانڪا
ڪري ساڳيو ئي عرض ڪيو پاڻ به ساڳيو ئي جواب ٿي فرمايائون. نيٺ موجب حڪم قرآن شريف شروع
ڪيم. سندن فيض جي برڪت سان ٻن رڪعتن ۾ ايڪيهه سيپارا قرآن شريف جا پڙهيم
حضور اقدس جن پيٺي ٻڌو. ٻين جماعت سان پيو ڪو ڪونه بيٺو. ٻي رات ختمو پورو ڪيم. ڪڏهن
جاءِ تي به نه اٽڪائون نه ڀليم. اهو سندن خاص تصرف هو نه ته مون کان قرآن شريف صفا وسري ويو هو

ڪرامت :- مٿيون حافظ، جو هميشه تراويح ۾ ختمو پڙهندو هو ۽ حضور اقدس
جي اڳيان مريدن مان هو، نقل ٿو ڪري ته حضرت جن کي انهن ڏينهن ۾، جو اجازت
طريقي جي ملي، سنڌ پور جي وات سان آيا هوا اول "مستڪان" جي شهر ۾ آيا تنهن کان پوءِ
ڪيٿل جي شهر ۾ شاهه ڪمال جي زيارت لاءِ متوجه ٿيا وري مون کي "اجلور" ۾ آيا، زيارت
شيخ احمد اجراڙي لاءِ الله رحمه ۾ گهري ويا. جڏهن ته آءُ سندن ساٿ ۾ منزل هم رڪاب
ڊوڙندو آيو هوس. عضوا منهنجو گرمي ٿي ويا هوا اڳهم ۾ سارو بدن غرق ٿي ويو هو. پيٽ نهايت
خشڪ هئي. اُڃ جي گهڻائي سبب ٿڌو پاڻي گهرائي پيتم. پيٽ شرط حال منهنجو مٽجي ويو. منهن
جو رنگ هيڊو ٿي ويو. دل سُسْت ٿي پئي. نيٺ مرڻ کي ويجهو پهتس. ائين پئي معلوم ڪيم
ته گويا روح منهنجو پيرن کان نڪري سيني تائين پهتو آهي ماڻهو مون ٿي اچي گڏ ٿيا. منهنجو
حال نااميدي جهڙو ڏسي حيران ٿيا. اٿي ۾ حضرت جن ڪي ڪان نڪري فرمايو ته تنهنجو
ڪهڙو حال آهي"؟ عرض ڪيم ته گرمي ۾ آيو هوس. اُڃ جي گهڻائي ڪري پاڻي پيتم. هاڻي دل
جي سستي گهڻي آهي. ساهه منهنجو هاڻي جاڻ نڪتو. حضرت جن ٻين خادمن کي فرمايو ته "حافظ
کي منهنجي مصلي ۾ کڻي اچو" پاڻ گهوڙي تي سوار ٿيا. پاڻ مريدن کي فرمايائون ته "قريب هو
جو حافظ جو ساهه نڪري وڃي ها پر مون انکي پنهنجي پاڪ ۾ ورتو". هاڻي گهڙيءَ ۾ جگو

پلو ڏيندو. حافظ توڇوي ته اڃا تو ڙي رات نه ٿيا هوا سون ته پنهنجي بدن ۾ قوت ۽ صحت ڏنم ايتري قدر جو محافي مان لهي پيادو سنڌن هم رڪاب ٿي منزل تائين دوڙندو آيس.

كرامت:- پڻ حافظ مٿيون قدس سرهٗ نقل ڪري ٿو ته هڪ ڀيري حضور اقدس ۾ قرآن شريف جو ختم تراويحن ۾ ٿي پڙهيم. اتفاق سان جنهن رات ختم پورو ٿيڻو هو مون کي تپ محرقي اهڙو عاجز ڪيو جو بي هوش ڪري ڇڏيائين. وچين جي نماز پڻ انهي بي هوشي ۾ قضا ٿي ويم. شام جي وقت هوش ۾ آيس روزي جو ڏڪ کان پوءِ نهايت تڪليف سان سنڌن حضور انور ۾ حاضر ٿيس فرمايائون ڪهڙو حال آهي؟ عرض ڪيم ته تپ جو غلبو آهي منهنجو هٿ وٺي فرمايائون ته تپ سخت آهي پر قرآن شريف پڙهي سگهندين؟" عرض ڪيم ته حال منهنجو اهو آهي پر جي توجه ۽ مدد حضور اقدس جي ٿيندي ته پوءِ پڙهي سگهندس. فرمايائون ته "اوري آءُ ۽ پڙهه مٿي خير آهي". جڏهن قرآن شريف تراويحن ۾ پڙهڻ شروع ڪيم پگهر ساري بدن کي وٺي ويو. تپ صفا ڇڏي ويو. برڪت نفس عيسوي حضور اقدس جي سان چڱو ڀلو ٿي ختم پورو ڪيم.

كرامت:- مولانا محمد يوسف، جو وقت جي علمائن مان هو جنهن کي حضرت خواجه باقي بالله قدس سرهٗ جن حضور اقدس حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي حوالي ڪيو هو ته کيس سلوڪ پورو ڪرائڻ فرمائي اڃا سلوڪ پورو نه ڪيو هو ائين جو مٿانس اجل پهتو حضور اقدس جن ان جي سيرانديءَ کان اچي ويٺا ان جي سلوڪ باقي رهيل لاءِ متوجه ٿيا ۽ ان کي پنهنجي توجه کان واقف ڪندا ٿي ويا ۽ هر ساعت ان کان احوال پڇندا ٿي ويا. هن کي جيڪا ترقي نصيب ٿي ٿي عرض ڪندو ٿي ويو. نيٺ پنهنجي تصرف سان ان کي سارو سلوڪ پورو ڪرايائون تنهن کان پوءِ مٿين ذڪر ڪيل مولانا وفات ڪئي. ناظرين حضور اقدس جي توجهن ٿي، جو ورهين جو ڪم، ساعت ۾ پورو ڪري ڏنو.

يک لحظه نظرت اي بنده نواز بهتر ز هزار سال تسبيح و نماز

كرامت:- هڪ ڀيري حضور اقدس جن سير جي ارادي سان ٻاهر پٽ ۾ توجه فرمايو هو. هوا جي گرمي ۽ غبار بي اندازه هو جنهن کان اڃ، ٿڪ ۽ گرمي مر بدن کي رڃ سان ڳڻ گڏ ٿيا هوا، گهڻو غلبو ڪيو. جڏهن ته عظمت ۽ جلالت حضرت جن جي سنڌن دل ۾ پوري ويٺل هئي تنهن ڪري حضور ۾ عرض ڪري نه ٿي سگهيا مٿيون خطرو سنڌن دل ۾ ڏٺو ورتو وڃي ويو. حضور اقدس جن مولانا محمد يوسف سمرقندي ڏانهن نهاري فرمايو ته سج جي گرمي ۽ غبار سنگتين کي عاجز ڪيو آهي. مولانا عرض ڪيو ته حضرت جن کي سڀ احوال معلوم آهي. درويش جي عرض ڪرڻ جي ڪهڙي حاجت

ڪاڌا رهي حضرت جن مرڪي حق بين اک جي ڪنڊ سان آسمان ڏانهن نظر فرمايائون ۽ ڪجهه
چپن مبارڪن ۾ پڙهڻ فرمايائون. ٻه ٽي ڏڪون اڃا اڳتي ڪو نه هليا ته هڪ ڪڪر ظاهر ٿيو حضرت
جن ۽ سندن مريدن تي ڇانو ڪيائين ۽ بوندون وسڻ لڳي جنهن ڪان وات جي رڃ دٻجي وئي
۽ هيٺ اتر جي وچولي ڪري جنهن جي سبب ڪان وات جي گرمي ۽ تڪليف ۽ غبار ڪان مريدن کي امن مليو
حالانڪ برسات جي موسم به ڪانه هئي.

ڪرامت: - هڪ سادات نقل ٿو ڪري، جوان کي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي جنگ ڪرڻ
سان خصوصاً حضرت معاويه رض ڏانهن بغض هوندو هو ته هڪ رات مطالعه مڪتوبات قدسي آيات
حضرت جن جي ٿي ڪيم، اُتي ڏٺم ته ياڻي لکيو اٿن ته "امام مالڪ، امير معاويه رض کي برو چوڻ ائين
ٿو ڄاڻي جيئن ابوبڪر صديق ۽ عمر بن الخطاب رضي الله تعالىٰ عنهما کي بد چوي، انهي نقل ڪان
ڪاوڙ پس ۽ مڪتوبات شريف کي زمين تي اڇليم اٿري ۾ ننڊ وٺي وئي خواب ۾ ڏٺم ته حضرت جن
تمام گهڻي ڪاوڙ سان آيا آهن، منهن جي ٻنهي ڪنن کي وٺي فرمايائون اي ٻچو ڪر نادان منهنجي
لکيل تي اعتراض ٿو ڪرين ۽ منهنجي ڪلام کي زمين تي ٿو اڇلين، جي هن لکيل کي اعتبار ۾ نه ٿو آڻين ته
آءٌ توکي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حضور ۾ وٺي ٿو هلان" اهڙي طرح مونکي جهنگل
باغ ۾ وٺي ويا اُتي هڪ جاءِ عالي قدر ڏسڻ ۾ آئي جنهن ۾ هڪ بزرگ ويٺو هو حضرت جن انهي بزرگ
لڳيان گهڻو تواضع ڪيو. اهو بزرگ به حضرت جن کي ڏسي تمام خوش ٿيو. پاڻ منهنجي ڳالهه ان
بزرگ کي ڪرڻ لڳا تنهن ڪان پوءِ مونکي فرمايائون ته اجهو حضرت امير علي ڪرم الله وجهه ويٺو آهي ٻڌ ته
ڇا ٿا فرمائن مون وڃي سلام ڪيو، حضرت امير ڪرم الله وجهه مونکي فرمايو ته خبردار، خبردار،
خبردار، حضرت سيد الابرار صلى الله عليه وسلم جي اصحابن سڳورن دل ۾ بغض نه رک ۽ ڪنهن
قسم جو عيب انهن سڳورن جي نسبت ۾ زبان تي نه آڻ. آئون ۽ منهنجا ڀاءُ ڄاڻون" پوءِ حضرت
اقدس امام رباني مجدد الف ثاني ڏانهن اشارو ڪري فرمايائون ته هن جي ڪلام کان منهن موڙ
راوي ٿو چوي ته باوجود انهي نصيحت جي منهنجي دل مان بغض نه ويو، پوءِ حضرت امير علي ڪرم الله وجهه
جي حڪم موجب حضرت جن زور سان منهنجي سيني تي مُڪ هنيائون. انهي وقت منهنجي دل مان
بغض نڪري ويو ۽ سندن ڪلام مبارڪ ۾ گهڻو اعتقاد ٿيم.

ڪرامت: - صاحب حضرات القدس جو مولانا بدرالدين رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري ته
هڪ رات نماز سومهڻي کان پوءِ حضرت جن پنهنجي خاص خلوت ڏانهن متوجه ٿيا. هڪ ماڻهو

سندن عزيزن مان حاضر هو. مونکي چيائين ته عجب طعام حاضر آهي جي قبول ڪرين ته هتي گڏجي کائون. مون انهيءَ چوڻ قبول ڪيو. اهو نلخن اترين وات ۾ حضرت جن جي ڳالهه شروع ڪرڻ لڳو آئون انهيءَ رفاقت کان بيزار ٿيس انهيءَ جاءِ تي پهچڻ تائين صبر ڪيم منهنجي اڳيان طعام جو طبق رکي پاڻ منهنجي پاسي ۾ ويهي رهيو ايتري ۾ حضور اقدس مجدد الف ثاني جي غيرت کان ان جا سڀ عضوا هڪ ٻئي کان جدا ٿي ٽڪر ٽڪر ٿي پيا منهنجي بدن ۾ ڏڪڻي شروع ٿي خوف کان اٿاهون ٽڪرو ٿيس جڏهن حضرت جن جي خلوت خاص جي دروازي تي پهتس، ڏٺم ته پاڻ دروازي تي علوتن جي مخالف بيٺا آهن. مون ڏانهن نهاري منهنجو هٿ ورتائون ۽ اڳتي روانا ٿيا جڏهن ان شخص جي جاءِ تي پهتا پاڻ اندر تشريف فرمايائون آئون ٻاهران ويهي رهيس ساعت کان پوءِ حضرت جن نڪتا ۽ اهو شخص به سالم تندرست ۽ سلامت همراهه هو. حضور ۾ عذر پي ڪيائين پاڻ موڪلائي پنهنجي جاءِ تي پهتا. آئون حيرت ۾ گم رهيس ته هن گهڙيءَ ۾ مون ٽڪر ٽڪر ٿيل ڏٺو هو ساڳي گهڙيءَ ۾ جيئرو ٿي زخم ٺوڙ سان. حضرت جن فرمايو ته جيڪي تو ڏٺو ڪنهن نامحرم سان اهو حال اظهار نه ڪج.

ڪرامت:- هڪ بزرگ طائفائي جو حضور اقدس جي مريدن مان هو. نقل ٿو ڪري ته منهنجو پاءُ سخت بيمار هو جنهن جي بچڻ جي ڪنهن کي اميد نه رهي. ايتري قدر جو ڪفن پڻ ان لاءِ وٺي آيا هو جڏهن ته بيمار کي بچڻ جي اميد ڪانه رهي هڪ ڏينهن ڏهر پيا حضور اقدس سجايا ٿيا صبح جي وقت حضور اقدس کي خواب ۾ ڏٺائين ته ان کي هٿ مان ڏيئي بيمار يو اٿن ۽ ان کي فرمايائون ته ڏک نه ڪر. جڏهن جاڳيو پنهنجي بدن ۾ ايتري قدر قوت ڏٺائين جو ٻڪاري لٺ ڏيئي رهيو ۽ چيائين ته مونکي بک لڳي آهي جيڪي مانئيون وقت ويٺا هوا چوڻ لڳا ته ٿي هوش ۾ وقتي لڳو. ان چيو ته آئون وڃڻ لڳو. حضور اقدس جي زيارت ڪرڻ ۽ بشارت ڏيڻ جو بيان ڪيائين پوءِ ان کي شفا ڏني ڏٺائون. حضور اقدس جي ڪرامت ۽ عنايت سان انهيءَ ڏينهن چڱو ڀلو پاڻ ۾ بيماري جو ڪو اثر نه ڏٺائين.

ڪرامت:- حضور اقدس جو هڪ مريد اخلاص وارو نقل ٿو ڪري ته ابائي جي حاڪم منهنجي سڀ زمين ضبط ڪري ڇڏي سموري زمين ظلم سان کسي ورتو. اهو احوال حضرت اقدس جي خدمت ۾ عرض ڪيم. حضور اقدس جن، ساعت مراقبي ۾ ٿي فرمايائون ته تو تي ظلم نه ٿيندو ۽ حاڪم پڻ قهر هيٺ ايندو. نيٺ مون تي جو ظلم ٿيو هو دفع ٿيو ۽ ان حاڪم کي

اسرار ڏانهن ورهه قيل مليو.

ڪرامت:- حضور اقدس جي مريدن مان هڪ برگزيده نقل ٿو ڪري ته حضور اقدس جو رواج هو، جو نئين وڏي، پنهنجي پراڻي کان سلام ڏيڻ ۾ اڳرائي ڪندا هوا، جا هڪ سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي آهي. هڪ ڏينهن دل ۾ خيال ٿيم ته اڄ سندن حضور ۾ اوچتو وڃي سلام ڏيڻ ۾ اڳرائي ڪندس اچانڪ وکون سندن جاءِ کان پري هوس ته مون کين ڏٺو هوءِ نه پاڻ مونکي ڏٺو هوائون جو اندر ان جاءِ جي سندن آواز آيو ته "السلام عليڪم اي فلاڻا." آئون اچان پاهر هوس لاچار جواب ڏنم "وعليڪم السلام" ۽ پنهنجي نيت "اڳرائي ڪرڻ سلام جي" عرض ڪيم پاڻ مرڪي فرمايائون.

ڪرامت:- حضور اقدس جي مريدن مان هڪ بزرگ نقل ٿو ڪري ته آئون تپ محرقه ۾ سخت بيمار هوس انهي حالت کي گهڻا ڏينهن گذري ويا هوا آخر هيٺائي اهڙو غلبو ڪيو جو بچڻ جي اميد ڪانه رهيم ماڻهو مون تي راتيون جاڳندا هوا ته جيئن منهنجي مرڻ جي مهل حاضر رهن. مون درگاه حضور اقدس جي ڏانهن متوجه ٿي مدد گهري ان سختي مرض جي ۾ ڏٺم ته هڪ مرس ظاهر ٿيو جنهن کي چادر نهايت اڇي نوراني مٿي کان وٺي پيرن تائين ويڙهيل هئي سندس منهن به ڍڪيل هو، مون وٽ آيو ۽ چيائين ته هي چادر آهي جا حضرت سرور ڪائنات عليه الصلواة والتسليمات قطب اعظم حضرت شيخ احمد فاروقي نقشبندي ڏانهن موڪلي هئي انهي تنهنجي لاءِ موڪلي آهي آئون توکي ڏيکاريان ٿو جنهن جي برڪت سان توکي صحت ٿيندي. جڏهن هٿ ان چادر تائين پهچايم ڪا شيءِ منهنجي هٿ ۾ نه آئي باقي پيرن کان مٿي تائين ته ڏاڍي نهايت گهڻي ظاهر ٿي. جڏهن پيٽ منهنجا هٿ پيو ته ڏيل ڏ ناچاتائين ته وقت منهنجو پورو ٿيو آهي. ٻڪندي آئي ۽ مونکي هنج ۾ ڪري روئڻ ۽ واڪن ڪرڻ لڳي، آئون فريادن ٿي جاڳي پيس، چيم ته مونکي صحت ٿي آهي ڏک نه ڪريو. شروع گهر به ڪاڏهن انهي گهڙي ۾ چڱو ڀلو ٿيس، صبح جي نماز به ڀي پڙهيم.

ڪرامت:- ساڳيو مٿيون مخلص نقل ٿو ڪري ته مون ۽ منهنجو هڪ سنگتي، جو حضور اقدس جو مريد هو، هڪ دوا امساڪ جي جنهن ۾ افيون يعني آفيم پيل هو گهر پنهنجي ۾ ناهي سون. اسان ٻن کان سواءِ ٻيو ڪو به انهي ڳالهه کان واقف ڪونه هو. اڳين نماز جي حلقي ۾ حضور اقدس جن جي حضور ۾ ويس، دل ۾ ارادو هوم ته گهر وڃي اها دوا کائيندس. حضور اقدس

جن حلقي جي فراغت کان پوءِ حويلي شريف ڏانهن تشريف جو ارادو فرمايو، پوءِ پاڻ دروازي تي بيهي رهيا اسان ٻنهي کي گهرائي، بهشت، حور ۽ محلاتن جو ذڪر ڪيائون ۽ دنيوي لذت جي روڪڻ لاءِ تاڪيد ڪيائون ۽ آخرت جي لذت حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻي تڪرار فرمايائون نيٺ چيائون ته، جادو وارو هاڻ اقليم ۾ ناهي آهي، اهاڻ ڪاڻو. حيران ٿياسون لاچار قبول ڪيوسون ان ڏاڪي پاڻي جي حوض ۾ وڌوسون اها ڪرامت ڏسي ساڳيو ٻيڪاري ارادو گهٽو ٿيو.

بندگان خاص علام الغيوب | در جهان جان جواسيس القلوب
در درون دل در آيد چون خيال | پيش او مکشوف باشد سر حال
آنکه واقف گشت بر اسرار هو | سر مخلوقات چه بود از پيش او

ڪرامت:- ساڳيو مريد نقل ڪري ٿو ته منهنجي والده بيمار هئي حضور اقدس جي خدمت ۾ جي پيسا حضرت خواجه بهاؤالدين شاه نقشبند قدس سره جي نالي ڪڍي ويس، عرض ڪيم ته شفا جي لاءِ دعا گهرو پاڻ دعا گهري فرمايائون ته هي پاسيل پيسا پاڻ وٽ سوگها ڪري رک. مطلب ته اهو نذر قبول نه ڪيائون، رات جو خواب ۾ ڏٺم ته حضور اقدس جن حاضر ٿي مون کي فرمائن ٿا ته فلاڻا جاڳ ته تنهنجي والده جي وفات جو وقت آهي وڃي حاضر ٿيءُ. خواب کان جاڳي بي تاب ٿي رات جو حضور ۾ وڃي حاضر ٿيس ڏٺم ته تهجد کان فارغ ٿيا ويٺا آهن، سلام ڏئي پنهنجو خواب ٻڌايم پاڻ گهڻي دير تائين مراقبي ۾ ٿي فرمايائون ته سگهو وڃ جو تنهنجي والده جي وفات جو وقت آهي رئند وڃي والده وٽ پهتس، نبض ڏٺم ته جاءِ ڇڏي ويئي آهي، سامهون کان پوءِ وفات ڪيائين. اه ____ ڪتابن مان معلوم ٿو ٿئي ته، جو حضور اقدس ۾ شفا جي لاءِ دعا گهرڻ ايندو هو جي اهو جيئڻو هوندو هو ته نذر قبول ڪندا هوا نه ته موٽائي ڏيندا هوا.

ڪرامت:- هڪ بزرگ نقل ٿو ڪري ته جن ڏينهن ۾، ڪن دين جي دشمنن جي ڇڪڻ تي حضور اقدس کي بادشاه کان تڪليف پهتي هئي هڪ شخص جادو ڄاڻندڙ مون کي چيو ته ٻه ٽي اسم هندي زبان ۾ ٿو ڄاڻان جي اڳيئن نماز وڃي وڃين تائين پڙهجن هوند سڀ دشمن ان ڏينهن مري وڃن هي عمل مجرب آهي انهي اسم کي ڪاغذ جي ٽڪري تي مون کي لکي ڏنائين ۽ پوءِ چيائين ته گهر جي ڇت جي ڪاني ۾ رکج پوءِ اهي اسم ان کان سکيم ۽ ڪاغذ لکيل گهر جي ڇت ۾ قابو ڪيم دل ۾ هي خيال پڪو وهاريم ته سڀاڻي ڏينهن اڱاري جو آهي اهي اسم پڙهندس رات جو حضور اقدس کي خواب ۾ ڏٺم شهد آڱرين ۽ مبارڪن ۾ ڏئي ٿا فرمائن

ته منهنجي مريدن کي اهڙا اکر نه ڪري گهرجن جي ته اهو جادو آهي. لاچار مون اهو ڪم ڇڏي ڏنو ته هن کان پوءِ جا تڪليف حضور اقدس کي بادشاهه ڏني هئي "جهڙي حضرت سيدنا يوسف علي نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي ڏني هئي" ان کان بادشاهه پشيمان ٿيو، ڪين گواليار قلعه کان ڪڍايائين، جنهن جو ڪجهه احوال مٿي گذري چڪو آهي. زياده احوال روضة القيوميه جلد اول ۾ موجود آهي. ——— حضور اقدس جن سرهند شريف ۾ تشريف آندي آئون به سندن حضور ۾ وڃي حاضر ٿيس. ساري جهان جا آدمي سندن زيارت لاءِ اچڻ لڳا، مون دل ۾ خيال ڪيو ته جي روبرو مونکي منهنجي ڳالهه ڪرڻ کان سواءِ جادو جي ڪم کان روڪين ته پوءِ اهو ڪم ڇڏي ڏيندس نه ته هڪ پيري ان بي ادب بادشاهه جي جگر تي ٽيڙهندس ٻي ڏينهن پاڻ سرهند شريف ۾ رهيا. ٽيئي ڏينهن انهي نيت سان سندن حضور ۾ ويندو هوس. ٽئين ڏينهن خلق الله جي انبوه مان اٿي حويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرمائي ٿيا هئا، ڪ دروازي تي بيهي مونکي گهرايائون آئون حاضر ٿيس. فرمايائون ته "اي فلاڻا! هندي اسم نه پڙهه جو اهو جادو آهي". شرهند وٽي انهي ڳالهه کان انڪار ڪيم. فرمايائون ته "جا لاءِ اٿين تو چرين حالانڪ اهي نالا فلاڻي جادوگر کان تو سکيا آهن ۽ جو ڪاغذ جنهن تي مٿيان اسم لکي ڇت جي فلاڻي ڪاني ۾ رکيو اٿئي اگرچه جيئن ان چيو آهي جادو اثر ٿو ڪري پر جادو حرام آهي وڃي انکي ڦاڙي ڇڏ". مون شرم کان مٿو هيٺ ڪيو، فرمايائون ته مون سان انجام ڪر ته آئون انکي ڦاڙي ڇڏيندس ۽ انهي ڪم کي هرگز ويجهو نه ويندس پوءِ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ تي هنيائون مونکي انهي ڪرامت ڏسڻ سان دهشت غلبو ڪيو. تمام حيران ٿيس جو ته انهي ڳجهه کان مون ڪنهن کي به واقف نه ڪيو هو، تڪڙ و گهر ۾ اچي اهو ڪاغذ ڦاڙي ڇڏيم.

اولياء اطفال حق اند اي پسر — در حضور و غيب آگه باخبر

پاسبان آفتاب اند اوليا — در بشر واقف ز اسرار خدا

ڪرامت ۹:- هڪ بزرگ نقل ٿو ڪري ته مونکي سدائين هيءُ خيال دل ۾ رهندو هو ته حضور ۾ حاضر ٿي طريقي جي ذڪر سان مشغول ٿيان پر ڪنهن سبب ڪري منهنجو سندن حضور ۾ وڃڻ نه ٿيندو هو هڪ رات ارادو پڪو ڪيم ته سڀاڻي سندن خدمت ۾ وڃي عرض ڪندس ته مونکي پنهنجي مريدن ۾ داخل ڪيو ۽ ذڪر جي تعليم ڏيو. ان رات خواب ۾ ڏٺم ته هڪ اونهون درياءُ آهي ۽ اوري پر بيٺو آهيان اوچتو حضور اقدس جي نگاهه مون تي پئي فرمايائون ته "سگهو سگهو آءُ"

تو دير ڇو ڪئي آهي“. سندن فرمائڻ شرط منهنجو قلب ذڪر ۾ مشغول ٿيو جنهن جا اگيس منهنجي قلب کي ذڪر ڪندڙ ڏسان ٿو. جيئن طريقه نقشبنديه ۾ آهي. حالانڪ مون ڪنهن کان نه ٻڌو هو ته سندن طريقي ۾ شغل ڪهڙو آهي. صبح جو سندن خدمت ۾ آيس سندن تصرف ۽ ڪرامت جو احوال عرض ڪيم. فرمايائون ته ”طريقو اهو آهي انهيءَ تي هميشگي ڪر.“

تشنه مي نالد که اي آب گوار — آب هم نالد که کو آن آب خوار
تشنگان گر آب جويند از جهان — آب هم جويد به عالم تشنگان

ڪرامت:- مولانا محمد حنيف ڪابلي فرمايو ته هڪ بزرگ ملاقي ٿيو احوال ڪيائين ته آءٌ حرمين الشريفين زادهما الله سبحانه شرفاً وعظماً وڪرماً ڏانهن ٿي ويس جڏهن سرهند شريف ۾ پهتس سندن آستان بوسي کان مشرف ٿيس ان وقت پاڻ نماز کان فارغ ٿي خلوت جي جاءِ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ٿي فرمايائون. انهي وچ ۾ مون سلام ڪيو ۽ سندن حضور ۾ اڳيان بيهي رهيس. حضور اقدس جن خادم کي فرمايو ته وڃ ٽڪر ماني جو ڏوري تان وٺي اچ. خادم حڪم موجب ٽڪر مانيءَ جو آندو. حضور اقدس جن ٽڪر خادم کان وٺي منهنجي بغل ۾ وجهي فرمايو ته ”اي درويش وقت تنگ آهي هي ٽڪر مانيءَ جو تنهنجو مرشد آهي، تنهنجي سلوڪ باطني جي سينگار ڏيڻ لاءِ هي استاد ڪافي آهي. تنهن کان پوءِ خدمت مان موڪلايم هر گهڙي منهنجو احوال باطني روز روشن ٿي ڏينهون ڏينهن لحظه ۾ بيو بيو حال ٿيندو ويو جو ٻين ڪيترن سالن ۾ ٿيو اڳ جي وڏي رياضت ۾ نه ٿيم ءِ هن مهربانيءَ جي بوءِ ڪانه هئم. الله اڪبر ڇا نه فيض مجدد جي موج زن آهي. وَيَجُوْدُ دَرُّ مَنْ قَالَ

جو شانِ مجددؒ کو مانا نہیں ہے — تو شانِ رسالت کو جانا نہیں ہے

ڪرامت:- حضور اقدس جي مريدن مان هڪ خداءِ جو پيارو نقل ٿو ڪري ته آءٌ حضور اقدس جو مريد هوس پر اڃا پوليس جي نوڪري نه ڇڏي هوم. هڪ رات منهنجي جوڙي ڏيڻ جو وارو هو سنگتين مان هڪ نشي گڏائي شربت مون لاءِ آندو ۽ گهڻو ويڙهه پيائين ترڪي ۾ مون ان نشي جي پيئڻ کان انڪار ٿي ڪيو هن جو ارادو هو ته زوري ڪري ٻين کي پيارين اينتري ۾ حضور اقدس جن جاڳ ۾ حاضر ٿيا. شهادت آڱر ڏندن مبارڪن ۾ وجهي انهيءَ ڪم جي منع لاءِ اشارو فرمايائون. مونکي سندن صورت مبارڪ ڏسڻ شرط جذبي غلبو ڪيو ۽ جيڪي ٽيهه ڇهن مهينن تائين اهو جذبو رهيو. انهي جذبي جي حالت ۾ هميشه حضور اقدس جي جاءِ ٿي

اکين اڳيان ٻيٺل ڏسندو هوس.

هان وهان اين دلق پوشان من اند ؛ صد هزاران صد هزار و يک تن اند

ڪرامت:- هڪ ٻجت واري، سنڌ ن مريدن مان نقل ٿو ڪري ته هڪ ڀيري آئون هڪ رنگيلي تي عاشق ٿي پيس اهڙي حالت کي پهتس جو اگ اختيار جي چرين وانگر منهنجو هٿن مان نڪري ويئي هئي. هڪ ڏينهن پنهنجي گهر ۾ مان معشوق کي گهرائي عيش جي مجلس ڪرڻ تي عزم تاراج وصال ڪري ياڻ. اوچتو حضور اقدس جن حاضر ٿيا ۽ منهنجي مُنهن تي چماٽ هنيا پوءِ نظر کان غائب ٿي ويا. چماٽ لڳڻ شرط ساري بدن ۾ ڏڪڻي وٺي ويم. جنهن ڪري ان ٻڇڙي ڪم ڪرڻ جي توفيق ڇڏي ويم پوءِ انهيءَ ٻُڇڙي ڪم کان پشيمان ٿي ڪلُ سان توبه ڪيم.

دست پيراز غائبان کوتاه نيست ؛ قبضه او جز قبضهٔ الله نيست

ڪرامت:- حضور اقدس جي مريدن مان بزرگ نور محمد نالي نقل ٿو ڪري ته منهنجي گهر ۾ جنن جو گهڻو ايذاءُ هو، منهنجي پاءِ کي نقصان پهچايو هوائون، آخر انهي آسيب ۾ فوت ٿيو. تنهن کان پوءِ مونکي پڻ جنات جو آسيب پهتو جنهن ڪري خيمون تي ويس منهنجي حياتي جي اميد ماڻڻ لاهي ڇڏي هئي. هڪ ڏينهن سمهيو پيو هوس، جو هڪ جن منهنجي مٿان چڙهي ويٺو، ايتري توفيق سان جو سوٽ پاڻ تان لاهي نه ٿي سگهيس انهي پريشاني حالت ۾ حضور اقدس جن مونکي ظاهر ڏسڻ ۾ آيا هڪل ڪري فرمايائون، "اي نور محمد ڏک نه ڪر هي جن آهي ڇا وبندو. "اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطَانِ كَانَ ضَعِيْفًا" ط جن انهي ڪلام ٻڌڻ شرط مونکي ڇڏي ويو. جڏهن اُٿيس حضور اقدس جن منهنجي نظر کان غائب ٿي ويا. هن کان پوءِ ڪنهن کي اسانجي گهر ۾ آسيب نه پهتو. جن ان گهر مان نڪري ويا هيڪر مون جنن کي ڏٺو ته متاع سميت لڏي ٿي ويا چيائون ٿي ته اسانکي هتان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني لڏائي ڇڏيو هاڻي شاد يوال ڏانهن تا وڃون

هر که ترسد از خدائے انس و جا ؛ ترسد از وی جمله شي اندر جهان

ڪرامت:- سيد شرف الدين حسين، جو حضور اقدس جو خاص مريد هو نقل ٿو ڪري ته مونکي خيال ٿيو ته بني سُنا ڪپڙا ۽ بيا ڪي کمائتا وَ سُلا بورچي خانه جا، حضور اقدس ڏانهن موڪليان. اهو سامان رضاعي پاءِ جي هٿ موڪليم. هڪ عورت، جا منهنجي ساهُن مان منهنجي گهر مهمان هئي اندران نڪري چيائين ته هڙ اڪيتا جو موڪلين ٿو، تن کي ڏرويش

چاڪند اپاڻ هرگز ڪين ڏکيندا، مون چيو ته جي پاڻ نه ڏکيندا ته گهر اچي مون کي
بکما بيندا. جنهن منهنجو رضاعي ڀاءُ الهه يار حضور انور ۾ حاضر ٿيو. ڪپڙا ۽ اسباب
بوريءَ جي خاني جو خدمت ۾ حاضر ڪيائين. حضور اقدس جن خادمن کي فرمايو ته اسباب بوريءَ
خاني جو ڏنو". پوءِ ڪپڙن ڏانهن نگاهه ڪري فرمايائون ته سيد شرف الدين حسين کي خرچ ته
هي ڪپڙا سُنا عمدي ۽ نئون جا آهن، جي درويش جي ڪم نه ايندا. بعضي عورتن جا اهڙا
گهر ۾ آهن انهن کي ڏجو ته ڏکن، جو انهن جي لائق آهن". آخر اهي ڪپڙا موٽائي موڪليائون
جنهن عورت اهو گفتگو ڪيو هو، انهي ڪرامت کان نهايت شرمندي ٿي توبه ڪيائين ۽ عمل
نه پيهي حضور اقدس جي نسبت ۾ گفتگو نه ڪيندس.

درشر روپوش ڪرده است آفتاب — فهم ڪن والله اعلم بالصواب

ڪرامت:- هڪ ڏينهن حضور اقدس جن خلوت ۾ ويٺا هوا عبد المؤمن نالي نئون
مسلمان ٿيل حضور ۾ حاضر هو انکي فرمايائون ته "گهر جا تو گهر ۾ جيڪي ٻر گهر ندي
اهو ٿيندو". عبد المؤمن چيو ته حضرت منهنجا منهنجي ماءُ ۽ ڀاءُ ڪفر ۾ آهن مون سان
گهڻي دشمني اٿن گهڻو درلاتم پر مسلمان نٿا ٿين، دعا ڪريو ته اسلام قبول ڪن. حضور
اقدس فرمايو ته "ڪجهه بيو گهرين ها" عرض ڪيائين ته بالفعل اهو عرض آهي ٻيا مطلب
به اوهان جي برڪت سان ٿيڻ حاصل ٿيندا. حضور اقدس فرمايو ته "چڱو سگهو مسلمان
ٿيندا". ٿئين ڏينهن اهي سامائي شهر کان سرهند شريف ۾ حضور ۾ حاضر ٿي مسلماني
کان مشرف ٿيا.

ڪرامت:- حضور اقدس جو هڪ مريد نقل ڪري ته ماڻهن کان لڪي افيون يعني آفيم
کائيندو هو. انهي ٻن ڪم کان ڪو ماڻهو واقف ڪونه هو. هڪ ڏينهن هم رڪاب سعادت
مآب حضور اقدس سان ٿي ويس انهيءَ وچ ۾ مون ڏانهن نگاهه ڪري فرمايائون ته اي
فلاڻا تنهنجي قلب ۾ اوندهه ڏٺو ڏسان تنهنجو ڇا سبب آهي "لاچار اقرار ڪيم ته آئون لڪي
آفيم ٿو کاوان، پر هاڻي توبه ڪيم.

ڪرامت:- حضور اقدس جي عزيزن مان هڪ سگوري کي پٽ ڄمندا هوا پر ننڍي پڻ
۾ فوت ٿي ويندا هوا. انهيءَ ڪري حيران پريشان رهندو هو. هيڪر انجي گهر فرزند ڄمند
تولد ٿيو. حضور اقدس ۾ ڪٺي آيو ۽ عرض ڪيائين ته جي هي منهنجو پٽ وڏو ٿيو ته اوهان جي

درگاهه عرش پناهه جو ذڪر ڪندس. حضور اقدس توجه ڪان پوءِ فرمايو ته ”هن نينگر جو نالو عبدالحق رکو. جيڪو هندو وڏي عمر وارو ٿيندو. پوءِ منهنجي پٽ ڀلوڙي ته حضرت خواجه بهاءُ الدين شاهه نقشبند رضي الله تعاليٰ عنه جو ڏينهن آهي“. آخر حضور اقدس جي نفس نفيس عيسيٰ دم جي برڪت سان اهو نينگر وڏي عمر وارو ٿيو.

ڪرامت: - خواجه محمد احسان پنهنجي والد بزرگوار شيخ احمد حسن قدس سرهما کان روايت ٿو ڪري ته هڪ ڪيميا گر، مرد خدا جل وعلا حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. اڪسير جو وڏو پڙو پنهنجي اسباب مان ڪڍي حضور انور رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾ پيش ڪري عرض ڪيائين ته هن مان ايترو سون ٺهي سگهندو جو هندستان جي سڄي بادشاهي جي خرچ برابر هوندو. حضور انور جي خانقاهه جي ڪيترا طالب آهن انهن جي خرچ جي ڪم ايندو. حضور انور رضي الله تعاليٰ عنه جن ان کي فرمايو ”آءٌ توکي هڪ ڪم ٿو ڏسيان، شرط هي آهي جي اهو ڪم تون ڪندين ته توکان پوءِ آئون اهو پڙو اڪسير جو وٺندس. ڪيميا گر عرض ڪيو ته ٺيڪ آهي وڃان، حضور جن جو حڪم چوڻ بجا آڻيندس. حضور جن هڪ خادم کي فرمايو ته جڏهن وقت آءُ پاخانه مان ٻاهر نڪران ته تڏهن منهنجو بول براز سڀ کڻي هن شخص ڪيميا گر کي ڏجي، ان کي چئجي ته شهر کان ٻاهر نڪري پوءِ ان ۾ نگاهه ڪري. ان ڪيميا گر حسب الارشاد بنان ڪنهن ڪراهت جي اهو بول ۽ براز بغل ۾ ڪڇي جهنگ جي طرف روانو ٿيو. جڏهن شهر کان نڪري ان ۾ نگاهه ڪيائين ته سمورو سون خالص هو هڪ عجيب حالت ڏسي حيران ٿي حضور جي مريدي کان مشرف ٿي سموري عمر پنهنجي درگاهه فلڪ بارگاهه تي پوري ڪيائين. (روضة القيوميه جلد اول)

بندهٔ يک مرد روشن دل شوی — به که بر فرق سر شاهان شوی
صحبت با اوليا چون کيمياست — کيميائی خود باين خوبی کجاست

ڪرامت ثاني: - منقول آهي ته هڪ بزرگ زاده پٽ وتو حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره پاڻ کي حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه کان ڀلو ٿو ڄاڻي، انهي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ حضرت اقدس ۾ آيو ته سچ پچ حضور اقدس جن فرمايو آهي ياڪ. پيو ته جيڪڏهن حضرت امام رباني قدس سره صاحب ڪماليت ۽ ولايت جو هوندو ته مونکي پنهنجي ڏاڏي جو اطلاع ڏيئي ۽ هڪ جو نالو نشان ٻڌائي، پڻ منهنجي ڏاڏي جي حالات بيان ڪندو. ٿيو نه

ڪير چاهيندو، جي مونکي ڪارايائين ته چاهيندس ته بي شڪ وٺي آهي. حضور اقدس جن حويلي مبارڪ
ڏانهن ٿي ويا. ڪجهه ديري وڃي پوءِ موٽي آيا گهٽي ۾ ويٺي ان بزرگ کي فرمائڻ لڳا ته مونکي ان شخص
جي مسلماني ۾ شڪ آهي جو پاڻ کي ڪافر فرنگي کان ٻيو نٿو چائي. حضرت صديق اڪبر رضي الله
عنه کان پڇو چاهڻ ته ديري آهي وري فرمايائون ته تهجي پيءُ ڏاڏي جو هيءُ نالو هو پوءِ وري
ان جي وڏن جي هرهڪ جي ڪمالات بيان ڪري خادم کي فرمايائون ته ڪيئن چاهيندو، جو مون
ذڪر ڪري رکيو هو هن جوان کي آڻي ڏي. اهيو حصو انهيءَ لاءِ رکيو هوم. بزرگ زاده ٿي ٿا اهيون
ڳالهيون حضور اقدس جن جي من مبارڪ ڳالهيون ٻڌي پوءِ خطري کي ظاهر ڪري پوءِ مريد ٿيو سلسلة الذهبية ص ۴۳

ڪرامت :- نقل آهي ته هڪ بادشاهه زادي جي قتل ڪرڻ لاءِ بادشاهه حڪم ڪيو. بادشاهه زادو
نهايت حيران ٿي پيرن فقيرن کان دعائون پڻ لڳوائيءَ وڃ ۾ ان جو نجات ڪيو جو حضور
اقدس جن جي آگري ۾ تشريف ٿي ان قيدي شاهزادي پنهنجي هڪ آشنا کي جو حضور اقدس
جو مريد هو جيوته منهنجي پاران حضور اقدس کان دعا گهرايوءِ جو ته الله ڪارڻ مدد فرمائي
ان آشنا شاهزادي جي پاران اچي عرض ڪيو پاڻ انجي جو ڇوٽڪاري لاءِ متوجه ٿي فرمايائون
ته شاهزادي کي ڇوٽو ته قتل کان بچي ويئن شاهزادي اها خوشخبري ٻڌي، پوءِ ورد دل کي آرام
نه آيس گهڻو پريشاني جو ڪري هڪ معتبر ولي مجذوب وقت ديوان جيس ته اڪابر اولياء
نقشبندن زمان هڪ شخص اچي تنهنجي ٻڌي ڪري مان ڪيو ڇڏيو آهي. شاهزادي کي مجذوب
مجذوب اها خبر ڏني ته تڏهن آرام آيس ڪن ڏينهن کان پوءِ قيد کان ڇٽي سڀ کان جي ٿي مقرر ٿيو.

(سلسلة الذهبية جلد اول ص ۲۹)

ڪرامت :- مولانا محمد هاشم برڪات احمديه ۾ لکي ٿو ته آئون هڪ ڏينهن قرآن شريف
جي تلاوت ۾ مشغول هوس پڙهندي پڙهندي جڏهن هن آيت تي آيس "وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ
بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ عَسٰٓى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا" تڏهن دل ۾ خطرو پيو ته تهجد جا
پڙهڻ وارن کي پڻ مقام شفاعت جي ۾ دخل آهي. پوءِ هي ارادو ڪيم ته هي مسئلو حضور اقدس
کان پڇندس. پوءِ انهي نيت سان سندن خدمت ۾ آيس پاڻ ان وقت وضو ٿي ڪيائون. مونکي
ڏسي فرمايائون تهجد پڙهندا وڪ مون عرض ڪيو ته گهڻو ڪري پڙهندو آهيان. فرمايائون جو شخص
مقام محمود کان "جنهن کي مقام شفاعت جو چوندا آهن" پورو حصو وٺڻ گهري، انکي گهرجي ته پاڻ
تي تهجد پڙهڻ واجب سمجهي. پوءِ پاڻ پڻ مٿين آيت سڳوري تلاوت فرمايائون. مون عرض ڪيو

ته خدمت عاليءَ ۾ ان جي ارادي لاءِ حاضر ٿيو هوس، سو الحمدلله عرض ڪرڻ کان سواءِ حضور اقدس
جي ڪرامت سان منهنجو مطلب پورو ٿيو. سلسلة الذهبيه ج ١ ص ٤٩ ۽ زبدة المقامات و عمدة المقامات

ڪرامت ٤:- حضرت قيوم جهان مرشدنا و مولانا خواجه حاجي شاه فضل الله صاحب
رضي الله تعالیٰ عنه جن عمدة المقامات ۾ لکن ٿا ته مون ڪن اڪابرن کان ٻڌو ته لکنوءَ جو هڪ
رافضي حاڪم هو ان جي ماڻهن مان هڪ شخص، جو لکنوءَ جي آس پاس رهندو هو، ٽن يارن
سڳورن رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين کي بد شد چوڻ لڳو ان پسگردائيءَ ۾ هڪ سردار
اهل سنت جماعت جو هو تنهن کي اها ڳالهه ناپسند آئي جنهن ڪري ان رافضي کي قتل ڪرائي ڇڏيائين
جڏهن اها خبر لکنوءَ جي حاڪم کي پهتي تمام گهڻي ڪاوڙ ڪري قسم کنيائين ته آءٌ ان شخص
کي جنهن منهنجي ماڻهوءَ کي قتل ڪرايو آهي، گهڻن عذابن ۾ ڦاسائي ماريندس ۽ آدمي دوڙايائين ته
سگهو ان کي پڪڙي مون وٽ وٺي اچو جڏهن ته آدمي آيا ۽ انکي پڪڙي حاڪم ڏانهن وٺي هليا.
اهل سنت جماعت جي ڏٺو ته هڪ جماعت محترم حضرات خواجگان نقشبنديه ۽ پنهنجن وظيفن
۾ مشغول آهي. ان جماعت کي قيدي سردار اهل سنت جماعت عرض ڪيو ته اي حضرات!
منهنجي هي ڪيفيت آهي ۽ آفت جي چنبي ۾ گرفتار آهيان، خدا ڪارڻ مون کي دعا ڪريو. ان جماعت
جي ماڻهن مان هڪ هن کي وات ختمي "لاحول ولا قوة الا بالله" جي ڏسي ته پڙهندو رهه، جو اهو
ختم ان حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه ڏانهن منسوب آهي
اهو شخص پڙهندو رهيو، وات ۾ هڪ درياءَ جو ڪپر نظر ۾ آيس، ان قيدي کي ڏسڻ
۾ آيو ته هڪ نوراني شخص ٻيڙيءَ ۾ ويٺو آهي ۽ اها ٻيڙي سواءِ مهاڻي جي پئي هلي. جڏهن
ويجهي آئي ته هن ان بزرگ فرمايو ته ختمي جو مالڪ آءٌ آهيان تنهنجي ڇوٽڪاري لاءِ آيو آهيان
تون هر طرح خاطر جمع رک ۽ دل نه لوڏ. ايتري چئي وڃي پيا. غرض ته ٻيڙي رواني ٿي وئي ۽ اهو
شخص منزل به منزل اچي حاڪم جي روبرو پيش ٿيو حاڪم ان کي ڏسڻ شرط اٿي پيو
ادب سان ويهاري رهيو ۽ وڏي خوشي سان عذر ڪيائين ۽ گهڻا رپيا ۽ ڪپڙا ان کي عنايت ڪري
موڪل ڏنائين. جڏهن ان کي هن هلاڪي کان ڇوٽڪارو پاتو تنهن کان سواءِ پيرون پڻ
حضرت امام رباني قدس سره جون ڪرامتون ڏٺائين تنهن ڪري حضور اقدس جو پڪو
مريد ۽ مخلص ٿيو ۽ هڪ قصيدو سنڌي زبان ۾ لکيائين ۽ تخلص پنهنجو اويسي رکيائين ۽
حضور اقدس جي اولاد امجاد جي پڻ گهڻي تعريف لکي. اهو قصيدو هن جاءِ تي لکڻ لاءِ گهڻن

قصيدن مان هڪ قصيدو لکيو اٿئون: راقم الحروف به قصيدي جي پنجن ڇهن بيتن مان ڪي بيت تبرڪا ڪي ٿو

آنکہ نامش چو برآمد بزبان می گردد   قوت ناطقہ را علم لدنی از بر
شیخ احمد کہ مجددؒ لقبش کرد خدائے   الف ثانی شدہ زو تازہ بدین مستظہر
الفش از احدیت ز حقیقت حاکیش   میم از معرفت و دال بدانش رہبر
در ولایت بہ کمالات نبوت مخصوص   بہر اتصال خلائق بہ معانی ز صور
ہر کہ در حلقہ خاصش نفسی زو آورد   حلقہ زد بر در لاہوت ز مفتاح اثر
آسمان جاہ شہنشاہ سریر تکمیل   کہ شود قطب زمان حاجتش از فیض نظر
بست بر صفحۂ ہر سادہ دل نقش کمال   نقشبندی عجبی ہست بدین تازہ ہنر
ہر کس احرام حرم میکند از بہر طواف   کعبہ در مسجد اش آمد بہ صفائی منظر
گفتگوئش بحقائق ز رہ صدق وصفا   نطق حق دان کہ بود زبدۂ اولاد عمرؓ
جوش علمش ہمہ ہر جا کہ بود آل علیؓ   کان پی دار علوم نبوی آمد در
نسبت فضل طریقش بطرق ہست چنان   کہ بصدیقؓ بود رتبۂ اصحاب دگر
رفت از دائرۂ ظل سوی مرکز اصل   یعنی از ذات احد گشت بجان مستبشر
مشرب احمدی وخلت ابراہیمی   کرد این جمع بحرص دلش را اظہر
نقشبندی بدل وقادری وچشتی بال   طائر معرفتش را کہ بود عالی پر
نسبت فیض طریقش نہ باحیاست فقط   مستفیض ست ازو مجمع اہل مقبر
اوست قیوم کہ عالم بفیوضش قائم   تا قیامت بود از مہلکۂ خوف و خطر
ہر کرا شد بسوئے مبدء فیاض عروج   ہمتش ہست عموماً بتوسط مضمر

ڪرامت:- جناب سيادة پناه سيد جمال، جو صاحب ذوق ۽ حال جو هو ۽ حضور انور جي خاص مريدن ۾ داخل هو بيان ڪري ٿو ته هڪ ڀيري مان اوچتو منهنجي روبرو شينهن ٻچي بنا آغاز ٿيو جنهن هيڪلائيءَ ۾ ان درندي جي هيبت ڪان سخت ڊنس. ڀڄڻ جي به واهه نه ڏٺم لاچار ٿي مون حضور جن جي باطن ڏانهن نهايت عاجزي سان متوجه ٿي مدد گهر ڻ لڳس. اوچتو ڏٺم ته پاڻ پيري ڪان لٺ هٿ ۾ کڻيون ڊوڙندا اچن آخر اچي شينهن جي منهن تي زور سان لٺ هنيائون. جنهن حضور جن جي ڊنڊي جي گهاءِ ۾ تاب نه سهي ڀڄي ويو. تنهن ۾ ئي شينهن نظر آيو نه حضور جن رضي الله تعالى عنه ڏسڻ ۾ آيا

آنکہ بر افلاک رفتارش بود   بر زمین رفتن چہ دشوارش بود (زبدة المقامات ص ٢٦٣ ج ١ مستدرج)

كرامت:- حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي هڪ مريد تي جزام (ڪاکي) جي مرض زور ورتو ويو جو ماڻهن ان سان اٿڻ وهڻ ۽ ڳڻ جڻ صفا ڇڏي ڏنو ۽ سڀڪو ان کان پري ٿيڻ لڳو. ايتري قدر جو سندس سڀ دوست به هڪ ڏينهن ساڻس گڏ کائڻ کان انڪار ڪيو، جنهن ڪري بالڪل شرمنده ٿي حضور انور جي التجا دعا طلبي لاءِ آيو.

رحمت رباني حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان اهڙو توجه فرمايو جو اها بيماري ان کان لهرائي پاڻ تي آندائون جنهن ته ان مرض جو داغ سندن پيرن مبارڪن تي ظاهر ٿيو. پر ان شخص ۾ انهيءَ مرض جو نالو نشان نه رهيو. طالبن ۽ حضور جن جي فرزندن سڳورن ذڪر پير جي خدمت ۾ انهي مرض جي دفع ڪرڻ لاءِ ڪين عرض ڪيو. پاڻ، "جو سندن وجود مبارڪ عين رحمت هو" فرمائڻ لڳا ته انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. مونکي انهيءَ بيماريءَ ۾ رهڻ ڏيو ماڻهن جڏهن حد کان زياده عاجزي سان عرض ڪيو ته خدا ڪارڻ هن مرض کي پاڻ تان دفع فرمايو ته پنهنجي حضور جن طالبن جي خاطري لاءِ هيءَ بيماري هڪ وڏي تي وڌي جنهن وڏي کي ڪاغذ پوچيندا هئا. انهيءَ ڪري اهو وڏ صفا سڪي ويو. (روضة القيوميه) رب جو ماڻهن معلوم ٿيو ته ان بيماريءَ جو نالو محمد صادق هو.

اکمه وابرص چه باشد مرده نيز — زنده گردد از فسون آن عزيز

كرامت:- مولانا محمد امين قدس سره، "جو خواجه ديوان سور تي جو مريد هو". اهڙو بيمار ٿيو جنهن کي نه دعا نه دوا ڪنهن جي اثر ڪيو. حضور اقدس ۾ عريضو لکيائين ته منهنجي حال تي توجه فرمايو ۽ ڪو ڪپڙو تبرڪا عطا ڪريو. حضور جن کي ان جي حال تي بالڪل رحم آيو. عريضه جي جواب ۾ تحرير فرمايائون ته ڪو به فڪر نه ڪر انشاء الله تعالیٰ تون چڱو ڀلو ٿيندين. تنهنجي طرف کان مون کي دلجاءِ آهي تنهنجي گهرڻ تي پيراهن موڪلجي ٿو جو ڪڻ گهر جي جنهن مان گهڻن فائدن جو اميدوار آهيان. مولانا جن هن حضور انور جن جو پيراهن مبارڪ ڍڪيو. بلڪل چڱو ڀلو ٿي پيو. پوءِ حضور اقدس ۾ حاضر ٿي مريدن ۾ داخل ٿي آخر عمر تائين سندن خدمت ۾ رهي حضور انور جي فيوض ۽ برڪتن کان مشرف ٿيو. سلسلة الذهبيه جلد اول ص ٩٤.

زبدة المقامات ۾ بعينه مڪتوب شريف حضور جن جو درج ڪيل آهي، جو مولانا ڏانهن ارقام فرمايو اٿن

كرامت:- هڪ درويش، جو حضور اقدس جو مريد هو. پنهنجي شهر ملتان کان درگاه شريف تي آيو عرض ڪيائين ته منهنجي گهرواري، جا حضور اقدس جي مريدياڻي آهي، ساڪيترن ورهين کان سخت بيمار ۽ گهڻن مرضن ۾ گرفتار آهي جنهن جي علاج کان طبيب نهايت عاجز ٿي آيا

ياڻي بہ نهايت پريشان ٿو گذاريان. حضور اقدس جي توجه جو اميدوار آهيان ان جي حق ۾ شفالاءِ دعا گهران. جنهن تي گهڻي زاري ڪيائين تنهن فرمايائون "اورا در ضمن خود گرفتم". يعني ان کي پنهنجي حمايت ۾ ورتم." تنهن کان پوءِ ديوليش موڪل وٺي جڏهن ملتان پهتو تا تهون حضور اقدس ڏانهن عريضو لکيائين، تنهن ڏينهن حضور اقدس جن دعا فرمائي هئي انهي ڏينهن منهنجي اهليه تندرست ٿي. حضور اقدس جن ان جو خط پڙهي فرمايو الحمد لله علىٰ ذالڪ. سلسلة الذهبيه ص ١٣ جلد اول. وغيرها.

ڪرامت:- هڪ دولتمند جنهنجو خاندان عالي شان ٻن ڳڙهن اُڏن مان هو عسند والدڪا بادشاهزادي هئي، تو ان جي مرض ۾ گرفتار ٿيو. انهي بيماري ۾ ڪيتري مدت پئي چُريو. طبيب حاذق بہ علاج ڪري ڪري عاجز ٿي نااميد ٿي پيا. ان بيمار حضور اقدس ڏانهن ڪنهن مريد کي عريضو لکي ڏنو. حضور اقدس جن صبح جو ان جي حال ڏانهن توجه فرمايو ۽ پنهنجي مريد کي فرمايائون ته توں وڃ ان بيمار کي مبارڪ ڏي ته تون چڱو ڀلو ٿي وئين. حڪم موجب بيمار جي گهر آيو، جو ڪنڌ لي ٿي پيو هو. حضور اقدس جي مريد چيس ته ميان تون ته چڱو ڀلو ٿيو آهين. خدا تعاليٰ توکي صحت بخشي آهي. هاڻي تون ڇو سمهيو پيو آهين. مريض چيو ته ڳالهه ڪر ته ڇا ٿيو؟ چيائين ته منهنجي پير مرشد مڪمل حضرت خواجه امام رباني قدس سره توکي چڱڀلائي جي مبارڪ ڏني آهي اُٿي ويهي رهه. اهو ٻڌي هن جو بيمار جنهن اٿي ويهي رهيو تنهن حضور اقدس جي توجه جي برڪت سان پنهنجي وجود ۾ بيماري جو ڪو به اثر نه ڏٺائين. سلسلة الذهبيه ص ٨٣ وغيرها. جواهر علويه ص ٩٢٧

ڪرامت:- هڪ شخص حضور اقدس سان اچي نذر کي عرض ڪيو ته منهنجو پٽ بيمار آهي انجي شفالاءِ دعا گهرڻ آيو آهيان گهڻو ئي زاري ۽ نيازي ڪيائين مگر پاڻ انجو نذر قبول نه ڪيائون مجلس وارن سمجهيو ته حضور اقدس جن نذر نه موٽائيندا آهن هي جو موٽايائون شايد هن جو پٽ نه بچندو. مجلس وارن جو خيال پورو ٿيو جو آخر شام تائين ان جو پٽ مري ويو. سلسلة الذهبيه وغيرها ص ٨٥

ڪرامت:- خواجه محمد هاشم صاحب نقل ٿو ڪري ته مون سان هڪ عزيز صاحب فطرت جي، جو حضور اقدس جو پيارو مريد هو. ڳالهه ڪئي ته ڪنهن ضرورت ڪم لاءِ لاهور کان برهانپور ٿي ويس. جڏهن سرهند شريف ۾ آيس حضور اقدس جي قدمبوسي کان

مشرف ٿيس ته هن کي جهڙي بيماري هيٺ وکري ڏنو، فڪر ۾ رهيس ته هت رهان يا وڃان حضور اقدس جن فرمايو ته جي توکي ضروري ڪم آهي ته روانو ٿيءُ، ان شاءَ الله تعاليٰ سڀ خير آهي. حڪم موجب اڳتي روانو ٿيس، جڏهن ٻه ٽي منزلون هليس ته ڏٺم سڀني بيماري مون تي غلبو ڪيو. رات جو تمام هيٺ وڃي پيس، انهي ضعف جي غلبي ۾ دل ۾ چوڻ لڳس ته حضور اقدس جن فرمايو هو ته وڃ سڀ خير آهي، هن وقت وري هيءَ حالت ٿي پئي آهي انهيءَ خطري کان پوءِ ان پريشانيءَ تپ ۽ جوش جي حالت ۾ حضور اقدس جو جمال نظر آيو فرمايائون ته خاطر جمع رک تنهنجو ضعف لاهي ڇڏيم ها اڳتي روانو ٿي صبح جو بدن ۾ بيماري جو ڪو اثر نه ڏٺم جڏهن دهليءَ ۾ پهتس ان هون جي هڪ دوست مونکي گرم محجون ناهي ڏني، ڪائي شرط هيڪاري هيٺ ون ٿي پيس، هڪ جاءِ تي پيو هوندو وهوس ۽ حضور اقدس جو نالو مبارڪ وٺي مدد گهرندو وهوس، پر ڏينهن نه لنگهيا جو منهنجو هڪ جهونو دوست، جو حضور اقدس جي خدمت ۾ رهندو هو وچتو مون وٽ آيو، احوال ڏنائين ته مونکي حضور اقدس جن موڪليو آهي ۽ مونکي فرمايائون ته تنهنجو يار بيمار آهي، تو جهڙو ۽ محرم ڪارڏ ان ان سان همراه ٿيڻ موچارو آهي. موڪلائڻ مهل گوتڙي مصري جي ڳهرائي مونکي تولا ڏنائون جا هيءَ حاضر آهي مون چيو ته هي مصري حضور اقدس جن منهنجي مرض ٽارڻ لاءِ دوا ڪري موڪلي آهي ۽ انکي شربت ڪري ٿو پيان طبيبن جهليو ته تپ جي غلبي ۾ مٺاڻ ۽ ٿڌي شيءِ ڪانٽ نقصان آهي. مون انهن کي جواب ڏنو ته ٻي فائدي وند بکو لهادوا ان طبيب الٰهي مون ڏانهن موڪلي آهي لاچار مونکي شربت ناهي ڏنائون. پيڻ شرط اڌ بيماري لهي وئي ٻئي ڏينهن باقي رهيل مصري شربت ڪري پيتم. سڀ بيماري لهي ويم. جيڪي حاضر هوا حيرت ۾ پئجي ويا اها ڪرامت ڏسي مريدن ۾ داخل ٿيا. زبدة المقامات ص ٣٢٤

چند خواني حكمت يونانيان   حكمت روحانيان را نيز خوان

دل منور كن ز انوار جلي   چند باشي كاسه ليس بو علي

ڪرامت:- نقل آهي ته وڏا جي ڏينهن ۾ هڪ شخص ٻڙهن کي خواب ڏنا حضور اقدس وٽ انجي احوال ڪيائين پاڻ انکي ڳهرائي حِصْنُ الحَصِيْن جو اجازو ڏنائون جنهن پڙهي پورو ڪيائين تڏهن حضور ۾ اچي احوال ڪيائين پاڻ فاتحه يعني سورة الحمد لله پڙهي پوءِ فرمايائون ته الحمد لله ڏسڻ ۾ آيو ته تنهنجي چوڏاري مضبوط ڪوٽ ٺهيل آهي پر ڪي ڪنڊ ون ضعيف ڏسڻ ۾ آيون معلوم ٿو ٿئي

تہ تختني پڙهڻ ۾ ڪاوٽ ٿي ڪٿي آهي، ورئي ان ٻيهر ختنون ڪيو. پوءِ حضور اقدس جن فرمايو تہ هاڻي تو چڱو پڙهيو آهي ۽ فرمايائون تہ عجيب احوال ڏسڻ ۾ آيو تہ ڪوٽ پهريون تو کان ٻيو اِن ٿيو. مون پاڻ نيو تہ منهنجي چوڌاري آيو مگر جاچ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ تنهنجي پاڻ ڏانهن متوجه ٿيو ڪي تنهنجي حفاظت ۾ رکيائين حقيقت ۾ ان بعد پاڻ تمام سخت بيمار ٿيو جنهنجي علاج ڪرڻ کان حڪيم عاجز ٿي پيا هوا آخر انهن ڏينهن ۾ حضور اقدس جي فرمودي موجب اهو پاڻ ٿيو بہ چڱو ڀلو ٿيو ۽ اُهي ڇاڇي کي جنهن کي اجازت ڏنو هوائون تہ هنگي بہ ويا جي ڇني کان ڏئي ڇڏيو اهو خاص سنڌن توجه عالي جي برڪت هئي. (زبدة المقامات ص ۲۷۲ از بياض خواجه محمد معصوم صاحب ومخدوم زادگان

ڪرامت: هڪ امير زادي تي وقت جي بادشاهہ بالڪل سخت حڪم ڪيو تہ اهو هن کي گهرائي ٻانڌي جي هاٿي جي پيرن ۾ لتاڙائي مارائي ڇڏجي. ان امير زادي جو جڏهن سرهند شريف کان لنگهڻ ٿيو سنڌن حضور ۾ حاضر ٿي نهايت زاري سان پنهنجي جان جي بچاءَ لاءِ دعا گهرايائين. حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جن ڪجهه مراقبو فرمائي ان امير زادي کي ارشاد ڪيائون تہ خاطر جمع رک توکي بادشاهہ ڪابہ تڪليف نہ ڏئي سگهندو بلڪ توکي قسمان قسم انعام اڪرام شاهي ملندا. اوري ان سخت پريشان حال هوڻ ڪري عرض ڪيو تہ حضور جن موکي ڪي ڏيڻ تہ منهنجي دل کي تسلي ٿئي پاڻ اُهي تسلي ۽ خاطري لاءِ انکي هي اکر لکي ڏنائون. "چون فلانے از خوف غضب سلطان بفقراء باب الله رجوع آورد فقير او را در ضمن خود گرفته ازاين مهلڪ رهانيد" (يعني جڏهن فلاڻي شخص بادشاهہ جي خوف کان اسانجي طرف رجوع ڪيو تہ هن اسان انکي پنهنجي ضمانت ۾ ڏئي هن هلاڪت کان بچايو) امير زادو تہ موڪلائي ويو ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪن آدمين اچي خبر ڏني تہ بادشاهہ ان تي گهڻو ڪاوڙ ٿيو هٿڙيون هٿڙيون حالتون ان تي گذريون. پاڻ فرمايائون تہ موکي ان جو معاملو ڏيکارين ۾ وسڻ واڳر ڏيکاري ڏني رهيو آهي تہ بادشاهہ ان تي ضرور مهربان ٿيندو. اهي خبرون سچي ناهي. پوءِ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ لاڳيتو هڪ ٻئي جي پٺيان ماڻهن کان معلوم ٿيو تہ جئين حضور جن فرمايو هو اهڙي طرح ٿيو. جڏهن امير زادو بادشاهہ جي روبرو پهتو تہ هن بادشاهہ مٿس ڪي ڏنو ۽ انکي نصيحت جا پد ڏئي کيس جيئي پوءِ قسم قسم جا انعام اڪرام ڏئي کيس سانگي عهدي تي مقرر ڪيائين (سلسلة الذهبيه ص ۸۲ ايضاً حضرات القدس مترجم اردو جلد ۲ ص ۱۴۳).

ڪرامت: منقول آهي تہ نواب خان خانان ڏانهن بادشاهہ کي شڪ هو تہ دشمن سان گڏجي طرح ملي ويو آهي. تنهن ڪري کيس موقوف ڪري جڏهن پوءِ هوائين ۽ اهڙو ڪاوڙيل هو هن جو

شايد قتل ڪرائي ڇڏي ها. سيد محمد نعمان جو حضور جن جو خليفو برهان پور ۾ رهندو هو، ان ڏانهن خان خانان عريضو لکيو ته حضور اقدس ۾ منهنجي سفارش ڪريو. سيد صاحب خان صاحب وارو عريضو حضرت مجدد الف ثاني جي درگاه ۾ دعا طلبي لاءِ پهچائي عريضي سان گڏ موڪليو حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جن سيد صاحب ڏانهن لکيو ته "در وقت مطالعه ڪتاب شما خان خانان در نظر رفيع القدر بر آمد خاطر شريف از معامله او جمع باشد". سيد صاحب بجنسه حضور انور جن جو خط خان خانان ڏانهن موڪليو. آخر ٻارهين ڏينهن کان پوءِ بادشاه اڳي دکن جي گورنري ڏئي ان تي ٻيو انعام اڪرام خاص عطا ڪيائين سلسلة الذهبيه جلد اول ص ٦٣ حضرات القدس مترجم اردو ج ٢ ص ١٤٤

ڪرامت :- هڪ حاڪم ڪنهن غنيم تي چڙهائي ڪرڻ جو خيال ڪيو، هڪ فقير کيس استخاره بعد فتح جي خوشخبري ڏئي جنگ جي تياري جو حڪم ڏنو ۽ حاڪم غنيم تي چڙهائي ڪئي ان هي فقير اطلاع طور حضور اقدس ۾ عريضه لکيو يا توجه بعد جواب ڏيڻ فرمايو ته توهان جي مڪاشفه ۾ غلطي آهي، اسان کي سندس شڪست نظر اچي ٿي کيس جهليو نه ته تڪليف ايندس. فقير حاڪم جي پويان ماڻهو موڪليو مگر هو گهڻو پري وڃي چڪو هو ۽ چئن ڏينهن بعد فقير کي سندس شڪست جي خبر پهتي. حضور جن جو ڪشف صحيح نڪتو ۽ حاڪم نقاره ۽ نشان ڦرائي لشڪر مارائي واپس آيو (روضه) (مطبوعه لاهور ص ٢٣٤)

ڪرامت :- شاهجهان بادشاه جنهن وقت پيءُ سان لڙي رهيو هو، جنهن ته علمائن ۽ فقرائن جو محب هو تنهن ڪري سڀ ڪو انجو خير خواه هو. ڪنهن وقت جي بزرگ حضور اقدس رضي الله تعالى عنه ڏانهن عريضو لکيو ته دهلي جي طرف سمورن بزرگن کي ڪشف سان معلوم ٿيو آهي ته شاهجهان کي فتح ٿيندي. حضور انور جن جواب ۾ لکيو ته منهنجو ڪشف ٻين جي خلاف آهي يعني في الحال شاهزادي خورم کي فتح نه ٿيندي پر آخرڪار شاهزادي عالي مقدار جو معامله بالڪل چڱو نظر ٿو اچي. ٿيو به اهڙي طرح جيئن حضور جن ارشاد ڪيو جو ڇهن پنجن سالن تائين اڳي گهڻيون پريشانيون سهڻيون پيون تنهن کان پوءِ حق سبحانه وتعالى انکي پنهنجي پيءُ جو جانشين ڪيو اهڙو ۽ تخت بلند جانشين جو سموري هندستان جي بادشاهي ۾ اهڙو ويو ڪوڏ ٿيو سندس حڪومت جي انتظام عجيب نوع ورتو علمائن ۽ فقرائن جي عزت بالڪل وڌي وئي. شريعت نبوي على صاحبها الصلواة والسلام ٻي طرح جو زيب ۽ زينت ورتي. سنه ٣٧ سن جلوس جو ماده جناب حضرت خواجه محمد هاشم صاحب قدس سره "زينت شرع" مان ڪڍيو آهي. (زبدة المقامات ص ٢٨١)
١٠٣٧

كرامت :- حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جو ننڍو ڀاءُ حضرت شيخ محمد مسعود قدس سره ناني ڪڏهن ڪم لاءِ قنڌار تشريف فرما ٿيو هو انهن ڏينهن ۾ حضور جن مائٽن کي فرمايو ته عجيب معاملو آهي جو جڏهن محمد مسعود جي احوال جي طرف متوجه ٿيس ڪيترو ئي ڳوليم پر ملڪ ساري روءِ زمين تي تلاش ڪيم پر مونکي منهنجو ڀاءُ ڏسڻ ۾ نه آيو جڏهن وري توجه ڪيم ته مونکي انجي قبر ڏسڻ ۾ آئي ڪن ڏينهن کان پوءِ انجي رفيقن انجي خبر ڏني ته حضور جن جي ڀاءُ وفات فرمائي - (روضة ص ٢٣٠ زبدة المقامات ص ٣٢٩)

چشم شان راهم ز انوار سرشته اند تا ز روح واز فلڪ بگذشته اند
ظل او اندر زمين چون ڪوه قاف روح او سيمرغ بس عالي طواف

كرامت :- خواجه حسام الدين احمد قدس سره پنهنجي پٽ جمال الدين حسين کي ڏهن ڪهڻ سالن شريف حضور جن جي مريد ٿيڻ لاءِ موڪليو. خواجه جمال الدين حسين پاڻ ٿو روايت ڪري ته جڏهن آئون حضور ۾ حاضر ٿيس تڏهن پاڻ منهنجي حال تي توجه فرمايائون. ٿوري دير کان پوءِ فرمائڻ لڳا ته آئون ڏسان ٿو ته تنهنجي قلب تي هڪ زال جا پيچ وارا آهن جيستائين اهي پيچ تنهنجي دل تان نه هٽندا، توکي فائدو نه ٿيندو. مون عرض ڪيو ته آئون پنهنجي ڦوڦي جي ڌيءَ تي عاشق آهيان پوءِ حضور انور جن اهڙي توجه فرمايو جو انهيءَ منهنجي دل جو عشق ائين نڪري ويو جو بالڪل منهنجي دل عشق مجازي کان ڇٽي پئي ويئي گويا منهنجي دل اڳي هرگز قائل نه هئي. (سلسلة الذهبيه جلد اول ص ٦٥، ايضا جواهر علويه ص ٩٥).

كرامت :- هڪ اهل الله نقل ٿو ڪري ته هڪ ڀيري مون حج جو پڪو ارادو ڪيو. موڪلائڻ ۽ دعا وٺڻ جي لاءِ خدمت ۾ آيس پاڻ سر مبارڪ مراقبي ۾ ڪري فرمايائون ته آئون توکي عرفات ۾ ڪونه ٿو ڏسان تون حج جو ارادو ڪهڙي طرح ڪري رهيو آهين. غرض ته اڄ ڏينهن تائين جو ٽيهه ورهيه گذري ويا آهن جڏهن به حج جو ارادو ٿو ڪريان ته ارادي جي پوري يا اسباب سفر جو هٿ نه ٿو اچي (سلسلة الذهبيه جلد اول ص ٨٥).

كرامت :- حضرت خواجه حسام الدين قدس سره حضور جن ڏانهن عريضو لکيو ته مونکي حج جي وڃڻ جو ارادو آهي پاڻ جواب ۾ تحرير فرمايائون ته مونکي اوهانجو وڃڻ معلوم نه ٿو ٿئي متئين خواجه صاحب اگرچه وڃڻ جو هر طرح انتظام ڪري ڇڏيو هو مگر وڃي نه سگهيو (جواهر مجدديه ص ٤٠)

كرامت :- هڪ فقير دکن ۾ رهندو هو ۽ چاهيندو هو حضور انور جن ۾ حاضر ٿئي پر قدم نٿي پڄي

جو اشتياق حد کان زياده رکندو هو. هڪ ڀيري ان حضور ۾ هڪ عريضو لکيو جنهن ۾ پنهنجي اشتياق جي تفصيل وار ڪيفيت عرض رکيائين حضور جن انجي جواب ۾ لکيو ته تنهنجي خط مطالع ڪرڻ وقت توهان جي آس پاس گهڻي نوراني ڪيفيت ڏسڻ ۾ آئي اهو طالب دکني حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جو اهو مڪتوب شريف پڙهي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. ٿوري مدّت خدمت ۾ اچي رهيو آخر حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه انکي خلافت عطا فرمائي موڪل ڏني انجي آس پاس جيڪي ماڻهن باطني فائدا اورتاءِ فناءِ بقا حاصل ڪيا اوُن انجي هن ايت جي نور کان گرد نواح منوّر ٿيو حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جو فرمود حرف بحرف سچو نڪتو (روضة القيوميه ص ٢٣٨)

آنکه از حق يابد وحي و يا جواب ٭ هرچه فرمايد بود عين و صواب

ڪرامت:- هڪ بزرگ جناب خواجه محمد هاشم قدس سره سان بيان ڪيو ته مون حضرت مجدّد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي خدمت ۾ هڪ عريضه لکيو جنهن ۾ ڪالهون هي راز دريافت ڪيو هوم ته ڪهڙو سبب آهي جو صحابي سڳورا رضي الله تعالیٰ عنهم جناب سرور ڪائنات عليه الصلوٰة والسلام جي هڪ صحبت جي برڪت کان اهڙو درجو پيدا ڪري ويا جو ڪاملن ولين ۽ غير صحابن سڀني کان زور پيدا ٿيا جا انهن کي حضور پرنور جناب رسول مقبول صلی الله عليه وسلم جي هڪ صحبت ۾ ڪا اهڙي حالت باطني حاصل ٿيندي هئي جنهن سبب ڪري اهي اصحاب سڳورا امت جي سمورن ولين کان زور پيدا ٿيا. حضور اقدس حضرت مجدّد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن جواب هن طرح تحرير فرمايو ته هن سوال جو حل صحبت ۽ خدمت سان لڳايو ٿو رکي. مٿيون بزرگ بيان ٿو ڪري ته آئون سندن صحبت ۽ خدمت ۾ حاضر ٿيس پهرين صحبت ۾ مون تي حالت باطني اهڙي غالب ٿي جو بيان ۾ نه ٿي اچي سگهي. آخر انهي ڏينهن مون کي گهرائي فرمايائون ته ڏس اجوڪي ڏينهن ۾ مون تنهنجي حالت کي بدلائي ڇڏيو تنهنجي صور تحال ڪجهه پي ٿي وئي هوندي انهي مان پنهنجي سوال جو حل ۽ جواب سمجهين سگهين ٿو مون مٿو نيازجو ان سرو بوستان جي قدمن جي خاڪ تي رکيو ۽ سندن دل جي وهندڙ دريا فيض مان انوار ورتا اقتباس ڪيهڙا بدة المقامات ص ٢٩٨.

صاحب مواهب السرمد يه جو لکي ته حضور جن جي هڪ نظر سان سڀ مقام ولايت جا ان بزرگ کي حاصل ٿيا. حاصل مٿي هڪ آهي. عبارت مواهب جي هي آهي

وکتب اليه بعض المشائخ ان المقامات التي تدعيها هل نالتها الصحابة اولا

وَعَلَى الْأَدَلِّ هَلْ نَالُوْهَا دُفْعَةً وَاحِدَةً أَوْ تَدْرِيْجًا فَأَرْسَلَ إِلَيْهِ أَنَّ الْجَوَابَ مَوْقُوْفٌ عَلَى حُضُوْرِكَ مَحْضَرَ فَتَوَجَّهَ إِلَيْهِ بِجَمِيْعِ الْمَقَامَاتِ فَتَرَامَى فِي الْحَالِ عَلَى قَدَمَيْهِ وَقَالَ آمَنْتُ أَنَّ جَمِيْعَ الْمَقَامَاتِ كَانَتْ تَحْصُلُ لِلصَّحَابَةِ رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ بِمُجَرَّدِ نَظَرِهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (المواهب السرمديه في مناقب النقشبنديه ص ١٨٥)

ڪرامت:- نقل آهي ته هڪ درويش حضور اقدس جي خدمت ۾ آيو ان جو قلب اڳ ذڪر ۾ مشغول هئو جيڪو وارا ماٺهو پڻ انجي ذڪر کان واقف ٿيندا هوا، حضور اقدس عليه الفيض جي طلب لاءِ حاضر ٿيو هو. پاڻ فرمايو ته هي شخص ڪجهه استعداد ديڻ انهي درجي کان متي وڌڻ جو لائق آهي. مگر گهڻائي ذڪر ۽ بين مشائخن جي خلافت هن کي تڪبر ۾ پاتو جي مرض ۾ وجهي ڇڏيو آهي انهي ڪري هنجي واڌاري جي وات بند ٿي آهي، هنجي ترقي لاءِ هي علاج آهي جو اڳين حالت کسجي، انهي ڳالهه کي ٻڌي ڏينهن اچا نه گذريا هوا ته حضور اقدس جن انجي اڳين حالت کسي ڇڏي، جڏهن هو حضور اقدس جن انجو ذڪر سلب ڪندا هوا ته هو اهو زار زار روئندو هو، ڪيترا ڏينهن حضور اقدس جن انکي خيال ۾ به نه آندو ته پلي تڪبر ۽ پاڻ جو سندس دماغ ۾ پيل هو نڪري وڃي آخر ٽُٽل دل ۽ ٻُري حالت کي پهتو. هڪ ڏينهن حضور اقدس جن انکي ڪنهن گوشي ۾ ڏٺو اٿي نظر سان اثر سان اهڙي درجي کي پهچايائون جو سندس پهرئين حالت هن جي پهرئين ڏاڪي جي برابر نه هئي، اهو درويش پاڻ اڳين حال جي نقصان جو اقراري ٿيو. (سلسلة الذهبيه ص ٨٧، روضة القيوميه مطبوعه لاهور ص ٢٢٠)

ڪرامت:- هڪ درويش صاحب ولايت جو نقل ٿو ڪري ته هڪ پيري مون تي ڀڄي قرب جي اهڙو غلبو ڪيو جو ڪٿي به آرام نٿي آيو، جي جهنگل ۾ ٿي وڃان ته ويتر پيو وڌي زياده بيچيني ٿي وڃان ته اُتي پڻ فرحت نٿي آئي، هڪ ڏينهن حضور اقدس جي خانقاه ملائڪ پناه ڏانهن ويس ان وقت پاڻ درواري مبارڪ جي اندران هواءِ درواري جا خادم خليفاءِ بيٺا هئا جن ٻاهران صف ناهي نهايت ادب سان هٿ ٻڌي اهڙي طرح بيٺا هوا جڻ ته انهن جي بُت ۾ ساهه ڪونهي جڏهن آئون اوڏو پهتس ته ڏٺم حضور اقدس جن منهنجي حال کان واقف ٿي يڪدم دروازو کولي مون ڏانهن اشارو فرمايائون ته فلاڻا جلدي اچ آئون تڪڙو وڌي ويس ۽ حضور اقدس کي ڏٺو تيس. پاڻ ڪمال ٻانهه نوازي فرمائي منهنجي گردن ۾ هٿ وجهي ۽ مٿو پنهنجي ٻغل ۾ وڌي فرمايائون ته اي فلاڻا ڪي جا نصيحت ٿي پهتي سا تنهنجي زماني وارن مان ڪنهن کي نه پهتي. آهو حضور اقدس جو

ارشاد مثل آب حيات جي هو جو منهنجي دل جي ويرانيءَ کي آباد ڪيائون ۽ بي قراريءَ ۾ آرامي ۽ جوش ۽ خروش سڀ هڪيو ويو ۽ نهايت فرحت ۽ آرام ٿيو. (سلسلة الذهبيه ص ۹۶ وغيره)

ڪرامت:- هڪ سوداگر، جو مريدن مان هو، سندن حضور ۾ عرض ڪيو ته آئون پيريءَ کي پهتو آهيان اڃا تائين اولاد ڪونه ٿيو اٿم. خدا ڪارڻ منهنجي حال تي عنايت فرمايو. پاڻ هڪ ساعت فڪر ۾ رهي فرمايائون ته هن زال مان توکي اولاد لوح محفوظ ۾ لکيل ڪونهي، ٻيو نڪاح ڪندين ته ان مان بيشڪ توکي اولاد ٿيندو، جو اهو توکان پوءِ نيڪنامي رهندو، اوچتو انهيءَ زال مري وئي پوءِ ٻيو نڪاح ڪيائين جنهن مان پٽ ۽ ڌيئي عنايت ٿيس. (سلسلة الذهبيه ص ۹۶ وغيرها)

ڪرامت:- مولانا مرتضيٰ نقل ٿو ڪري ته مونکي منهنجي والد شريف وفات مهل وصيت ڪئي هئي ته منهنجي جنازي کي حضرت محبوب سبحاني امام رباني قدس سره جي خدمت ۾ رکي عرض ڪجو ته حضرت! خدا ڪارڻ هنکي پڻ پنهنجي طريقي ۾ داخل فرمايو. جڏهن ته حضور اقدس جو رواج هئو ته مڙني کي پنهنجي فيض کان سرفراز فرمائيندا هوا ۽ سندن حضور انور ۾ تلقين ڏيارڻ لاءِ جنازا حاضر ڪندا هوا مون پڻ پنهنجي والد شريف جي وصيت جو امر بجاءِ آندو، جنازو آڻي سندن حضور ۾ رکيم ۽ پنهنجي والد جي وصيت جو پڻ احوال ڪيم. فرمايائون چڱو صبحاڻي مريدن جي حلقه ۾ ويهي معلوم ڪجي پئي ڏينهن جڏهن آئون حلقي ۾ ويٺس، تڏهن هڪ شخص جي وٽ ٻئي مون پنهنجي والد شريف کي ويٺل ڏٺو ذڪر فڪر جي شغل ۾ ويٺو هو مون شڪر خدا جو بجاءِ آندو. (سلسلة الذهبيه جلد اول ص ۹۶)

ڪرامت:- حضور اقدس کي ڏهن[10] مريدن روزي ڇوڙڻ لاءِ شام جي وقت تي دعوت ڏني پاڻ ڏهني جي دعوت قبول ڪيائون وقت مقرر تي انهن هڪ ساعت ۾ سڀني جي گهر تشريف فرمائي روزو ڇوڙيائون. (مواهب السرمديه مطبوعه مصر ص ۹۷ سلسلة ص ۹۶ حدائق الورديه)

ڪرامت:- مولانا محمد هاشم سان شيخ بديع الدين صاحب هي ڪرامت جي عجيب ڳالهه ڪئي ته هڪ ڏينهن مونکي هڪ دوست هڪ بزرگ جي قبر جي زيارت لاءِ زوريءَ ورتو جنهن بزرگ جي زيارت لاءِ دوست ٿي چيو ان ڏانهن حضور اقدس جن شريعت جي مخالف ڳالهائڻ ڪري رنج هو. انهيءَ ڪري مون ڪهڙو ني ڪسايو مگر ان دوست جي چوڻ ڪري

لاچار ٿي ڀرڳجي سيرانديءَ کان مراقبو ڪيم، او چتو ڏسڻ ۾ آيم ته هڪ شينهن گجندو نهايت ڪاوڙ ۾ ڀريل ان جاءِ تي ظاهر ٿيو. مون ان شينهن ڏانهن ڏٺو، نهن ڏجندي ئي ٿي ڏنو او چتو ان شينهن جون اکيون حضور اقدس جي اکين مبارڪن جهڙيون ٿيڻ لڳيون آخر ان شينهن جو سارو منهن انساني ٿي پيو ۽ مون تي نهايت ڪاوڙ سان حملو ڪيائين، انهي هيبت کان مٿو مراقبي مان ڪڍي تمام تڪڙ وانگيس ۽ استغفار ڪيم. (زبدة المقامات ص ٢٦٢)

حضور اقدس جي شريعت جي استقامت جو حال اهڙو ته ڪجهه مخفي ڪونه هو جي. وَلِلّٰهِ دَرُّ مَنْ قَالَ

مرد درويش بي شريعت گر	بپرد در هوا مگس باشد
يا چو ڪشتي روان شود بر آب	تو يقينش بکن که خس باشد

ڪرامت: هڪ گادي نشين پير دور دراز سفر ڪري حضور اقدس ۾ آيو، پاڻ ان تي ڪنهن به قسم جي مهرباني نه ڪيائون حالانڪ سنڌن نه هيءَ عادت هئي جو جيڪڏهن ڪو مشائخ يا صالح ڪماليت وارو سنڌن حضور پرنور ۾ ايندو هوو ان تي تمام مهرباني جي نظر فرمائيندا هوا، سنڌن خدمت ۾ ڪنهن مريد عرض ڪيو ته هي مشائخن مشهورن مان آهي خاندان الي گادي نشين دور دراز سفر ڪري آيو آهي، پڻ ڪان اهو زياده عنايت جو اميد وار آهي پاڻ فرمايائون بيشڪ ته هن جي ڳالهه پوري آهي، مگر آئون لاچار آهيان، انهي پيشاني تي ته هن اڪرن سان انڪار جو لفظ لکيل آهي، سڀ مخلص درگاهه جا حيران ٿيا ۽ ڪجهه مدت تائين اهو پير خانقاهي رهيو پيو هيو ان ڪان پوءِ اسلام کان انڪار ڪري مرتد ٿيو، يعني دين اسلام کان ڦري ڪفر اختيار ڪيائين. (روضة القيوميه ص ٢٢٩، زبدة المقامات ص ٢٦٧)

ڪرامت: حضور اقدس جن هڪ ڀيري لاهور ۾ رونق افروز هوا، سوم هڻي جي نماز ادا ڪري هڪ گهر جي ڇت هيٺان بيهي فرمايائون ته هي ڇت ڪرڻ واري آهي گهر وارن کي چيو ته نڪري وڃن ۽ هن عمارت جي ويجهو به ڪو ڪونه وڃي. جڏهن ته نڪا بارش هئي ۽ نڪو طوفان ۽ نه ڇت ضعيف هئي تنهن ڪري ماڻهون حيران ٿي خيال ڇپائڻ لڳا ته هن گهر جو ڪهڙو گناهه جو نئون نهيل ڪري پوي ۽ پرانا بينا رهن، اقرات جو اهو اوچتو ڪري پئي هيٺان هڪ ٻانهي سُتل هئي، جا دٻجي ويئي ۽ ويجهن ماڻهن کي سڏڻ جلدي لڳا صبح جو پاڻ عتاب سان فرمايائون ته "اسا نهي چوڻ جي تعميل چو نه ڪيو. ان ٻانهي کي وني اچو" حڪم موجب حاضر ڪيائون، توجه عالي جي برڪت سان انکي ڪو آسيب نه پهتو ۽ چڱي ڀلي هئي. (زبدة المقامات ص ٢٨٠، روضة القيوميه مترجم اردو رڪن اول مطبوعه لاهور ص ٢٣١ وغيرها)

ڪرامت: مولانا محمد هاشم ڪشمي پنهنجي ڪتاب زبدة المقامات ۾ ٿو لکي ته جڏهن مون کي

حضرت محبوب سبحاني خواجه امام رباني قدس سره جن رابطي جي طريقي ۾ مشغول فرمايو، تڏهن حضور اقدس جي محبت ۽ اشتياق ۽ عشق بازي جي وات گهڻي جاري هئي، هڪ ڏينهن رباعي جو هڪ مصرع حضور ۾ پهچايو ـ اي آنڪه ملائڪ مگس قند تواند :: دل سوختگان عشق اسپند تواند

کان نمڪ از لعل تو آواره بکوه :: عالم همه در شور نمڪ خنده تواند

حضور اقدس جن پهرين مصرعه بدلي فرمايو ته اهڙي طرح مدح ڪرڻ گهرجي جو ڪنهن بزرگ جي مرتبي ۾ گهٽتائي ٿئي، معنيٰ مصرعه پهرين جي هيءَ آهي ته توهان جي فيض جي ميناج ملائڪ پڻ مکين وانگر محتاج آهن. حضور اقدس فرمايو ته "ملائڪن کي ميناج چئي مک بنائڻ، ادب جو ترڪ آهي مذهب جمهور اهل سنت جماعت جو آهي ته خاص ملڪ، عام ماڻهن کان جن ۾ اولياءَ وغيره داخل ٿي چڪا، بهتر آهن". انهيءَ وقت مون کي مثنوي شريف جو بيت دل ۾ ياد آيو.

بي عنايات حق وخاصان حق :: گر ملڪ باشد سياهش شد ورق

يعني سواءِ عنايت باري تعالىٰ جل وعلا ۽ انهيءَ خاص بانهن جي ڏوليءَ سڳورن ۽ انبياءِ ڪرام جيتوڻيڪ ملائڪ هجي ته به اعمال جو ورق ڪارو آهي، اگرچه اهو بيت دل تي آيو پر ادب جي ڪري حضور اقدس ۾ بيان ڪري نه سگهيس انهي خطري جي جواب ۾ ان خود فرمايائون ته تو شايد مثنوي جي بيت تي پڙهي سوچيو آهي مگر مولويءَ روم "خاصان حق" مان مراد نبين جي جماعت ورتي هوندي يا بي هوشيءَ جي حالت ۾ بي اختيار تي اهو بيت چيو هوندائين. (زبدة المقامات مطبوعه نولکشور ص ٢٢٥)

ڪرامت:ـ نقل آهي ته حضور اقدس جن هڪ سفر ۾ ڪنهن مسافرخاني ۾ منزل انداز ٿيا هئا خادمن کي فرمايائون ته معلوم ٿو ٿئي ته اڄ هن جاءِ تي وڏي آفت اچڻي آهي پوءِ فرمايائون ته هڪ ٻئي کي خبردار ڪيو ته بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِيْ لَا يَضُرُّ مَعَ اِسْمِهٖ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ. اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ" اها دعا پڙهندا رهن جنهن جي برڪت سان سندن مال ۽ جان محفوظ رهندا، پر گهڙي ٻن گذرڻ کان پوءِ ڪن گهرن کي باهه لڳي ۽ اهڙو زور ورتائين جو انهيءَ وسائڻ کان ماڻهو عاجز ٿي پيا سڀئي گهر مال ۽ سامان سميت سڙي ويا ۽ ڪيترا ماڻهو پڻ سڙي ويا. جيڪي باهه کان بچيا سي به ڏکوڏڻ ۾ نهايت عاجز ٿي پيا، مولانا عبدالمؤمن جو حضور اقدس جي مخلصن مان هو انهيءَ جو سامان سڙي ويو، مولانا صاحب گهڻي محنت سان حضور اقدس جن تائين پهتو، حضور اقدس سرحند فرمايس ته اها دعا تو ڇو نه پڙهي عرض ڪيائين ته حضرت منهنجا مونکي ڪنهن به نه ڏسي

حضور اقدس جن خادمن کي تنبيه فرمائي ته اوهان هن غريب کي ڇو نه خبر ڏني آکيو مطلب ته جن حضور اقدس جن جي حڪم موجب اها دعا پڙهي هئي سي هر طرح امن ۾ رهيا، جن نه پڙهي هئي تن سان مٿين حالت پيش آئي گذري (زبدة المقامات ص ٢٧٦) (روضة القيوميه، ص ٢٣٨)

گفته او گفته الله بود گرچه از حلقوم عبدالله بود

ڪرامت:- هڪ ڏينهن صبوح جي حلقه ۾ پاڻ فرمايائون ته پنهنجن سنگتين مان هڪ جي پيشانيءَ تي "هو الڪافر" لکيل ٿو ڏسان ٿورا ڏينهن نه گذريا ته مولانا محمد طاهر لاهوري ڪافر ٿي ويو اگرچه درگاه تي رهندو پر سمورن کي حد کان زياده خوف هو ته اسان مان الائي ڪنهن تي اها نقد پرچڻي آهي (زبدة المقامات ص ٣٣١) حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن انهي مصيبت جي دفع ڪرڻ لاءِ متوجه ٿيا جو، حضرات صاحبزادن مان هڪ حضرت عروة الوثقیٰ خواجه محمد معصوم حضرت خواجه محمد سعيد رضي الله تعالیٰ عنهما سندن حضور ۾ مولانا طاهر لاءِ سفارش ڪئي. مولانا حضرات صاحبزادن جو استاد هو. (زبدة المقامات ص ٣٣١ وخزينة الاصفيا جلد اول ص ٦١٧). حضور انور رضي الله تعالیٰ عنه کي ڏسڻ ۾ آيو ته لوح محفوظ ۾ "هو الڪافر" لکيل آهي آخر پاڻ نهايت گهڻي عجز ۽ زاري سان درگاه باري جل وعلا ۾ مشغول ٿيا ۽ عرض ڪيائون ته خداوند! لجناب حضرت غوث الاعظم رضي الله تعالیٰ عنه جو فرمان آهي ته منهنجي وسيلي سان تقدير مٽجي ٿي وڃي جيڪڏهن منهنجي خاص عنايت سان هي تقدير بدلجي ٿي پئي ته منهنجي ڪشادي رحمت کان هي ڳالهه پري ناهي". سندن دعا جناب الاهي ۾ قبول ٿي ۽ مولانا محمد طاهر وري اسلام کان مشرف ٿيو ۽ حضور انور جي نظر عنايت سان ولايت جي مٿاهين مقامن کي پهتو آخر حضور جن انکي خلافت ۽ قطبيت جي مرتبي کان مشرف فرمايو. (سلسلة الذهبيه جلد اول ص ٨٤)

گان دعائے شيخ ني چون هر دعاست فانيست وگفته او گفته خداست

آن دعائے بي خودان خود ديگر ست آن دعا زو نيست گفت داور ست

ڪرامت:- شهزادو دارا شڪوه قادري ڪتاب سفينة الاولياء ۾ ٿو لکي ته مولوي شيخ ميرڪ بن فصيح الدين، جو شهزادي خورم جو استاد هو مون سان هي ذڪر ڪيو ته اتفاق سان هڪ ڀيري سرهند شريف ويس ۽ حضرت امام رباني قدس سره جي زيارت کان مشرف ٿيس مون چار سوال دل ۾ سوچيا، خيال ڪيم ته جي جواب مونکي ڏنائون ته ڪين ولي جاڻندس، هڪ ته

عام مشهور آهي ته حضرت مجدد قدس سره پاڻ کي حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه
کان پلو تو چاهي. ٻيو ته ٻڌ وهيم ته حضرت خواجه باقي بالله قدس سره پنهنجي مرشد جي اجازت
کان سواءِ مريد نٿي ڪيا. انهيءَ نسبت ۾ پڻ جواب واقي گهرجي. ٽيون ته مونکي پنهنجي پيءُ ۽
وڏن جو احوال ٻڌائي. چوٿون ته خواجه خاوند محمود غازي قدس سره ڏانهن سندن ڪهڙو
عقيدو آهي سو ان خود بيان ڪري. پاڻ منهنجن خطرن کان واقف ٿي اول ته جا وڌائي جي جيڪا
هڪ جزڪي هئي سا مونکي ڏني فرمايائون ته مطالعو ڪر. جنهن مطالعو ڪيم فرمايائون ته انهي
جزء مان جا ڪواهي ته وه مضمون معلوم ٿو ٿئي ته حضرت صديق اڪبر خود رسول اڪرم صلي
الله عليه وسلم جي کان آئون پاڻ کي پلو تو چاهيان عرض ڪيم ته هن مان ڪجهه به معلوم نه
ٿو ٿئي. فرمايائون ته حقيقت اها آهي ٻيو سڀ مون تي ڪو بهتان آهي وري فرمايائون ته هڪ
ڀيري خواجه خاوند محمود هت تشريف آندي هئي جيئن ته حضرت خواجه باقي بالله قدس سره
پنهنجي مرشد کان مريد ڪرڻ جو اجازو ظاهر نه ورتو هو. جو ته هڪ ڏينهن حضرت خواجه
باقي بالله قدس سره جي مرشد خواجه امڪنگي قدس سره گذري ويو ڪا ڏو پاڻ ذڪر ڪري
سڀ حاضر مجلس کي ٻڌايائون. باقي خواجه باقي بالله قدس سره کي نه ڏنائون مجلس
وارن عرض ڪيو ته حضرت خواجه باقي قدس سره حاضر آهي انکي پڻ ڏيڻ فرمايو. خواجه
امڪنگي قدس سره فرمايو ته اسين انکي سڄو ڏنو ويا ڏينداسون خواجه باقي بالله قدس سره
اهو گفتگو ٻڌي خوش ٿيو پاڻ آئين ته مونکي اجازو مليو. خواجه خاوند محمود جڏهن تقرير پوري
ڪئي تنهن تي مون چيو ته اها ڳالهه ائين ناهي. اوهان واري تقرير مون پنهنجي پيو خواه
سندن مخلصن مان ڪانه ٻڌي آهي بلڪ حقيقت ۾ هن طرح آهي ته جڏهن حضرت خواجه
باقي بالله قدس سره کي سندن مرشد اجازو ڏنو تنهن تي پاڻ انڪار ڪري فرمايائون ته مون ۾ وڏو ضعف
خلافت جو مون کان پورو ٿي نه سگهندو. سندن مرشد عذر قبول نه ڪيو فرمايائون ته
تون هر طرح لائق آهين انهيءَ وچ ۾ ٻئي سفيد ريش جوان وقت حاضر هوا تن حضرت خواجه
امام رباني قدس سره جي قول جي تصديق ڪئي تنهن تي خواجه خاوند محمود فرمايو ته مون
جا تقرير ڪئي هئي سا غلط ٻڌي هيم. وري حضرت مجدد قدس سره منهنجي وڏن جو ڪجهه
احوال ٻڌو تنهن کان پوءِ فرمايائون ته خواجه خاوند محمود اسانجو پيرزادو آهي حضرت خواجه
بهاءالدين شاه نقشبند قدس سره جو اولاد آهي جڏهن جيئن سوالن جا جواب حضور

قدس جن مون کي جهڙي طرح تہ ناتہ ڏٺو هن کين ٻنهي جهانن جو وسيلو ڪري مرشد ورتم ۽ مريد ٿي
کان مشرف ٿيس (سفينة الاولياء مطبوعه نول ڪشور ص ١٩٦)

ڪرامت: - اڪبر بادشاه جڏهن حضور (قدس) جن طرفان سجدي ڪرائڻ جي بندش لاءِ
نصيحت ٻڌي جنهن جو ذڪر روضة القيوميه ۾ آهي، تڏهن پڌرهڙ يون ڪشاديون ٿيون
ٺهرايائين هڪ جو نالو بارگاه اڪبري، ٻئي جي نالي جي مناسبت جي رکيائين ۽ ٻي جاءِ جو بارگاه
محمدي رکيائين. اڪبري بارگاه نهايت رونقدار هئي جنهن ۾ سون ۽ موتين جي ڪمي ڪانه هئي
جنهن کي شاهاڻي آب تاب سان ديون درن اهوايو ۽ بارگاه محمدي ۾ سڙي ڪاڏل ڪانيون ۽
بيڪار ٿينو ڪوڙا ايائين جنهن جي ۾ سان ڪوبه نه ٿي سگهيو. عام پڙهو ڏيارايائين تہ سڀني کي اختيار آهي
جنهن جي دل گهري اڪبري بارگاه ۾ داخل ٿئي بادشاه جون رسمون سجدي ڪرڻ وغيره جون
بجاءِ آڻي ۽ جنهن جي دل گهري سو بارگاه محمدي ۾ داخل ٿئي دين محمدي جي حڪمن تي قائم رهي
پاڻ بادشاه فرعون اشتباه نمرود جاه دربار جي صحن جي جاءِ تي هڪ بالاخاني ۾ شاهاڻي ساز سامان سان
ويٺو هو. جن کي نور ايماني مان هو ۽ جناب قيوميت مآب حضرت امام رباني قدس سره جي
اخلاص جي دولت کان بهره ور ٿي سعادت ازلي کان نصيب ور ٿيا هوا تن کي سنا هي خبر ڪا ڏکياري
ڪانه ڏني جنهن ڪري بارگاه محمدي ۾ داخل ٿيا جنهن ۾ ڪيترا امير جهڙوڪ سيد صدر جهان
مرتضيٰ خان، خان خانان، خان اعظم ۽ ٻيا غريب ۽ فوج جا ماڻهون وغيره ٻيا هوا جي ايمان
جي نور کان ناامين هوا اهي بارگاه جهانپناه اڪبري ۾ ويا. ان وقت هڪ سيد ڪامور و بارگاه
اڪبري ڏانهن ٿي ويو تڏهن وقت بارگاه محمدي مان هڪ غريب پڻ آڻ سڏ ڪري چيس تہ ميان
سيد تون بادشاه جي خوف کري پنهنجي ڏاڏي جي بارگاه کي ڇڏي ٿو وڃين قيامت ۾ حضرت رسول اکرم
صلي الله عليه وسلم کي ڪهڙو جواب ڏيندين. شاه صاحب شرمند ٿي بارگاه محمدي ۾ داخل ٿيو
جڏهن خلق پنهنجي خواهش موجب پنهنجن جاين تي پهچي وئي تڏهن انهن لاءِ طعام آيو. بارگاه
اڪبري جو طعام نهايت لذيذ ۽ شاهاڻو هو ۽ بارگاه محمدي جو نهايت خراب هو جنهن وقت
ٻئي طرف کائڻ ۾ مشغول ٿيا تڏهن حضور (قدس) امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره
جن هڪ آدمي موڪليو جنهن کي خاڪ جي مٺ عنايت ڪيائون جنهن سندن حڪم موجب بارگاه
محمدي جي چوڌاري ليڪو ڪيئي ڪجهه اڳتي وڌي بارگاه اڪبري ڏانهن حضور قدس جي ڏنل خاڪ
مبارڪ ٽڪلائي. اچانڪ شرط اتر جي طرف کان (سرهند شريف اتاهون اتر ۾ آهي) گرم هوا جو طوفان

زور شور سان لڳو. بارگاهه اڪبري جي اهڙي ابتر حالت ٿي جو جاءِ جون ميخون اکلي پيون
۽ کوکا اونڌا ٿي ڊوڙ ۾ پيا جي ويا ۽ پڇي جي تخت جي پٺيءَ هڪ ڏنڊو بادشاهه جي مٿي ۾ اهڙو
لڳو جو مردود جو مغز ٻاهر پيو مٿي ۾ سٽ ڦٽ ٿي پيس. اڪبري بارگاهه وارا ماڻهو گهڻا ته مري ويا
۽ ڪن کي ڏڪ ۽ ڪن کي ميخون ۽ ڪن جي منهن تي طعام جا کوپا هوا جي زور سان اهڙا لڳا
جو مري ويا. بادشاهه ڪبوتر وانگر پئي ليٿيو هڪ هڪ عضوو ۽ هڏ هڏ ڀڄي پيس آخرين
ڏينهن بادشاهه دوزخ ۾ داخل ٿي دوزخ جي فرشتن جي حوالي ٿيو يعني مري ويو. عجيب
شان ڪبريائي ۽ غيرت جلال الاهي اُن منڪ خاڪ حضرت مجدد الف ثاني جي سان ظاهر ٿيو
بارگاهه محمدي اهڙي هيٺائين هوندي پڻ ڪيترو ڪان زياده مضبوط ٿي ۽ بارگاهه محمدي واري
تمام لذت سان طعام کاڌو ۽ ست ڏينهن تائين طوفان رهيو ۽ مرتدن کي داخل جهنم جي
ڪيائين. اٺين ڏينهن بند ٿيو. ته هن کان پوءِ حضور اقدس ۾ هزارن جا هزار مخلوق حاضر
ٿي مريدي کان مشرف ٿيا ۽ هڪ توجه سان خدا وارا ٿي ٿيا. رضيه ربهن اول سان ٿيون قيمتيون

ڪرامت ۽:- شيخ بديع الدين جو، هندستان جي بزرگن ادن مان هو آڏو اڳي وقت ۾ حضور
اقدس وٽ توضيح تلويح جو ڪتاب پڙهندو هو، پر خدا وارن ڏانهن ڪو اعتقاد نه هوس
بلڪ نماز فرضي پڻ ادا نه ڪندو هو. نقل ٿو ڪري ته جنهن سال ۾ حضور اقدس جن وٽ پڙهندو
هوس انهن ڏينهن ۾ هڪ جوان معشوق سان دل ڦاٿل هيم. سبق وقت به منهنجي دل انهي
حيراني ۾ رهندي هئي دل ۾ چوندو هوس ته هتان ڪڏهن واندو ٿيندس جو ان محبوب
جي گهٽي جو نظارو ڏيان ۽ انهي منهن جي ورق کي مطالعه ڪندس. انهي وچ ۾ مون کي حضور اقدس
جن فرمايو ته اي فلاڻا نماز پڙهڻ گهرجي ۽ جي ڪم نشر نيت ۾ درست نه هجن انهن کان پاسو
ڪجي جو ته جيترا ڪم علم ظاهري پڙهڻ جي وقت پڻ بي برڪتي پيدا ڪندا آهن. غرض ڪيم
ته حضرت منهنجا گهڻا ماڻهن کان نصيحتون پڌيون اٿم. جيڪڏهن رب جي وات ڏانهن
ڇڪي ڏنو ۽ ڪرامت ڏيکاريو ته پوءِ امير اٿم ته انهي وسيلي سان صالحن جي جماعت ۾ داخل
ٿيندس. پاڻ ٻڌي ڪن مان ڪري فرمايو ته صبح انهي نيت سان مون وٽ اچ ڏسجي ته ڇا ٿو
ٿئي. اتفاقاً صبح جو اهو محبوب جنهن سان دل ڦاٿل هيم مون وٽ آيو ته هن ڪري منهنجي ڪلاڻ
دل نه گهريو ته يار گهر آيل کي ڇڏي حضور اقدس جن وٽ وڃان پر ٽن ڏينهن کان پوءِ حضور اقدس
۾ ويس نه فرمايو ته تو ڇو نه ڪيو جو تو کان وعدي خلافي صادر ٿي خير هاڻي وڃ وضو

ساري ٻه رڪعتون پڙهي اچ حڪم موجب وضو ساري ٻه رڪعتون پڙهي حاضر ٿيس. پوءِ
مونکي ڪنڌ ۾ ڏيئي وڏي ذڪر تلقين جي تعليم ڏني ۽ توجهه فرمايائون جو مستيءَ بيخوديءَ
کان خاڪ تي ڪري پيس ان بيهوشيءَ جي حالت ۾ مونکي گهر کڻي ويا. هڪ ڏينهن کان پوءِ هوش
آيم. هن کان پوءِ منهنجي دل انهيءَ عشق ۾ ٻين لڳاين کان سر ڏيئي ڏيئي پوءِ درگاهه تي خدمتگا
ري سعادت حاصل ڪيم. سندن نظر ڪيميا اثر جي برڪت سان هر روز پاڻ کي پاڻ کان
پري ۽ عالم غيب جي اوڏو ڀي ڏٺم ______ مخدوم هجي ته شيخ بديع الدين کي حضور
اقدس جن ٿوري مدت ۾ خلافت کان نوازي سهارنپور موڪليو. پوءِ آگري ويو انهيءَ مرد
خدا جي اهڙا فيض ڏنا جو سندن فيض کان ڪُتا پڻ فائدي وارا ٿيا. سندن لشڪر ڏانهن
وڃڻ ۽ موٽي اچڻ جو احوال روضة القيوميه ۾ آهي. (زبدة المقامات ملخصًا ص ٣٤٧)

ڪرامت:- مولانا محمد هاشم توکي ته شيخ حميد بنگالي جو، ديني علم لاهور ۾ پڙهيو
هو، سو آگري ۾ مفتي خواجه عبدالرحمٰن ڪابليءَ وٽ رهندو هو. شيخ صاحب جي احوال جي
مفتي صاحب روايت توکي ته شيخ حميد علم جو نهايت قابل هو جنهنڪري شيخيءَ جو لقب ڏنيل
هُيس. جڏهن مون وٽ آيو خيال ڪيم ته پاڻ ۾ گڏ رهون ۽ علمي بحث ڪيون هڪ ڏينهن
ولين ۽ فقيرن جي علم جو گفتگو هليو مون انهيءَ گفتگيءَ مان معلوم ڪيو ته خدا وارن جو منڪر هو
۽ حضرت خواجه امام ربّاني قدس سره ته انهن ته هيڪاري انڪار هوس انهيءَ گفتگيءَ کي ڏهه ٻيا
ڏينهن گذريا جو حضور اقدس جن سرهند شريف کان آگري تشريف فرمايا سندن
منزل برادرن جي پاڙي ۾ ٿي جڏهن شيخ حميد کي حضور اقدس جي تشريف جي خبر پهتي
ته هن منهنجي جاءِ تي آيو چيائين ته هاڻي هن پاڙي کي ڇڏي ٻئي هنڌ ٿو وڃان جيڪي سا
مان منهنجا تو وٽ آهن سي مونکي ڏي. پڇيو مانس ته ڪهڙو سبب آهي جو هي جاءِ ٿو ڇڏين
تنهن تي سبب ڇڏڻ جو حضور اقدس جي تشريف جو ڏنائين. مون چيس ته اهو مرد ته
وڏو ولي ڪامل، صالح ۽ عالم آهي انڪان توکي نفرت ڪرڻ نالائقي آهي. چيائين ته
منهنجي ان سان ٿوري اڳ واقفيت آهي لاچار پاڙي ۾ اچڻ جي سبب ملاقات ضرور ٿيندي
پوندي جي سندن حضور ۾ نه ويندو ته به مشڪل، جي ويندو ته هيڪاري مشڪل، اهڙي
طرح ڪجهه گفتگو هلائي موڪلائي ٻئي پاڙي ۾ وڃي رهيو. ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪنهن جي
رهيل لاءِ مون وٽ آيو پاڻ ۾ ويٺا سون گفتگو علمي پئي ڪيوسون جو اوچتو هڪ شخص آيو

جڏهن پهتو ته حضرت محبوب سبحاني خواجه امام رباني اڃا در وازي تي بيٺو هئي. مونکي ڏسي پري تي آئين چاهوني ۽ شيخ حميد پنهنجي اچڻ کان پشيمان ٿيو ته چيو آيس. آئون سندن خدمت لاءِ اٿيس آخر پاڻ اچي ويٺا ۽ فرمايائون ته مسئلو پڇڻ لاءِ آيو آهيان عرض ڪيم ته اهو ڪهڙو مسئلو هوندو جنهن کان حضور اقدس جن واقف نه هوندا انهن تي فرمايائون ته "مفتي کان پڇڻ پرهيزگاري جو سبب آهي". جڏهن مسئلي جو گفتگو پورو ٿيو جو نهايت مشهور هو. تڏهن شيخ حميد ڏانهن منهن مبارڪ ڪري فرمايائون ته "پيا شيخ حميد هن آيو آهي". پوءِ هڪ بد نظر عجيب ڪيفيت سان ان ڏانهن ڪري هڪ ساعت مراقبو ڪيائون ته هن کان پوءِ اٿيا مون تمام گهڻي ته عرض ڪيو ته ڪجهه تر سو ته حضور اقدس سان جي خادم سان آهن ته لاءِ طعام آڻيان. پاڻ قبول نه ڪيائون ۽ اٿيا آئون سائن ٻاهرين دروازي تائين ويس. مونکي گمان هو ته شيخ حميد پنهنجي جاءِ تان اٿيو به نه هوندو ۽ پر ڏٺم ته شيخ پنهنجي پيرن تي آيو جڏهن حضور اقدس کان موڪلائي گهر آيس شيخ حميد کي ڪونه ڏٺم خيال ڪيم ته شايد پنهنجي جاءِ تي ويو هوندو وڃانئس لاءِ ڪنهن کي موڪليم خبر پيم ته شيخ حميد پاڻ پيادو حضور اقدس جي پيرن ڊڪندو ويو جي پيران جي پاڻ ڪاهي واه نه تاڙ کن جڏهن حضور اقدس جن منزل تي آيا ته هن شيخ حميد دروازي تي مٿاونو ڪيون نهايت حيراني ۽ نااميدي جي حالت ۾ پيو ٿو رُئي. حضور اقدس جن گهڻي دير کان پوءِ اندر گهرائي هر قسم جي عنايت ڪيائون ۽ اهڙو محبت الهي ۾ غرق ۽ حضور اقدس جي صحبت ۾ مشغول ٿيو جو هن پنهنجي مسنگت ۽ پنهنجي ڪتابن جي يادگيري، جن سان نهايت پيار هوس وسري ويس ۽ علم جو ڪو اکر ياد نه رهيس. جڏهن حضور اقدس جن سرهند شريف ڏانهن روانا ٿيا ته هن شيخ حميد پاڻ پيادو آگري کان سرهند شريف تائين ڊڪندو ويو. خواجه عبد الرحمان راوي مفتي جو ٿو ته حضور اقدس جي اهڙي عجيب ڪرامت ڏسي آئون پڻ وٽن جو مريد ٿيس (زبدة المقامات ص ٢٥٤)

حضور جن جي جُتي مبارڪ جو فيض

ڪرامت:- شيخ حميد جي حالات ۾ صاحب حضرات القدس جو لکي ٿو ته جڏهن حضور اقدس جن شيخ صاحب کي خلافت کان نوازيو. موڪلائڻ وقت حضور ۾ عرض ڪيائين ته مونکي پنهنجي جتي مبارڪ تبرڪ لاءِ عنايت فرمايو. حضور اقدس جن ان کي جُتي مبارڪ عطا ڪئي. شيخ صاحب قدس سره جُتي مبارڪ کي وات ۾ وجهي عاجزي سان پوئين پيرن تي پنهنجي ملڪ جو

رستو ورستو تائين پنهنجي ملڪ پهچڻ تائين درگاهه شريف ڏانهن منهن نه ڪيائين. لڪن تان تر نيڻ جتي وات مان ڪيئي دري پڳ ۾ وڌائين لهاجتي مبارڪ سندن متي تي چٽ جڙ اُڏ جو نمونو ٿي پئي انهيءَ حالت سان ويجهي ڳوٺ پهتو.

اگر خاڪے ازیں کو بر سر آید مرا بہتر ز چندیں افسر آید

جڏهن ڳوٺ پهتو، جتي مبارڪ لاءِ جدا حجرو ٺهرايائين ۽ تمام تعظيم سان رکيائين. ان ملڪ جا ماڻهو جي مشڪلات وارا هوا جڏهن اهي اڳاهه ٻڌائون ته ياري لاءِ ايندا هوا انهيءَ وقت سندن مشڪل آسان ٿيندي ويا. بيمارن جي شفا لاءِ پاڻي جا ڪرا پريري ڪڻي ايندا هوا حضرت شيخ حميد قدس سره جتي مبارڪ جي ڪُنڊ ڪري ۾ وجهي ڏيندا وهو پيءُ شرط بيمار جتي ويندا هوا. جي بيمار ڪي لچل اوٿي هوندو ته ڪري ۾ جتي مبارڪ جي ڪُنڊ وجهڻ شرط ڪري پيئي پوندو هو اهو عمل مجرب هو.

برزمینے کہ نشانِ کفِ پائے تو بود سالہا سجدۂ صاحب نظراں خواہد بود

جيستائين شيخ حميد قدس سره حيات هو انهي طرح حالت گذرندي هئي. سندن وفات کان پوءِ شيخ صاحب جي متن کان جارو ناهي ان ۾ جتي مبارڪ رکيا ٿون. هن وقت تائين بيشمار ماڻهو ان جتي مبارڪ جي برڪت سان شفاياب ٿي ٿا وڃن. صاحب روضة القيوميه جو جلد اوّل جي آخر ۾ تو لکي ته اهان يارڳاهه منگل ڪوٽ جي شهر ۾ آهي. ان مُلڪ جا ماڻهو طبيبن جا هرگز محتاج نه ٿا رهن هر قسم جا بيمار حضور اقدس خواجه امام رباني قدس سره جي جتي مبارڪ جي برڪت سان شفاياب ٿا ٿين

جمال ہمنشیں در من اثر کرد وگرنہ من ہماں خاکم کہ ہستم

راقم الحروف:- حضرت شيخ حميد قدس الله تعالیٰ سره العزيز، حضور اقدس خواجه امام رباني قدس سرهٗ تي پورو عاشق جانثار هو. حضور اقدس جي صاحبزادن سڳورن ڏانهن قدس الله تعالیٰ اسرارهم ”هڪ مکتوب شريف لکيو اٿس جو نمونو لاءِ ٿو لکان انهي مان انجو عشق پيو ٿئي گهرجي ۽ طالبن کي محبت مجدد ديءَ جو سبق وٺڻ گهرجي جو هن ۔ الحمد لله الذي جعلكما صاحب سجادة مولاي ومرشدي وقبلتي وقبلة الانام

قطب الارشاد وبدر الزهاد لم يات مثله الا الخلفاء الراشدون ولا يأتي بعده شبهه الا محمد ن المهدي وهو احد بين المحمدين وثاني اثنين. فيضه في العالم

الآن كما كان باقي الى يوم القيامة. اعني خواجه محمد سعيد وخواجه محمد معصوم سلمهما الله سبحانه وابقاهما واوصلهما الى غاية ما يتمنيانهما وزاد عمرهما وعمر اولادهما الخ
حضرات القدس جلد ثاني. هن عبارت شيخ حميد قدس سره جي مڪتوبن کي ڪوبه شبهو پوي ته مڪتوب ع ۲۰۹ جلد اول ۾ ڏسي. عبارت مختصر مڪتوب شريف جي هيءَ آهي.

بالجمله كمالاتِ اولیائے این طبقه بعد از هزار سال از ارتحال خاتم الرسل صلی الله علیه وسلم شبیه بکمالاتِ اصحابِ کرام است هرچند بعد از انبیاء فضل مر اصحابِ کرام راست عَلَیْهِمُ الصَّلَوَاتُ وَالسَّلَامُ امّا جائے آن دارد که از کمالِ تشابه یکے را بر دیگرے فضل نتوان داد ازینجا تواند بود که آن سرور فرموده عَلَیْهِ وَعَلٰی اٰلِهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ لَا یُدْرٰی اَوَّلُهُمْ خَیْرٌ اَمْ اٰخِرُهُمْ نه فرمود لَا اَدْرِیْ اَوَّلُهُمْ خَیْرٌ اَمْ اٰخِرُهُمْ لِعِلْمِهٖ بِحَالِ کُلٍّ مِّنَ الْفَرِیْقَیْنِ لِهٰذَا قَالَ خَیْرُ الْقُرُوْنِ قَرْنِیْ اما چون از کمالِ مشابهت جائے تردد بوده فرمود لَا یُدْرٰی هرچند اگر پرسند که آن سرور عَلَیْهِ وَعَلٰی اٰلِهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ بعد از قرنِ اصحاب قرنِ تابعین را خیر ساخته است و بعد از قرنِ تابعین قرنِ تبع تابعین را پس خیریتِ این دو قرن نیز برین طبقه متیقن باشد پس تشابه این طبقه در کمالات باصحابِ کرام چه خواهد بود در جواب گوئیم تواند بود که خیریتِ آن دو قرن بر این طبقه باعتبار کثرتِ ظهور اولیاء الله باشد و قلّتِ وجودِ اهلِ بدعت و ندرتِ اربابِ فسق و معصیت وَهُوَ لَا یُنَافِیْ کَوْنَ بَعْضِ الْاَفْرَادِ مِنْ اَوْلِیَاءِ اللّٰهِ فِیْ هٰذِهِ الطَّبَقَةِ خَیْرًا مِّنْ اَوْلِیَاءِ ذَیْنِکَ الْقَرْنَیْنِ کَحَضْرَةِ الْمَهْدِیِّ مَثَلًا
فیض روح القدس ار باز مدد فرماید ؛ دیگران هم بکنند آنچه مسیحا می کرد
امّا قرنِ اصحاب از جمیع وجوه خیر است آنجا سخن کردن از فضولی است سابقان اند و در جنت نعیم مقربان ایشان اند که انفاق کوهِ ذهبِ دیگران بمدِّ شعیر ایشان نرسد وَاللّٰهُ یَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ یَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِیْمِ

حضور جن جي مصلي مبارڪ جو فيض

ڪرامت:- مولانا بدرالدين صاحب، حضرات القدس ۾ نقل ٿو ڪري ته حضور جن اُوني مصلي تي نماز پڙهندا هوا جڏهن ته پاڻ حتى الامڪان هر هڪ مذهبن جي رعايت ڪندا هوا ۽ حضرت امام مالڪ رضي الله تعالى عنه جي مذهب ۾ اوني ڪپڙي تي سجدو ڪرڻ مڪروه آهي تنهن ڪري سجدي جي جاءِ تي سوٽي ڪپڙو سبرايو هوا ته

گهڻن سالن کان انهيءَ نماز پڙهيا ٿي، جنهن هنڌ اهو تڪر وڌو هئائون تنهن وهوتنهن ان کي اڪيلي ٻيو نئون تڪر وڌو ويو ۽ نئين ڇت پوڻي اهوا. مولانا بدرالدين فرمايو ته مون مصلي مبارڪ جو اهو تڪر تبرڪ لاءِ کنيو ۽ پنهنجي مسجد ۾ رکيو. هي اراده ڪيم ته گهر ۾ رکڻ تعظيم سان وچ وچ رکندس. اتفاق سان مون کي اُن رات پنهنجي ڏينهن سومهڻيءَ جي نماز پڙهي، سمهي پيس. اهو تڪر مصلي مبارڪ وارو پنهنجي سامهين وسري ويو. حضور اقدس جي ڪرامت سان ان رات حضرت پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي ديدار فائض الانوار کان ٻارهن ڀيرا بلڪ زياده مشرف ٿيس.

حضور جن جي وضو جي پاڻيءَ جو فيض

ڪرامت:- مولانا شيخ صالح ڪولابي قدس سره جي حالات ۾ گهڻو ڪري ڪافي ڪتاب تاليف ٿيا آهن، جن ۾ شيخ پنهنجي احوال جي ٻاهر طرح لکيو آهي ته آئون طالب فيض جو گهڻي قدر رهندو هوس. هيڪر حضور اقدس کي اڪبرآباد جي مسجد ۾ ڏٺم، زيارت ڪرڻ سان منهنجو ارادو نيت پوري ٿي پيس آخر سندن مريدي کان مشرف ٿي گهڻي ڪوشش باطني ۾ ڪندو هوس، پر واردات باطني حالت جو پاڻ ۾ ڪو نه ڏسندو هوس. نيٺ هڪ ڏينهن حضور اقدس جن جي وضو جو استعمال ٿيل پاڻي چلمچي ۾ رکيل ڏٺو ۽ واردات جي نيت سان پي ڇڏيم. پوءِ شرط انهي گهڙيءَ ۾ جي باطني ڪماليتون هيون تن سڀني کان مشرف ٿيس. صاحب زبدة المقامات جو لکي ته حضور اقدس جن پوئين ڏهي رمضان شريف جي ۾ اعتڪاف ۾ ويٺا هوا چلمچي ۽ ٿوري جي خدمت مولانا صاحب جي هٿ ۾ حضور اقدس جن هٿ ڌوتا ان پاڻيءَ پيڻ مان ڪيس فائدو پهتو جو مٿي گذريو ۽ انهن ڏينهن ۾ خلافت کان مشرف ٿيو. (زبدة المقامات ص ٢٣٨)

ڪرامت:- شيخ مزمل، جو حضور اقدس جن جو وڏو خليفو هو ۽ پنهنجي ملڪ ۾ فيض جاري ڪرڻ ۾ مشغول هو. هڪ ڀيري جبل جي سير تي ويو، او چتو ڪنهن جانور وٺڻ لاءِ هڪ جي ڪناري تي وڃي پير ترڪي ويس ۽ ان جڙ ۾ ڪري پيو ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڏاڍي تڪليف آئيس، ان احوال جي ڪنهن کي خبر ڪا نه هئي. حضور اقدس جن ان وقت سرهند شريف ۾ رونق افروز هوا شيخ مزمل جي حالت کان واقف ٿي مجلس وارن کي فرمايائون ته "ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته شيخ مزمل ڪنهن خوفناڪ جاءِ ۾ ڪري پيو آهي نڪرڻ لاءِ گهڻوئي هٿ پير ٿو هڻي ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي." پر ٽن ڏينهن کان پوءِ ان ملڪ جو ماڻهو درگاه شريف تي آيو ۽ حضور اقدس جي خادمن کي شيخ مزمل جي ڪري پوڻ جو احوال ٻڌائين حضور اقدس جن فرمايو هو ته ٽن ڪيائين ۽ پڇيائين ته ڪنهن ماڻهن کي

حضور اقدس جي توجه سان خبر پئجي وئي جن شيخ صاحب کي اچي ڪيڏيو. (زبدة المقامات ص ٣٦٣)

ڪرامت: - مفتي غلام سرور چشتي حديقة الاولياء ۾ تذڪره مجدديه کان نقل ڪري ٿو ته هڪ شيعي مذهب واري هڪ پيري حضرت خواجه امام رباني رضي الله تعاليٰ عنه جي مڪتوبات شريف هٿ ۾ ڪئي ڪوبي هڪ جاءِ تي حضرت صديق اڪبر خليفه اول رضي الله تعاليٰ عنه جي تعريف لکيل ڏٺائين ڏسڻ شرط مڪتوبات شريف کي زمين تي اڇلايائين ۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جي حق ۾ گهٽ وڌ ڳالهايائين. رات جو خواب ۾ حضرت اقدس کي ڏٺائين گويا اچي گهر آيا آهن ۽ فرمائين ٿا ته اي مردود تو منهنجي مڪتوبات کي ڇالاءِ اڇلايو ۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جي حق ۾ تو گهٽ وڌ ڇو چيو. "تون سزا جي لائق آهين". ڪيس پڪڙي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حضور ۾ وٺي ويا ۽ سمورو احوال سندن حضور ۾ عرض ڪيائون تنهن تي حضرت علي ڪرم الله وجهه ان مردود کي فرمايو ته "اي بد اعتقاد تون بزرگن جي ڪتاب کي اڇلايئين تو ۽ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي اصحابن سڳورن کي گهٽ وڌ ڳالهايئين تو تنهن ڪري تون سزا جو لائق آهين". ائين چئي حضرت علي ڪرم الله وجهه جن آڱريون اڀي منهن تي چماٽ هنيائون جنهنجي اثر کان جاڳي پيو ۽ پنهنجي اکين سان رت وهندو ڏٺائين پوءِ آرسي کڻي پنهنجو منهن ڏٺائين جو سڄو ڪارو ٿي ويو هيس انهي وقت پنهنجي اڳين اعتقاد کان توبه ڪري صبح جو حضور اقدس ۾ حاضر ٿي سندن مريد ٿيو. مريد ٿيڻ شرط منهن تان ڪاراڻ لهي ويس پوءِ ساري عمر حضور اقدس ۾ گذاري سندن ارشادن کان مستفيض ٿيو

ڪرامت: - حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جناب حضرت سيد آدم بنوري قدس سره کي ٽن ڏينهن ۾ ولايت جي مٿاهين مقامن تي پهچائي پوءِ انکي فرمايائون ته توکي هاڻي فيض عنايت ٿيندو. جڏهن ته سندن فرمودو پورو ٿيو جو هڪ ڏينهن حضرت آدم بنوري قدس سره هڪ جهنگل ۾ تشريف فرما هو جو هڪ نور جي چادر عالم غيب کان اڏامندي اچي سندس اڳيان ٿي جنهن کان سندس بدن مبارڪ ۾ ثانري حالات باطني جي رقت غالب ٿي، جواهر علويه (مترجم اردو مطبوعه لاهور ص ٩٠)

ڪرامت: - حضور جن هڪ پيري هڪ سوداگر تي توجه اهڙو ڪيو جو پهرين توجه سان ان تي بي هوشي ۽ استغراق ايتري قدر غلبو ڪيو جو دنياوي لاڳاپن ۽ گهر بار کان دست بردار ٿي ويو ٻيهر مٿس عنايت جي نظر ڪيائون ۽ انکي هوش جي حالت ۾ آڻي سلوڪ کان مشرف

ڪيائون. جواهر علويه (مترجم اردو مطبوعه لاهور ص٩١) جواهر مجدديه.

ڪرامت:- بنگال جي رهڻ واري هڪ درويش تي حضور جن اهڙي توجه ڪئي جنهن سان اهو ٽي ڏينهن تائين جهنگل ۾ بيهوش پيو رهيو. جواهر علويه (ص٩١)

ڪرامت:- هڪ ڏينهن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن مرتضيٰ خان جي تربت تي دير تائين مراقبي ۾ رهيا ۽ سندن چهري مبارڪ تي ڏک جون نشانيون ظاهر ٿيون. آخرڪار مراقبي کان مٿو کڻي وڏي افسوس سان فرمايائون ته مرتضيٰ خان عذاب ۾ گرفتار هو. مون درگاه الهي ۾ عاجزي ڪئي ته الله تعاليٰ انکي ڇوٽڪارو عطا فرمايو. مرتضيٰ خان جو هڪ دوست هميشه فڪر ۾ رهندو هو ته منهنجي دوست جو آخرت ۾ ڪهڙو حال هوندو. جنهن ڏينهن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه عذاب جي نجات لاءِ درگاه ۾ التجا ڪئي هئي ان ڏينهن گذرڻ تي رات جو مرتضيٰ خان پنهنجي دوست کي خواب ۾ اچي چيو ته آئون ڪيتري مدت کان عذاب ۾ گرفتار هوس. اڄ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي توجه کان مونکي ڇوٽڪارو نصيب ٿيو. جواهر علويه (اردو ترجمه مطبوعه لاهور ص٩٢)

ڪرامت:- مولانا جمال دهلوي جو هڪ وڏو فاضل عالم هو، حضور ۾ عرض ڪيائين ته پوئين زماني جا صوفي وحدت وجود جي مسئلي ۾ تمام حد کان ٻاهر غلو ڪري رهيا آهن حضور جن جي انهي حقيقت جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟ پاڻ هڪ لحظو مراقبو ڪري انهي حال ڏانهن اهڙي توجه ڪيائون جو مولانا تي هڪ قوي حالت اثر ڪيو جنهن کان ان بي اختياري تي توحيد جو اقرار ڪيو ۽ محبت خداعزوجل ۽ علاج ۾ ملامال ٿي صاحب ڪمال جو ٿيو. جواهر علويه (ص٩٦) ساڳي طرح واڱر مولانا جمال تلوي جو به ذڪر آهي ته ان به حضور ۾ وحدت وجودي جي باري ۾ پڇيو جنهن ته صاحب زبده جو نڪي ٿو ته حضور جن مولانا جي ڪن ۾ ڪي اهڙا اکر فرمايا جو مولانا جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ چهري جو رنگ ڦري ويو ۽ ڪيتري دير تائين رئن تي هٿ هڻي بگو پيو نهايت عاجزي سان رخصت پذير ٿيو. ڪنهن کي به معلوم نه ٿيو ته حضور جن ڇا انکي فرمايو ۽ هن جي صورتحال جي گوش چاٻق و

نه دانم چه گفتي چه انگيختي ::: که گفتي وا زديده خون ريختي (سلسلة الذهبيه ج٣ ص٢٠)

نه حسنش غايت دارد نه سعدي را سخن پايان ::: بميرد تشنه مستسقي و دريا همچنان باقي

ــ حضور اقدس جي ڪرامتن جو جيڪو شمار ڪونهي هت ڪي نموني لاءِ ڪيون ويون آهن انهن مان ڪن کي مڪتشافر به چئي ٿو سگهجي. صاحب حضرات القدس جو ناٿين حضرت ۾ ٿو ڏکي ته آئون ستر

له نالون حضرات:- ڪتاب حضرات القدس جو عنوان آهي حضرات القدس سڄو ڪتاب ٻارهن حضرات جي عنوان (باب ص٢٩)

ڏٺو حضور اقدس جي حضور ۾ حاضر هوس انهن ڏينهن ۾ جي سندن ڪرامتون، تصرّف
مقامات، درجا، ڪشف ڏسڻ ۾ آيا جي ان وقت گڏ ڪرڻ جي خواهش ٿيندي هئي ته هو ڪيترا
دفتر ٿي وڃن ها سندن هڪ هڪ خيال کان پڻ لکها ڪرامتون صادر ٿيون هر ساعت حضور
اقدس کان ايتريون ڪرامتون ڏسندا هوس جي سڀ لکڻ ته مشڪل، پر جي سيڪڙن ڏينهن
جي هڪ ڪرامت لکان ته به هزارين ٿين پيون. انتهى ملخصًا.

حضور اقدس جو سنّت نبوي صلى الله عليه وسلم ۾ تماحقه پورو ڌرهڻ ۽ دين جي
ڌُڏن اريءَ لاءِ تڪليفون ونڻ ۽ اج تائين سندن طريق مبارڪ ۾ فيض رهڻ اها سندن هڪ
وڏي ڪرامت آهي پاڻ جيڪي لکيو اٿن هر حرف مان اٿين ٿو ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻ فنا في الرسول جي مقام
کان پوري طرح متاثر هوا عبرت لاءِ ٻه نقل لکجن ٿا تن مان سندن فنا في الرسول جي ۽ اتباع
سنّت محمدي ۾ ذوال آهي) ان مقام جي معنىٰ معلوم ڪري سگهجي.

سيّد محمد نعمان جو فرمودو

صاحب حضرات القدس جو حضرت سيّد محمد نعمان قدس سره جي حالات
۾ لکي ٿو ته شاه صاحب ڪي فرمايو ته هڪ ڀيري حضرت اقدس قطب ارشاد
امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جي صبح واري حلقي ۾ ويٺو هوس جڏهن مراقبي
کان متوجهي ڪيم ته ڏٺم ته حضور اقدس خواجه امام رباني جي جاءِ ۾ حضرت سيّد الڪونين
عليه وعلى آله الف الف صلوات وتسليمات جن ويٺا آهن مون ۾ هيبت غلبو ڪيو وري متو
هيبت منهنجي ساعت کان پوءِ متوجهي ڪيم ڏٺم ته حضرت اقدس خواجه امام رباني قدس سره جن پڻ
حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي پرسان ويٺا آهن وري متوجهه ٿي ڪري مراقبي ۾
مشغول ٿيس ساعت کان پوءِ متوجهه ڪئين ڏٺم ته حضور اقدس جي جاءِ ۾ حضرت پيغمبر ڪريم
عليه وعلى آله الصلواة جن ويٺا آهن ۽ حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي جاءِ ۾ حضور
اقدس جن ويٺا آهن وري ته مراقبي ۾ مشغول ٿيس. ساعت کان پوءِ متوجهه ٿيس ته ٻي ڀيري حضرت پيغمبر
صلى الله عليه وسلم ڏٺم تنهن کان پوءِ ٻي جاءِ ۾ حضور اقدس جن ڏٺم. تنهن کان پوءِ ڏٺم ته ٻئي
حضور اقدس جن ويٺا آهن اهو معاملو هنن اکين سان ڏٺم نه خواب هو نه واقعو. فاعتبروا
يا اولي الابصار.

شيخ بديع الدين جو واقعو درسي

شيخ بديع الدين قدس سره جي حالات ۾ آهي ته شيخ صاحب ڪي فرمايو ته هڪ
ڀيري ذڪر جي حلقي ۾ ڏٺم ته صحبت حضرت رسالت پناه صلى الله تعالى عليه وسلم
جي ۾ حاضر ٿيو آهيان ڪنهن شخص حضرت سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم کان پڇيو ته يا رسول الله

صلي الله عليه وسلم سنّت نوافل جي ادا ڪيو ٿا پاڻ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن مٿان
ڪئي تنهن تي مون عرض ڪيو ته يا رسول الله صلي الله عليه وسلم حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني
قدس سره اها نماز پڙهندو آهي حالانڪ حضرت مجدّد الف ثاني قدس سره اهو عمل ڇاڻو ٿو ڪري
جواڏهان ڪيو آهي حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جن مرادي ڪان مٿو ڪي فرمايائون ته
جيڪي مجدّد الف ثاني تو ڪري ٿو حق آهي اهو سا ڳوهن جو عمل آهي اها نماز آئون به ادا ڪندو آهيان

مختصر ڪيو مقام ۽ درجا سڳورا جي حضرت مجدّد الف ثاني کي خصوصيت طرح عطا ٿيا

سيادت پناه سيّد ميان عبد الاحد صاحب قدس سره سلسلة الذهبيه جلد اول ۾ ارقام ٿو فرمائي ته واضح هجي ته حق سبحانه وتعالى حضرت مجدّد الف ثاني رضي الله تعالى عنه کي خاص پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اهي مرتبا عطا فرمايا جو بيان کان ٻاهر آهن ۽ تن کي ڪي بالڪل ٿورا پهتا آهن. جن مان ته اهي مرتبا اهي پيدائش نادر شمار ڪيا ويا آهن ته انهن ڪري اهي مرتبا سندن ذات خاص سان خصوصيت ٿا رکن ۽ جي مواهب جديده الهيه ۽ عطايا جزيله نامتناهيه جهڙوڪ، ڪشف مقامات مخصوصه ۽ معارف جديده از قسم معارف حضرت ذات جلّ جلاله ۽ صفات ۽ شيونات ۽ معارف غريبه الهيه ۽ حقائق انبياء عليهم الصلوات والسلام ۽ مبادي تعينات انبياءِ عظام ۽ ملائڪ ڪرام ۽ اسرار ڪماليت رسالت واولي العزمي ۽ ڪشف رموز مقطعات قرآني ۽ متشابهات فرقاني ۽ معاملات اصالت خاصه ۽ خلقت ذاتيه بقيه طينت حضرت خاتم الرسل عليه وعلى آله الصلوات والتحيات ۽ منشاءِ ولايت مقام محبت ۽ محبوبيت ذاتي ۽ حقيقت لاهوت ۽ تجديد الف ثاني ۽ ٻيون ٻه ڪيتريون فضيلتون ۽ ڪمالتون کين جيڪي عطا ٿيل آهن، جنهن جي پروڙ کان عقل قاصر آهي. سندن ذات اقدس سان متعلق آهن. اهي مٿيان مقام حضرت مجدّد الف ثاني کان اڳي بعد زمانه تبع تابعين جي امت جي ڪنهن ٻروليءَ کي عطا نه ٿيا. اها عنايت خاص حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني تي عطا ٿي. جنهن کين حق سبحانه وتعالى مجدّد الف ثاني ڪيو، انهيءَ ڪري ڪيترا پيرا الهام ٿيو ته مجدّد الف ثاني تون آهين ۽ اهي ظاهر ڪرڻ لاءِ به کين حڪم ٿيو ته هن ڳالهه کي ظاهر فرمايو. پاڻ حڪم الهي موجب حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جن ٻن ٽن مڪتوبن شريفن ۾ اشارو فرمايو آهي. جنهن ته هڪ مڪتوب ۾ ارقام ٿا فرمائن. "اي فرزند اين آن وقت بود ڪه در امم سابقه" الخ ۽ هن مڪتوب شريف

جو سنڌي ۾ ترجمون گذري آيو [1]، ٻئي مڪتوب شريف [2] ۾ انهيءَ مدعا کان پوءِ لکي ٿا فرمائن.

اي برادر اين سخن امروز بر اكثر خلائق گران است و از افهام ايشان دور دور اما اگر بر سر انصاف بيايند و علوم و معارف يكديگر را موازنه كنند و صحت و سقم احوال را بمطابقه علوم شرعيه و عدم مطابقه آن ملاحظه نمايند و تعظيم و توقير شريعت و نبوت را ببينند كه در كدام يكے بيشتر شايد از استبعاد برآيند ديده باشند كه فقير در كتب و رسائل خود نوشته است كه طريقت و حقيقت خادمان شريعت اند و نبوت افضل از ولايت است اگرچه ولايت آن نبي باشد و نوشته كه كمالات ولايت را نسبت بكمالات نبوت هيچ مقدارے نيست كاشكے حكم قطره داشتے نسبت بدريا محيط.

[3] هن قسم جا مضمون پاڻ گهڻن جاين تي لکي فرمايا اٿن خاص طرح ان مڪتوب شريف ۾ جيڪي فرزند ارجمند رضي الله تعاليٰ عنه ڏانهن لکيو اٿن. ان ۾ اهڙو بيان لکي ڇاڙتري ۾ تحرير ٿا فرمائن ته اسان جو مقصود هن گفتگوءَ مان الهي نعمتن جو اظهار ڪرڻ ۽ هن واٽ سلوڪ جي طالبن لاءِ ترغيب ڏيڻ آهي نه هي مقصود آهي ته پاڻ کي ٻين کان بزرگ سمجهڻ ۽ ٻيلو ٻين جاهل جن اهي الفاظ مبارڪ هيءُ آهن. مقصود ازين گفتگو اظهار نعمت حق است سبحانه و ترغيب طالبان اين طريقت نه تفضيل خود بر ديگران معرفت خداے جل و علا بر آنكس حرام است كه خود را از كافر فرنگ بهتر داند فكيف از اكابر دين.

ولے چون شه مرا برداشت از خاك — سزد گر بگذرانم سر از افلاك
من آن خاكم كه ابر نو بهاري — كند از لطف بر من قطره باري
اگر بر رويد از تن صد زبانم — چو سوسن شكر لطفش كے توانم

جواهر واري جو حضرت جن جي باري ۾ فرمودو

صاحب جواهر الحقائق جو پنهنجي ڪتاب ۾ تو نکي ته حضرت امام رباني شيخ احمد سرهندي رضي الله تعاليٰ عنه جن انهن وڏن صوفين مان آهن جي پنهنجي دل ماسوا کان صاف ڪري ولين جي زمري ۾ داخل ٿيا. ظاهر ۽ باطني علمن جا جامع ۽ مٿاهين مقامن ۽ وڏن ڪرامتن جا صاحب آهن اڪثر عالم ۽ عارف سندن بزرگي جا قائل آهن. فاضل محقق عبدالحڪيم سيالڪوٽي قدس سره سندن مجدد الف ثاني جي شان جو اولين

---

[1] يعني هي عبارت مڪتوب شريف ٢٣٤ جلد اول حصه چوٿين مڪتوبات مطبوعه امرتسر جي ص ٣٣ ۾ آهي. هي مڪتوب پنهنجي وڏي فرزند اڪابر اولياء حضرت خواجه محمد صادق قدس سره ڏانهن لکي فرمايو آهي جنهن عبارت جو ترجمو هن ڪتاب جي ص ٢٥ جي ڇاڙتري ۽ ص ٢٦ جي شروع ۾ ڏنو ويو. [2] مڪتوب ٢٧١ جلد اول حصه چوٿين مڪتوبات شريف مطبوعه امرتسر جي ص ٩٩ ۾ هي عبارت آهي. هي مڪتوب حضرت مير محمد نعمان قدس سره ڏانهن لکي موڪليو.
[3] يعني مڪتوب ٢٧١ جلد اول جي ڇاڙتري مڪتوب ۾ تحرير ٿا فرمائن.

فرمايو. هند، سنڌ، عرب، عجم، خصوصاً روم، شام، عراق، ڪردستان ۽ ٻين شهرن جا مشهور عالم سندن طريقي مبارڪ ۾ داخل ٿيا آهن ۽ انهن ملڪن ۾ سندن زماني مبارڪ ۾ سندن فيض پوري شهرت ورتي ۽ حضرت مجدّد الف ثانيؒ اهو شخص آهي جنهن علمن ۽ اسرارن جا قسم پوري طرح سان ظاهر فرمايا ۽ باطني رستي جي مقامن جو ايترو قدر بيان فرمايائون جو اڳوڻن ولين کا اڳرائي ڪري ويا ۽ حضرت مجدّد الف ثاني اهو شخص آهي جو مقطعات قرآني جي سمجهڻ کان محروم ۽ سرفراز ٿيا ۽ متشابهات فرقانيه جي اسرارن جي حصول کان ممتاز ٿيا ۽ حضرت مجدّد الف ثاني اهو شخص آهي جنهن کان هندستان جي نبين جا نالا ۽ مقام ۽ درجا پڌرا ٿيا ۽ انهن جي تابعين جا احوال معلوم ٿيا. ۽ حضرت مجدّد الف ثاني اهو شخص آهي جنهن ذاتي افعالي جلّ وعلا جي ذاتي شانن، سلامتيا ولايت، نبوّت، رسالت ۽ ڪمالات اولي العزمي ۽ مقامات خلت ۽ محبت جا بيان فرمايا ۽ مخصوصاً سيّد الانبياء عليه وعليهم الصلوٰة والسلام جا ظاهر ڪيائون قدس الله تعالىٰ روحهم وافاض علينا فتوحهم. انتهيٰ (هديه مجدّديه)[1] —— ساڳي اها عبارت عربي ۾ علامه محمد مراد مڪي جي "الدرر المكنونات" جي حاشيه ۾ مطبوعه مڪه مڪرمه زادها الله شرفاً صفحه ۱۷۱ سو سٺ تي پڻ لکي آهي.

مختصر بعض حالات بلند ومقامات ارجمند
حضرت مرشد مجدّد رضي الله تعالىٰ عنه

ساڳيو مٿيون سيادة پناه عالي جاه سيّد عبد الاحد صاحب بن سيّد غلام محمد قدس سرهما مٿئين ڪتاب[2] ۾ ارقام تو فرمائي ته اگرچه جناب حضرت شيخ امام رباني مجدّد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي حالات، معاملات ۽ سندن خاصيتون مٿاهيون ايتري قدر آهن جن جي لکڻ لاءِ هڪ جلد وڏو دفتر گهرجي مگر هت وڏن ڪتابن تان چونڊ ڪري ٿورڙي سندن خاصيتون ۽ ڏيون ۽ مڪاشفا عالي ۽ اهي بشارتون جي خواجه صفاڪيشان حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعالىٰ عنه جن حضور اقدس جي حق ۾ فرمايون هيون هت درج ڪيون ٿيون وڃن.

(۱) حضور اقدس مرشد مجدّد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي قطبيّت جو استحضار خواجه صاحب کي سندن اچڻ کان اڳي ڪيترا سال معلوم ٿي چڪو هو.

(۲) سندن نور عالم افروز کي حضرت خواجه صاحب جن سندن هن ظهور ۽ محاملي کان اڳي

---

[1] مطبوعه مجتبائي ص ۹۶ ۽ ۹۷ حضرت مولانا مولوي وڪيل احمد سڪندرپوري جواهر الحقائق جو حوالو سان هي بيان آندو آهي. [2] يعني ڪتاب السلسلة الذهبيه في احوال اڪابر نقشبنديه المجدّديه جي ص ۶۳ ۾ حضرت مولانا عبد الاحد قدس سره هي بيان تو فرمايو آهي.

ڪيترن سالن تائين وڏي شمع جي صورت سان روشن ڏٺو.

(٣) حضرت خواجه صاحب جن حضور اقدس جي باري ۾ پنهنجي ڪنهن مريد ڏانهن هن طرح لکيو: ”چراغي شود که عالمها از و منور گردد“

(٤) حضرت خواجه صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جو پنهنجي ڪنهن مريد کي اڳي عرض ڪرڻ تي هن طرح فرمائڻ: هن پيري جن هن جناب حضرت شيخ احمد ايندي وآڻون تنهنجي لاءِ سفارش ڪندس جو اهو پنهنجي توجهن سان پنجن ڇهن ڏينهن ۾ توکي ولايت جي وڏن مرتبن تي پهچائيندو.

(٥) حضرت خواجه صاحب جي حضرت مجدد کي بشارت ڏيڻ ته توکي مرتبو مراديت ۽ محبوبيت جو حاصل ٿيو

(٦) حضرت خواجه صاحب جي توجهن سان حضور اقدس جو اڳي مخفين ۾ ڪامل ٿيڻ ۽ سلوڪ جي مرتبن کي پورو ڪرڻ

(٧) حضرت خواجه صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جو حضور جن ڏانهن لکڻ: ”مخدوم درويشان بحضرت شما نوشتن بغايت بي شرمي است“

(٨) حضرت خواجه عالي مقدار جو حضور مرشد جن ڏانهن لکڻ: ”مدتي هست که عرض نياز مندي بدرگاه ولايت پناه نکرده ايم“

(٩) ٻئي هنڌ حضرت خواجه صاحب جو حضرت مجدد ڏانهن لکڻ: ”مارا احمد خود بايد نگاه داشت واز فضول احتراز نمودن“

(١٠) ٻئي هنڌ طرح حضرت خواجه صاحب جو لکڻ: وَلِلْاَرْضِ مِنْ كَاْسِ الْكِرَامِ نَصِيْبٌ

(١١) ٻئي هنڌ طرح: ”چه شد که مشعل مجددي از فتيله باقي بالله جست“.

(١٢) ٻئي حضرت خواجه صاحب جو حضرت مجدد ڏانهن لکڻ: ”شيخ الاسلام انصاري قدس سره فرمايو ته مان خرقاني جو مريد آهيان جي هن وقت خرقاني حيات هجي ها ته باوجود پير هجڻ جي اهو به منهنجو مريد ٿئي ها، يعني هن وقت منهنجو ۽ تنهنجو حال به انهي طرح آهي“

(١٣) حضرت خواجه عاليشان جو سندن مڪاشفه سان پنهنجي حالات عاليه جو تحقيق ڪرڻ

(١٤) پير پڻ حضرت خواجه باقي رضي الله تعالیٰ عنه جو پنهنجي مريدن جي حالات حضرت مجدد کان دريافت فرمائڻ

(١٥) سڀ کان وڌيڪ عجب جهڙي ڳالهه هي آهي جو خود حضرت خواجه عاليشان رضي الله تعالیٰ عنه جو حضرت مجدد الف ثاني جي حلقي ۾ ويهڻ ۽ فيض حاصل ڪرڻ.

(١٦) حضرت خواجه عاليشان رضي الله تعالیٰ عنه حضرت مجدد جي باري جي شان ۾ فرمائيندا هئا ته ”ايشان آفتابي اند که مثل ما هزاران ستارگان در ضمن ايشان گم اند“ - هن کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون خاصيتون حضرت مجدد الف ثاني کي عطا ٿيل آهن، جي پاڻ تقريرا خواه تحريرا ۾ صراحةً ۽ ڪنايةً ڪي حقي طرح ۽ ڪي اشاري طرح بيان فرمايون اٿن

(١٧) حضرت خواجه صاحب جن جون ڪين نسبتون عالي عطا فرمائڻ ۽ مٿاهين مقامن تي پهچائڻ

(١٨) امانتون ولايت ۽ اقتباس نبوّت جي عنايت ڪرڻ ولئي مان ڪرڻ ۾ بعطاءِ نبي جي ڏني ڪئي، سابه بالڪل توڙي قدس. حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه اوهان کان کين لوازيو ۽ حضور جن هر هڪ جي معرفت کان سرفراز ٿيا آهن. جيئن ته ڪيترا ڀيرا پاڻ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن هن طرح فرمائيندا هوا. "کرازکمال عنايات او سبحانه درحق اين بنده کمترين اين است که هيچ کوچه ازين راه نماند الا که اين حقير را بران عبور دادند و از نسبت عليه سريان دمعيت و احاطت و وحدت و تشبيه و تنزيه و اسرار اين جهاني و آن جهاني و وجوبي و امکاني عليحده عليحده بمحض کرم بهره ور گردانيدند."

(١٩) جناب حضرت شاه ولايت علي مرتضيٰ ڪرّم الله وجهه جن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي آسماني علمن جي تعليم عطا فرمائي جيئن ته پاڻ پنهنجي ڳالهه ڏانهن اشارو فرمايو اٿن.

(٢٠) جناب حضرت خضر ۽ الياس عليهما السلام حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي ملاقات لاءِ تشريف فرما ٿيا. پنهنجي حياتي ۽ مماتي جي حقيقت کان کين واقف فرمايائون. جيئن ته پاڻ انهي ڳالهه جي تصريح هڪ مڪتوب شريف ۾ ڪئي اٿن.

(٢١) سلوڪ جي ابتداء ۾ وقت حضرت خضر عليه السلام جي روحانيت تشريف فرمائي کين علم لدني سيکاريو، جنهن علم سکڻ لاءِ حضرت سيّدنا موسيٰ عليه الصلوٰة والسلام کي خدائي حڪم هو جنهن جو قرآن شريف ۾ ذڪر آهي جيئن ته حضور جن ميله مجادي الخ ۾ انهن ڏانهن اشارو فرمايو آهي.

(٢٢) حضرت خاتميت عليه وعليٰ آله الصلوٰة والتحية جن کين علم ڪلام جي مجتهد هوڻ جي بشارت ڏني جنهن جو احوال هڪ مڪتوب ۾ پاڻ اظهار فرمايو اٿن.

(٢٣) کين الهام ٿيو ته توکي ۽ تنهنجي مريدن کي ڏينهن قيامت تائين بخشيم. جنهن جو ذڪر مبدء معاد ۾ آهي. هي احوال اڳ گذري آيو.[٣]

(٢٤) هڪ ڏينهن حضور اقدس جن پنهنجي فرزند فوت ٿيل جي روح پر فتوح کي ثواب پهچائڻ لاءِ کاڌو تيار ڪرايو. انهي وقت کين هي خطرو پيو ته حق تعاليٰ جو فرمودو آهي ته پرهيزگارن جو کم الله تعاليٰ قبول ڪري ٿو. آئون پرهيزگار ڪٿي آهيان پوءِ منهنجو هي عمل ڪيئن قبول ٿيندو "وانما يتقبل الله من المتقين" پاڻ انهي خيال ۾ هوا جو اوچتو آواز ٿيو "انّكَ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ" "تحقيق تون پرهيزگارن مان آهين." هي احوال

---

[١]- ان راز جو اشارو مبدأ معاد مطبوعه مجددي امرتسر جي صفحه ۾ آهي. [٢] ان الهام جو ذڪر مبدأ معاد مطبوعه مجددي امرتسر صفحه ۹ ۾ آهي. [٣] ان بشارت جو احوال هن ڪتاب جي صفحه ٢ اندر گذري آيو

اڳي ٻه ڳڻ ڏيڍ آيو آهي.

(۲۵) حضرت مرشد مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن ڪڏهن به تهجد جي پاڻهي نه اٿيا بلڪ ٻين راتي حڪم ۽ علم الاهي ٿيندو هو ۽ جهڙي طرح آواز پهچندو هو. هڪ ڀيري بنا آواز ٿيڻ ڪا لسواءِ جاڳيا پاڻ خيال فرمايائون ته آءٌ ڪير آهيان جو پاڻهين اٿي بندگي ۽ طاعت الاهي ۾ مشغول ٿيان. وري پاڻ آرام لاءِ ليٽي پيا، اڃا گهڙي نه گذري جو هر طرف کان بانگن جا آواز بالڪل چٽا ۽ سڌا شروع ٿيڻ لڳا. جنهن ته پاڻ ٿا فرمائن: "هرگز من خود به تهجد برنخاستم بلکه هميشه مرا باذان و اعلام و صدا و امثال هاد ثلث آخر شب بيدار کرده اند. يکبار بے آنکه صريحاً ندا رسد بيدار شدم گفتم من کيم که بخود برخيزم و به بندگي و طاعت او تعالى آويزم باز سر را بخواب نهادم لحه نرفته بود که از هر طرف آواز اذان و اعلام برخاست.

(۲۶) ڪين هي بشارت ملي ته جنهن به جنازي تي حاضر ٿيندا، اهو ميت بخشيل آهي.

(۲۷) ڪين هي به بشارت حق تعالى کان عطا ٿي ته اي شيخ احمد جيڪي به علم تو بيان ڪيا آهن ۽ لکيا آهن اهي سڀ اسان جي طرف کان آهن.

(۲۸) حضور اقدس مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن فرمايو ته شريعت ڪي ڏند منهن جي ڳهڻي ۾ اٿين پيو لٿي آهي جنهن ڪري ڪافرن جهڙن مسافرخاني ۾ پيو لهي. اسلام مسافرن وانگر آوارو ۽ سرگردان هو، جنهن حضرت مجدد الف ثاني جي درگاه کي دين جي پناه سمجهي پيو ان آرام حاصل ڪيو، ٻئي هزار جي مدت ۾ اهائي جاءِ اسلام جي حوالي ٿي، هيءَ اڄ تائين حضرت مجدد الف ثاني جي اولاد امجاد ۽ خلفائن جي رهڻي سان اسلام جي پوري خاطر داري ڪري ٿي پيو بمصداق قطوبى للغربا" جي حضرت مجدد الف ثاني لائق تحسين حضرت سيد المرسلين صلى الله عليه وسلم جو ٿيو. حضرت خواجه محمد معصوم مهاجر ڪي دام برڪاته چا نچگو فرمايو آهي.

اگر پوچھو کہ بعد الف ثانی سے قیامت تک ۔۔۔ جہاں میں فیض ہے کس کا مجدد الف ثانی کا

جو منکر انکا ہے وہ فیض حق سے ہو گیا محروم ۔۔۔ کہ اب ہے واسطہ اعلیٰ مجدد الف ثانی کا

(۲۹) حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه فرمايو ته رمضان المبارڪ جي پوئين ڏهي ۾ تراويحن بعد مونکي تڪن تي عجب ٿڪ معلوم ٿيڻ لڳو ته گهر پهچي وڃي بستري تي ويس سمهڻ مهل تڪ جي غلبه کان پهريائين سجو پاسو هيٺ ڪري سمهڻ وارو ڳالهه وسري ويئي جا سنت نبوي صلى الله عليه وسلم آهي ۽ کٻي پاسي کي هيٺ ڪري سمهي پيس. پاسي کي ڦيرڻ کان بعد ياد آيم ته مون

سنّت ترڪ ٿي ويئي. نفس کي انهيءَ سستيءَ بالڪل گهٽ ڪيو. شهنشاهه جو ڪيم. نه هئي سنّت توڇو وساري آخر سنّت جي ڇڏڻ جي خوف مونکي نه ڇڏيو ۽ اهو خوف زور ورتو، ويو علاج ڪرڻ ۾ وري سڄو پاسو هيٺ ان ڪري سهيس. منهنجو سمهڻ ۽ هوتو انهن الهي ڪرم سان ٻي انتها انوار نڪرڻ لڳا ۽ مثال وسڻ شروع ڪيو. جنتو آواز آيو ته اي شيخ احمد توجو ايتري سنّت محمّدي جي رعايت ڪئي آهي ته ڪري اسين ڪنهن به وجه جو عذاب آخرت جو توتي نه ڪنداسون ۽ انهيءَ رعايت جي سبب اسان تنهنجي خادم کي به بخشيو جوان وقت حضور جن جي پيرن مبارڪن کي زور ڏئي رهيو هئو.

راقم الحروف:- جڏهن حضور جن جو اتباع سنّت ۾ بالڪل گهڻو هو، خيال هو اهڙي طرح بدعت کان نفرت به حد کان زياده هيڻي. اهڙي بدعت کان نفرت حضور جن جي ٻاراڻي وقت کان عادت ٿي چڪي هئي جنهنجو هڪ مثال انساب الانجاب[1] تان اتار يان ٿو جو اهو هي ساڳو متبرڪ حضرت مرشدنا ومولانا قطب الزمان قيوم جهان ادام الله فيوضاته علينا جن به فرمايو آهي ڏهو هڏا، هڪ ڏينهن ٻاراڻي وقت ۾ حضرت شاهه ڪمال قادري قدس سره سندن والدبزرگوار رضي الله تعاليٰ عنه وٽ مهمان هو. حضور جن کي سندن والد بزرگوار رضي الله تعاليٰ عنه کڻي حضرت شاهه ڪمال قدس سره جي خدمت ۾ آندو. حضرت شاهه ڪمال قدس سره جن حضور اقدس مجدد الف ثاني کي ٻچل ۾ ويهي پنهنجي آڱر مبارڪ سندن وات ۾ وڌائون. حضور انور جن روئڻ لڳا. حضرت شاهه ڪمال رضي الله تعاليٰ عنه جي هٿ مبارڪ ۾ ڪا اهڙي شيءِ هئي جنهن ۾ آثار بدعت جا هوا. حضرت شاهه ڪمال حضرت مجدد الف ثاني جو روئڻ ڏسي مرڪڻ لڳو ۽ ان شيءِ کي هٿ مبارڪ مان لاهي ڇڏيائون. بس لاهڻ جي دير هئي جو حضور جن حضرت شاهه ڪمال جي آڱر مبارڪ چوسڻ لڳا. خدمت حضرت شيخ ڪمال قدس سره حضور انور کي فرمايو بابا هاڻي بس ڪر ڪجهه منهنجي اولاد لاءِ باقي ڇڏ. پوءِ حضور انور جي والد بزرگوار حضرت مخدوم رضي الله تعاليٰ عنه کي حضرت شاهه ڪمال قدس سره فرمايو ته هي نينگر تنهنجو مجدد الف ثاني بالڪل گهڻو شريعت جو پابند رهندو ۽ سنّت محمّدي علي صاحبها الصلوٰة والتحية جو پورو ملتزم ۽ تابع هوندو وحق جي ڳالهه ڪرڻ کي هرگز ڇڏي نه ڏيندو ۽ اجهو هاڻي اوهان نه ڏٺو ته مونکي پڻ ان هٿ ۾ پيل شيءِ بدعت جي لاهڻ لاءِ دلالت فرمايائون منهنجي امانت (قادري) سموري کي زبان جي رستي چڪي ورتائون مگر ڪجهه منهنجي اولاد لاءِ باقي ڇڏيائون. اهه

---

[1] هي ڪتاب قدوة السالڪين زبدة العارفين حضرت خواجه محمد حسن جان قدس سره جو تصنيف ٿيل فارسي ۾ آهي، مجدد ي حضرات جي نسب جو بيان فرمايو اٿن.

حضرت مرشد قيوم جهان سندن شان ۾ چيائون چڱو فرمايو آهي.

آن محمد طينت واحمد بنام — صاحب تجديد شاه وخاص وعام
بعد پيغمبر در اقليم شهود — اين چنين شاهے نيامد در وجود

(۳۰) رمضان شريف جي پوئين ڏهي ۾ حضور جن کي جناب رسول پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله عليه وسلم جي زيارت فيض بشارت نصيب ٿي اجازت نامون کين عطا فرمايائون. جنهن جو احوال اڳي گذري آيو.

(۳۱) جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه کي حضرت رسالت پناه رسول مقبول صلي الله عليه وسلم هي بشارت عطا فرمائي ته قيامت جي ڏينهن هيترا هزار آدمي توهان جي شفاعت سان بخشيا ويندا جيئن ته مولانا محمد هاشم زبدة المقامات ۾ تحرير ٿو فرمائي ته جنهن ڏينهن کين هي بشارت عطا ٿي تنهن ڏينهن پاڻ ان جي شڪريه ۾ گهڻو طعام تيار ڪري طالبن ۽ مسڪينن کي کارايائون. ۽ هن بشارت جو ذڪر فرمايائون.

(۳۲) وسيلة دوجهان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن هڪ مڪتوب[1] شريف ۾ لکي فرمايو آهي. "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ جَعَلَنِيْ صِلَةً بَيْنَ الْبَحْرَيْنِ وَمُصْلِحًا بَيْنَ الْفِئَتَيْنِ" يعني شڪر آهي پروردگار جل وعلا جو جنهن مونکي ٻن درياهن جي ملائڻ وارو ۽ ٻن جماعتن جو پاڻ ۾ صلح ڪرائيندڙ فرمايو آهي - هي عبارت پاڻ انهي جاءِ تي ارقام فرمائي اٿن جتي پاڻ وحدت وجودي وارن ۽ پيائش سڳورن ۽ ٻين علمائن جي ڪلام ۾ تطبيق[2] ڏئي فرمائي آهي ۽ ٻنهي جماعتن جي تڪرار کي لفظي جي طرف راجع فرمايو آهي ۽ معنيٰ ۾ اهڙي طرح موافقت فرمائي اٿن جو ڪنهن طرح جو به ڪو شڪ شبهو نه رهيو. مولانا محمد هاشم قدس سره زبدة المقامات ۾ تحرير ٿو فرمائي ته مون ۾ هڪ عالم جو پاڻ ۾ متين تاليفي تڪرار ٿيو هو. عالم جو پڇو ته هڪ ٻيو مجدد الف ثاني اهڙن وڏن معاملن جي دعويٰ ٿو ڪري. سندن دعويٰ جو ڪنهن حديث ۾ ضرور اشارو هجي ها. جئين سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي طرف کان مهدي موعود جي شان ۾ حديثن ۾ اشارا موجود آهن. جي هن قسم جي به ڪا حديث وارد هجي ها. "يعني ٻن فريقن جي صلح ڪرائڻ وارو ۽ ٻن درياهن جي ملائڻ وارو، جئن پاڻ مڪتوب شريف ۾ لکيو اٿن" ته پوءِ بي شڪ چئي سگهجي ها ته اها حديث سندن شان ۾ آئي آهي، جو ته واقعي بي شڪ حضور جن ٻن فريقن کي جدال[3] کان جدا ڪيو آهي. مون چيو ته حديث نبوي جو نه مونکي احاطو آهي نه تو کي پر ڪتابن مان معلوم ٿيو ته هن قسم جي ڪا به حديث نه آئي آهي

---

[1] يعني مڪتوب ڇهون جلد ٻيو حصو ڇهون مڪتوبات مطبوعه امرتسر ص ۳۲ ۽ برابري ۲ جلد ۲ و

جي هوندي ته عجب ڪرڻهي - وري ان عالم چيو ته مون وٽ ڪتاب جمع الجوامع جو، علامه سيوطي
گڏ ڪيو آهي سو موجود آهي اهڙي ڪا حديث شريف نه هوندي جا ان ۾ موجود نه هوندي - هن امت جي
ٻلاين جي باب کي کولي ڏسون ته ڪهڙي حديث سند ڏن دعويٰ جي موافق آهي. جڏهن مون ڪتاب شريف
کوليو ء اُمّت جي ٻلاين واري باب کي جاچيم ته هي حديث شريف مدعا جي موافق نڪتي يَكُونُ فِي أُمَّتِي
رَجُلٌ يُقَالُ لَهُ صِلَةٌ يَدْخُلُ الْجَنَّةَ بِشَفَاعَتِهٖ كَذَا وَكَذَا - يعني منهنجي اُمت ۾ هڪ مرد ڪامل ٿيندو
جنهن کي ملائڻ وارو چيو ويندو جنهنجي شفاعت سان ڪيترا بهشت ۾ داخل ٿيندا - مون ان فاضل
کي چيو ته هيءَ حديث شريف اسانجي مرشد ڪريم مُجَدِّدِ اَلفِ ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي حال جي طرف
پوري طرح سان اشارو ڪري رهي آهي، اسانجي مرشد ڪريم به لفظ صِلَةٌ جو مٿئين عبارت ۾ ذڪر ٿيو
آهي ء بشارت سرورِ دين و دنيا حضرت احمد مجتبيٰ صلى الله عليه وسلم جي به بالڪل پوري مٿن صادق
آئي. اهو فاضل چوڻ لڳو ته ان ۾ شڪ ڪي نه ٿو سگهجي. اٿئين جيءَ مان ڪي ويو. خواجه محمد هاشم ٿو
فرمائي ته هي سمورو احوال مون حضرت مجدد الف ثاني جي حضور پرنور ۾ پهچايو پاڻ مرڪڻ فرمائي
شڪر الاهي ادا ڪيائون تهن بابت جي حق ۾ گهڻو ئي التفات فرمايائون.

(٣٣) حق تعالىٰ جَلَّ وَعَلا ڪين سٽ درجا حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي متابعت جا
عطا فرمايا ء انهن جي نور ۽ برڪتن کان کين مشرف فرمايو جڏهن ته انهن ستن درجن جي تحقيق
ڏنو ٿي چوويهن مڪتوب شريف ۾ موجود آهي. ٿا تُڪان درگاه مجددي وارن ارشادات
احمدي ڪي ڏسي ٿا سگهن، صاحب روضه جو فرمودو آهي ته پين بزرگن فقط ٻن درجن کان
شرف ورتو آهي.

(٣٤) حق تعالىٰ جَلَّ وَعَلا خاص پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان حضور ارفع امام رباني مجدد الف ثاني
رضي الله تعالىٰ عنه جي سيني کي ڪيني کان خناس ۽ وسواسن کي بالڪل پاڙان پٽي ڇڏيو
جڏهن ته پاڻ ٿا فرمائن ته مون نماز زوال جي پڙهي ادي جنهن ڏسڻ ۾ آيو ته منهنجي سيني
کان هڪ وڏي ٻلا نڪري ٻاهر هلي وئي ۽ وري هي به ڏٺو ويو ته ان جو اکيرو به ڪيڏي اڳيان
ويو ۽ جي ڪيتريون اننڌ اريون ان جي هن هُنَ پاسي هيون اُهي به صاف ڪيون ويون
ايتري قدر جو ان جو ڪجهه به اثر باقي نه رهيو انهي نڪرڻ شرط عجيب انشراح سيني ۾
ظاهر ٿيو، (اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ) جنهن کان معلوم ٿيو ته هي خناس هو جو منهنجي سيني

لہ ڪنز العمال ج ٦ ڪتاب الفضائل من قسم الاقوال ص ٢٣٦ لہ هن نماز جو بيان اڳتي تفصيل سان ايندو

کان ڪڍي ٻاهر اڇلايو ويو ۽ انهيءَ وسواس خناس کان پناهه گهرڻ لاءِ جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم کي امر ٿيل آهي ته وَمِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ ۝ الَّذِي يُوَسْوِسُ فِي صُدُورِ النَّاسِ ۽ هي به ڏيکاريو ويو هو ته جي خطرا حصول دين ۾ پيدا ٿا ٿين اهو سڀ خناس جي منشأ کان ٿا ٿين جو سيني ۾ آکيو ويٺو رکي ٿو ۽ هر وقت نيش زني ڪري رهيو آهي.

راقم الحروف:- جناب رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي سنت جي ڪمال اتباع ۽ عشق ۾ پاڻ پيدا ڪري جو حضرت مجدد الف ثاني جي رڳ رڳ ۾ اتباع محمدي جو عشق مالامال هو. انهيءَ عشق جي صلي ۾ کين انشراح صدر جو عطا ٿيو جو "اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ۝" جي خطاب موجب حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم کي عطا ٿيل هو. متبوع جي متابعت تابع کي هن درجي تي پهچايو ولله الحمد

(٣٥) الله تعاليٰ خاص پنهنجي عنايت سان سندن عبادتن کي شرڪ خفي کان خالي ڪري ڇڏيو. جڏهن نماز پڙهڻ مهل سوره فاتحه جي قرأت وقت کين بالڪل خوف غالب ٿيندو هو. جڏهن اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ ۝ جي جاءِ تي ايندا هوا. آخر الله جل وعلا سندن ديده تصور اعمال جي ڪري سندن عبادت مان شرڪ دفع ڪيو ۽ نعمت اَلَا لِلّٰهِ الدِّيْنُ الْخَالِصُ جي ظهور ۾ آئي. الحمد لله علي ذالك. هي احوال اڳي تفصيل سان گذري ويو[1]

(٣٦) حضور جن جي عنايت اتباع رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ رسوخ علم عمل جي سبب وٽن مذهبن جا امام سڳورا تشريف فرما ٿيا. حضرت امام اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جا استاد به مثل ابراهيم نخعي به تشريف فرما ٿيا - جنهن جو ذڪر گذري آيو[2]

(٣٧) شاهه سڪندر صاحب حضرت شاهه ڪمال قدس سره جي روحانيت جي حڪم موجب جڏهن کين حضرت غوث الاعظم رضي الله تعاليٰ عنه جو خرقو پهچايو. سڀني طريقن جا اولياءِ ڪرام تشريف فرمائي مناظرو ڪرڻ لڳا.

زهر آن بت چون شمع چون گل — گرفته جنگ با پروانه بلبل

هي سمورو عجيب قصو گذري آيو[3] - حضور جن نقشبندي مجددي طريقي کان سواءِ قادري طريقي ۾ به مريد ڪندا هوا ۽ کين چشتي طريقي جي اجازت سندن والد بزرگوار قدس سره کان مليل هئي. پاڻ چشتي طريقي ۾ به مريد ڪندا هوا، مگر ڪمال تقويٰ ۽ التزام متابعت سنت سنيه علي صاحبها الصلوٰة والتحيه جي ڪري سرود ۽ وجد ڪرڻ وغيره کان بالڪل احتراز فرمائيندا هوا.

---

[1] تفصيل سان هي بيان هن ڪتاب جي صفحه ٢٣ جي حاشيه ۾ [illegible] جي شروع ۾ مڪاشفو آيو آهي ته هي
[2] هن ڪتاب جي صفحي [illegible] ۾ آيو [3] هن ڪتاب جي صفحي [illegible] ۾ هي بيان گذري آيو.

راقم الحروف: - حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن ڪيترن خليفن کي
چشتيءَ قادري طريقي جي باجازت ۽ خلافت عطا فرمائي. جيئن ته سيد آدم بنوري قدس سره انهن ٻنهي
طريقن ۾ جناب حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي خلافت کان
مشرف ٿيل هو - نقشبندي مجددي ۽ چشتي طريقي کان پنهنجي خليفي حضرت سعدي لاهوري
قدس سره کي نوازيائون ان پنهنجي خليفي حضرت شيخ حاجي ايوب قدس سره کي - ان پنهنجي خليفي
خواجه حافظ جمال الله قدس سره کي ان پنهنجي خليفي زبدة الواصلين مخدوم محمد اسماعيل
پرياڻ لوئي قدس سره کي - هن حضرت ٻنهي طريقن کان جناب سراج الواصلين فخر العاشقين حضرت
سيد محمد بقا قدس سره کي نوازيو - ٻيو هن حضرت پنهنجي فرزند محي السنة النبوية ماحي آثار
البدعة حضرت شيخ سيد محمد راشد (ڪنگري شريف والد پير پاڳارو) قدس سره کي انهن ٻنهي
طريقن کان مشرف فرمايو - ٻيو هن حضرت فخر الاولياء زين الاصفياء حضرت شيخ سيد صبغة الله
قدس سره کي مجددي ۽ چشتي طريقي جي خلافت کان ممنون فرمايو - جناب حضرت پير روضي ڌڻي
قدس الله تعالیٰ سره جو فقط قادري طريقي سڳوري جو ٻيو مرشد ڪريم هو يعني حضرت سيد
عبد القادر جيلاني قدس سره (رچنا شريف والا) باقي مجددي ۽ چشتي ٻن طريقن جو سندن مرشد
ڪريم حضرت مخدوم محمد اسماعيل قدس سره آهي جو جيئن واسطن کان پوءِ مريد درگاه حضرت
امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جو آهي - معلوم ٿيو ته حضرت پير روضي ڌڻي قدس سره
ٽن طريقن کان مشرف هو. هي سمورو ذڪر جو لکيو ويو جناب نهايت نقابت دستگاه ولايت سيادت
پناه جناب علي گوهر حسيني پنهنجي ڪتاب متبرڪ خزانة المعرفة ملفوظات حضرت
خليفة الله جي مقدمه ۾ آندو آهي انجو اختصار هت لکيم باقي شجره نسبت معنوي حضرات
راشدن سڳورن جو سڄي ڪتاب تان اڳتي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي لکندس.

(٣٨) حضرت خواجه خواجگان مرهم دلهائي دردمندان امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه
فرمايو ته جو منهنجي طريقي ۾ داخل ٿيو يا آئنده تا قيامت جي داخل ٿيندو بواسطه يا بي واسطه عورت توڙي
خواه مرد سڀ الله تعالیٰ مونکي هٿ ۾ ڏيکاريا آهن. انهن جو نالو ۽ حسب نسب بلڪ معنوي
۽ ذات ۽ جنم جي جاءِ ۽ ٽڪڻ جي جاءِ، سڀ کي مونکي الله تعالیٰ جل جلاله ڏيکاريو آهي جي آءٌ
چاهيان ته هرهڪ جو نالو ۽ پتو ڏسي سگهان ٿو.

(٣٩) هندستان جي نبين سڳورن جي حقيقت ڪين معلوم ٿي جيئن گذريو - (الانوار الاحمديه ص ٢)

(٤٠) احوال جل جي چوٽي تي رهندڙن ۽ جيڪي زماني فترت (جنهن وقت ۾ رسول ڪو نه هو) جي ۾ مري ويا انهن جو حساب قيامت ڏينهن ڪهڙي طرح ٿيندو (ماتريدين وٽ اهل جماعت دوزخ ۾ ويندي اشعرين جي مذهب ۾ انهي جي برخلاف) حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه تي هن طرح ڪشف ٿيو ته انهن کي جياري حساب جي مقام تي بيهاري انهن جي گناهن جي اندازي جيترو عذاب ڪيو ويندو حقن جي استيفاء کان پوءِ ٻين حيوانن غير مڪلفن وانگر انهن کي معدوم مطلق ۽ محض لاشي ڪيو ويندو. انهي ٻنهي امرن جي تحقيقات مڪتوب شريف نمبر ٢٥٩ ۾ سو اٺين دفتر اول ۾ چٽائي سان لکيل آهي. انهي ٻنهي ڪشف جي تحرير کان پوءِ لکي فرمايو اٿن ته هي عجيب مسئلو جڏهن حضرات انبياء عليهم الصلوٰة والسلام جي حضور ۾ عرض ڪيو ويو ته هنن سڀني سڳورن تصديق فرمائي هن مسئلي کي مقبول ڪيائون.

(٤١) حق تعاليٰ جل و علا ڪن علماء کي راسخين مان ڪري فرمايو ۽ اسرار متشابهات قرآني ۽ رموز مقطعات ڪلام رباني جو ماهر فرمايو جيئن ته پاڻ تحرير فرمائن:

تا مدتها اين فقير تاويل متشابهات را مفوض بعلم حضرت حق سبحانه مي ساخت وعلماء راسخان را غير از ايمان بمتشابهات نصيب نمي يافت تاويلاتے كه علماء صوفيه بيان كرده اند آنها را لائق شان آن متشابهات نمي دانست وازاسرار يك قابل استتار باشند آن تاويلات را تصور نمي كرد چنانچه عين القضاة در تاويل بعضے از متشابهات گفته مثلاً از الف لام ميم الم خواسته كه يعني درد است كه لازم عشق ومحبت است وامثال آن آخر كار چون حضرت حق سبحانه وتعالى بمحض فضل خود شمه از تاويلات متشابهات را براين فقير ظاهر ساخت وجدولے ازان درياے محيط بزمين استعداد اين مسكين كشاده گردانيد دانست كه علماء راسخان را نيز از تاويلات متشابهات نصيب وافرست الخ (مكتوب نمبر ٢٥٩ مكتوبات شريف ج ١)

له ڄاڻڻ گهرجي ته شريعت اسلامي جي ڪن حڪمن جو تعلق اعتقاد سان هوندو آهي انهن حڪمن کي احڪام اصلي يا اعتقادي چوندا آهن مثلاً ايمان توحيد، رسالت، حساب، ڪتاب، عذاب ۽ ثواب وغيرهم ۽ ڪن حڪمن جو تعلق عمل سان هوندو آهي انهن کي احڪام فرعي ۽ عملي چوندا آهن مثلاً. احڪام نماز، زڪوٰة، روزا ۽ حج وغيرهم. جهڙي طرح احڪام فرعي ۽ عملي جا ڄاڻو ۽ ڏاتا چوٽي جا عالم امام مجتهد چار ٿي گذريا آهن جهڙوڪ حضرت امام ابوحنيفه، حضرت امام شافعي، حضرت امام مالڪ ۽ حضرت امام احمد بن حنبل رضي الله تعاليٰ عنهم، پوءِ هر هڪ جي تابع (پوئلڳ) کي حنفي، شافعي، مالڪي ۽ حنبلي چئبو آهي. اهڙي طرح احڪام اصلي ۽ اعتقادي جا ڄاڻو ۽ ڏاتا عالم اهل السنة والجماعة جا مشهور ٻه ٿي گذريا آهن، هڪ شيخ ابوالحسن اشعري ۽ ٻيو شيخ ابو منصور ماتريدي پوءِ هر هڪ جي تابع کي اشعري ۽ ماتريدي چوندا آهن. اشعري نسبت هڪ قبيلي ڏانهن نسبت آهي جنهن مان حضرت ابو موسيٰ اشعري صحابي مشهور آهي، ماتريدي نسبت سمرقند جي هڪ ڳوٺ ماتريد ڏانهن نسبت آهي والله اعلم بالصواب. فائدو: احڪام عملي جي چئني مذهبن کي برحق تسليم ڪرڻو آهي باقي آئنده

(والقضا فرموده) وہمچنین حروفِ مقطّعات کہ در اوائلِ سُوَرِ قرآنی وارد شدہ اند نیز از متشابہات اند کہ بر تاویلِ آنہا اطلاع نداده اند مگر علماءِ راسخین را خیال نکنند کہ تاویلِ عبارت از قدرت ست کہ بہ ید تعبیر آن نموده اند و یا ذات ست کہ بوجہ آن را معبّر ساختہ بلکہ تاویلِ آنہا از اسرارِ غامضہ است کہ باخصِ خواصّ آنرا نموده اند از حروفِ مقطّعاتِ قرآنی چہ نویسد کہ ہر حرفے از آن حروف بحریست مَوّاج از اسرارِ خفیہ عاشق و معشوق و رمزیست غامض از رموزِ دقیقہ محب و محبوب محکمات ہر چند اُمّہاتِ کتاب اند اما نتائج و ثمراتِ آن کہ متشابہات اند از مقاصدِ کتاب اند ۔ الخ [1]

(٤٢) حضرت مرشد مجدّد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه کي حق تعالیٰ قطبيّت ارشاد ۽ قطبيّت افراد جي مرتبن جو جامع ڪري فرمايو هو ۽ هي مرتبا عالي اڻ لڀ آهن ـ جيئن ته مبدأ معاد ۾ انهن جو ذڪر موجود آهي (مبدأ معاد مطبوعه مجدديه امرتسر ص ڪ)

(٤٣) حق تعالیٰ جَلّ وعلا حضرت مجدّد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنهٔ کي نبين سڳورن عليهم الصلوٰة والتحيّة جي ولايتن جون ڪماليتون مڪشوف فرمايون هيون ۽ هن طرح، جو هر طالب خواهش به پيغمبر جي قدم تي هو، اهو به منت الله جَلّ وعلا ظاهر ڪري ڇڏيو هو ـ جيئن ته پاڻ فرمايا ہيں هوا ته فلاڻو موسوي ولايت ۾ آهي ۽ نقطہ مرڪز جي قريب آهي، ۽ فلاڻو دائري جي قريب آهي انهيءَ طرح گهڻا مقامات پاڻ بيان فرمائيندا هوا ـ جيئن ته منقول آهي ته هڪ شخص کي پاڻ فرمايائون ته تون ولايت ابراهيمي ۾ آهين تنهن تي اهو بزرگ پنهنجي دل ۾ خيال ڪرڻ لڳو ته اگرچه حضور جن کي هي مقام معلوم آهي مگر جي عنايت ڪري مونکي پڻ ڏيکارن ته وڏي عنايت ۽ بنده نوازي ٿيندي ـ جيئن ته انهيءَ بزرگ انهيءَ رات معاملي ۾ ڏٺو ته حضرت خليل الرحمان علیٰ نبيّنا وعليه الصلوٰة والسلام ڪمال بزرگي ۽ نورانيت سان تشريف فرمائي آهي ۽ حضرت شيخ مجدد الف ثاني قدس سرهٔ سندن خدمت ۾ تمام ادب سان بيٺا آهن ۽ پيا شخص به تي بہ حاضر آهن جن کي ولايت ابراهيمي جي بشارت ڏني هوائون پاڻ منهن جوهت وٽي حضرت خليل عليه الصلوٰة والسلام جي قدمن مبارڪن تي رکيائون ا سين

(آئندل صفحي کان اڳين تان) ان لاءِ ته اصول ۾ چارئي مذهب حنفي، شافعي، مالڪي ۽ حنبلي متفق آهن اختلاف بعضي فروعي مسئلن ۾ آهي ـ سڀئي طرح اشعري ۽ ماتريدي ٻئي اهل السنة والجماعة جا مذهب آهن انهن جو اختلاف به فروعي آهي اصول ۾ ٻئي متفق آهن جيئن عملي مذهبن کي جهڙي طرح سڀ اهل السنة والجماعة ليکيو وڃي ٿو اهڙي طرح اشعري ۽ ماتريدي به اهل السنة والجماعة آهن انهن جيئن عملي مذهب ۽ انهن ٻنهي اعتقادي مذهبن کان سواءِ ٻين کي اهلِ حق چيو نه وينديو آهي ١٢ـ [1] مڪتوبات شريف جلد اوّل مڪتوب ٣٢٤ جي شروع ۾ هي عبارت آهي ١٢.

قدم مبارڪ جي پٺيان هليا سون. انهيءَ واقعي جو راوي ٻڌائي ٿو ته جڏهن آءٌ صبح جو حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي حضور ۾ ويس ته مرڪي مون کي فرمايائون ته جيڪي اسان توکي چيو هو، ڇا انهن بابت توکي ڪو شڪ آهي؟ ڇا توکي معلوم نه آهي ته طالبن کي جڏهن حق تعاليٰ ڪو به علم عطا ٿو فرمائي تڏهن انهن علم جي دقيقن احوالن ۽ مشرب جي استعداد کان به انهن کي واقف ٿو ڪري ۽ هر هڪ قسم جا علم گهڻي مدت کان پوءِ ڪن خاص ماڻهن کي الله جل وعلا عطا ٿو فرمائي - ڇا توکي معلوم نه آهي ته شيخ نجم الدين ڪبري قدس سره اگرچه زماني جي وليّن مان هو، مگر انهن کي به معلوم نه هو ته آئون حضرت انبياء عليهم السلام مان ڪهڙي نبي جي قدم مبارڪ تي آهيان. آخر انهيءَ تحقيقات لاءِ پنهنجي هڪ طالب کي هڪ بزرگ جي خدمت ۾ موڪليو جنهن کي الله جل وعلا انهيءَ راز کان واقف ڪيو هو. هيءُ طالب جڏهن انهن بزرگ وٽ ويو ته پنهنجي مرشد جي احوال جي جاچ ڪرڻ لڳو. تڏهن انهن بزرگن جيئن ته پنهنجو پهريون ڪهڙي حال ۾ آهي. هي طالب اهي اکر ٻڌي بالڪل رنج ٿي پيو ۽ ان کان پوءِ حيران دل تنگ ٿي پنهنجي پير جي خدمت ۾ آيو ۽ جو بزرگ کان ٻڌو هوائين عرض ڪيائين. شيخ نجم الدين قدس سره هي حقيقت ٻڌي يڪدم اٿي وجد ۾ آيو ۽ فرمائڻ لڳو ته منهنجو مقصد حاصل ٿي ويو ۽ معلوم ٿيم ته آئون حضرت موسيٰ ڪليم الله عليه السلام جي قدم تي آهيان ۽ هي اشارو انهن بزرگ جو منهنجي نسبت جو اتباع حضرت ڪليم الله ڏانهن آهي.

(٤٤) حق سبحانه وتعاليٰ حضرت امام الاولياء مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي اهڙي ته باطني ۽ تصرف عطا فرمايو هو جو پنهنجي مخلص طالبن مان جنهن کي به لائق سمجهندا هئا پنهنجي تصرف سان انکي هڪ ولايت ۽ مشرب کان ٻي ولايت تي جوان کان عالي درجي وارو هئي، پهچائيندا هئا. جيئن ته حضرت امام عروة الوثقيٰ خواجه محمد معصوم رضي الله تعاليٰ عنه ڏانهن لکي فرمايائون ته اسان توکي ولايت موسوي کان ولايت محمدي تي پهچايو. هذا من اعجب العجوبات ومن اعظم التصرفات

(٤٥) حق تعاليٰ جل وعلا شانه هادي راه حقاني حضور انور امام رباني رضي الله تعاليٰ عنه کي اسرار معاملات قلوب خمسه کان مشرف فرمايو خاص ڪري انهن مرتبي عظميٰ کان جو قلب خامس سان متحقق آهي ۽ هي مقامن ۾ هڪ نادر مقام آهي جنهنجو ذڪر مبدا ومعاد آهي.

---

(١) هي بيان تفصيل سان مبدا ومعاد مطبوعه مجددية امرتسر ص ١٥، ١٦، ١٧، ١٨ ۾ آهي ١٢.

(٤٦) جامي ٻيچارگان مقبول بارگاهه رحمان حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه کي حق تعالىٰ حقيقت قرآني ۽ حقيقت ڪعبه رباني ۽ بيت المقدس جي انوارن ۽ اسرارن کان هڪ تمام وڏو حصو مرحمت فرمايو جنهن تہ سندن مڪاتيب مان ظاهر آهي.

(٤٧) حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه کي حق سبحانه وتعالىٰ حق اليقين کان مشرف فرمايو جنهن کي ٻين اوليائن ڪرامن رضي الله تعالىٰ عنهم حق اليقين فرمايو آهي اهو حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه وٽ علم اليقين هو جنهن تہ پاڻ هن مضمون کي مڪتوب چوٽيهن ۾ ٻئي ۾ چڱيءَ ريت سان بيان فرمايو اٿن.

(٤٨) حضور انور رضي الله تعالىٰ عنه کي بہ سبب متابعت سيد الانبياء عليه التحيه والثناء جي حق سبحانه وتعالىٰ اهو مرتبو عنايت فرمايو جو مقام رضا کان مٿاهون درجو آهي ۽ انکي محبت ذاتي تعلق .....

(٤٩) ولايتون ٽي صغرىٰ، ڪبرىٰ، عليا ۽ ولايتون اوليائن، نبين ۽ ملائڪن جون، هي سڀ حضور اقدس مجدد الف ثاني رضي الله عنه تي ظاهر ڪيون ويون آهن ۽ هر هڪ ولايت جي ڪماليت کان پاڻ بهره ور ٿيا آهن. جنهن تہ انهن درجن جو تفصيل مڪتوبات عاليہ مان ظاهر آهي.

(٥٠) حق سبحانه وتعالىٰ کين خاص پنهنجي لطف ۽ مهرباني سان رحمت جو خزينو بنايو، جنهن تہ پاڻ دفتر اول، مڪتوب ٣١١ع ۾ سو پارهين ۾ تحرير فرمايو اٿن.

(٥١) الله تعالىٰ جَلَّ وعلا جي طرف کان حضرت مجدد و منور الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه کي معلوم ٿيو تہ سندن وقت کان وٺي حضرت مهدي آخر الزمان عليه السلام جي ظهور تائين جيترا بہ صاحب معاملات ۽ صاحب ڪمالات باطني جو پيدا ٿيندو.

(٥٢) جڏهن کين طواف خانہ ڪعبہ جي شوق زيادہ غلبو ڪيو تہ هن پاڻ ڏٺائون تہ ڪعبو شريف اُتي موجود آهي پاڻ طواف کان مشرف ٿيا، جنهن تہ پاڻ تحرير فرمايو اٿن. مفصل احوال گذري آيو.[1]

(٥٣) حضور اقدس رضي الله عنه جي بالڪل وڏن خاصيتن مان هڪ وڏي خاصيت هي آهي جو پاڻ ايام وصال جي قريب فرمايو هوائون تہ جو ڪمال نوع بشر کي ملڻ ممڪن آهي اهو سڀ حق سبحانه وتعالىٰ بوراثت ۽ تبعيت حضور سيد البشر صلي الله عليه وسلم جي مون کي عطا فرمايو آهي جي آئون گهران تہ انهن سڀني ڪمالتن کي عقلي طرح سان بيان ڪري ٿو سگهان ع "قلم اين جا رسيد سر بشڪست". هن کانسواءِ حضور اقدس رضي الله عنه جا مڪاشفا

---

[1] هن ڪتاب جي صـ ١٣٣ ۾ هي بيان تفصيل سان آيو آهي ١٢ -

۾ خصوصيتون وڏي وڏي شان واريون ۽ مرتبا مٿاهان اهڙي قدر آهن جو بيان ۾ اچي نٿا سگهن هت بالڪل مختصر ڪيا ويا آهن. طالبان صادق محبان واثق حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جا حضرات القدس ۾ زبدة المقامات ۾ عمدة المقامات ۾ مڪتوبات شريف ۾ مبدأ معاد ۾ ملاحظو فرمائن - هت جناب سيد عبدالاحد صاحب جي لکيل ڪتاب سلسلة الذهبيه جو مضمون پورو ڏنو.

[1] هن کانسواءِ ٻيون بہ ڪيتريون خصوصيتون هن فن جي ڪتابن ۾ موجود آهن روضة القيوميه ۾ (٦١) موجود آهن. جواهر مجدديه ۾ جو مختصر ڪتاب آهي (٧٠) آهن زبدة المقامات جي فصل پنجين ۾ (٣٣) آهن ان کانسواءِ ڪيتريون خصوصيتون فصل ٽئين[3] ۾ لکيون اٿس. اهڙيءَ طرح عمدة المقامات ۾ جو هن فن جي ڪتابن ۾ اعلىٰ درجي جو ڪتاب آهي ۽ حضرات القدس ۾ ذڪر مجدد و غيرها من الڪتب المعتبرة.

[2] بي اختيار دل گهريو تہ روضه ۾ جواهر ۾ زبدة تان تبرڪا ڪجھ تحرير ڪري سعادت دارين حاصل ڪريان ۽ هو هذا

خصوصيتون قدسيه روضتان الف[1]

(١) حق سبحانه وتعالىٰ حضور انور کي مجدد الف ثاني جو خطاب عطا فرمايو جئين گذريو[1]

(٢) حق سبحانه وتعالىٰ کين قيوم عالم جو ڪرتي فرمايو جو پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جي زماني مبارڪ کان وٺي ڪوبہ انهيءَ درجه کان مشرف نہ ٿيو هو جئين گذريو[2]

(٣) کين محبوبيت ذاتي جا طينت محمدي صلي الله عليه وسلم تي موقوف آهي عطا ٿي هئي ڪنهن بہ ولي الله تي اها عنايت ڪانہ ٿي هئي.

(٤) حضور انور[3] جو بدن مبارڪ جناب حضرت پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جي طينت جي بقيه خمير مان آهي جئين ته حضرت سيدنا آدم عليه السلام جي خمير طينت مان آهي

---

[1] هن ڪتاب جي ص ١٢٢، ١٢٣ اندر (مجدد پڻ جي شان ملڻ جي بيان ۾) هي احوال تفصيل سان گذري آيو
[2] هن ڪتاب جي ص ٣٠ اندر قيوميت جي عطا ٿيڻ واري بيان ۾ هن شان جو تفصيل ٿي آيو
[3] يعني حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جو بدن مبارڪ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي بچيل مٽي مبارڪ مان آهي جئين ته مڪتوبات شريف جي ٽئين جلد مڪتوب ١٠٠ ۾ ارشاد فرمائي - بعد از تخليق آن سرور عليه و على آله الصلواة والتسليمات بقيه مانده بود کرد در خوان دولت ضيافت کريمان زياده بيا لازم است که او کنز گويان نصيب خادمان بود آن بقيه را به يکي از دولتمندان امت او عليه و على آله الصلوة والسلام او لش گويان عطا فرموده اند و آنرا خمير مايه ساخته تحمير طينت او نموده و تبعيت و وراثت از شريک دولت خاص او گردانيده دباقي آئنده

اَكْرِمُوْا عَمَّتَكُمُ النَّخْلَةَ فَاِنَّهَا خُلِقَتْ مِنْ طِيْنَةِ اٰدَمَ [1]

(۵) ڪين خلت ابراهيمي جي عطا حاصل ٿي.

(۶) ملاحت ۽ صباحت کي حضور انور جن ملايو جو گڏ ڪري انهن ٻنهي کي اهڙي ذات عطا ٿي.

(۷) الله جلّ وعلا ڪين وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ جي جماعت ۾ داخل فرمايو.

(۸) باوجود ضمنيت جي الله جلّ وعلا ڪين اصالت عطا فرمائي.

(۹) سير انفسي ۽ آفاقي ۽ جذبي ۽ سلوڪ کان هڪ جدا خاص طريقو ڪين عطا ٿيو. جنهن کي پاڻ مڪتوبات شريف ۾ اقتباس نبوة جي نالي سان ڪوٺيو اٿن.

(۱۰) الله تعالىٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان حضور انور جي طريقي مجددي کي ٻين سڀني طريقن سڳورن کان زور ۽ پلو ڪري ڇڏيو ۽ هن طريقي وارا ٻين طريقن جي نسبت پهريائين بهشت ۾ داخل ٿيندا.

(۱۱) جناب پيغمبر خدا صلى الله عليه وسلم جي اُمت جي اڪثر نيڪ مردن جو حشر حضرت مجدد الف ثاني جي سلسلي ۾ ٿيندو.

(۱۲) قيامت تائين سڀني خلقت کي فيض، رشد، هدايت، ايمان، عمر، شفا، رزق ۽ ٻي ڪنهن غرض نه سڀ مراد ديني، دنيوي امور حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي طفيل ۽ وسيلي سان نصيب ٿيندا. مفصل ذڪر روضه ۾ آهي. [2]

(۱۳) اڳوڻن اُمت جي وليّن قدس الله تعالىٰ اسرارهم جن شرع جي خلاف ڪن امورن جو رواج ڏياريو هو جهڙوڪ وحدت الوجود ۽ رقص ۽ سماع وغيره. حضور جن انهن سڀني ڪمن کي منسوخ ڪرايو. يعني سندن وقت کان انهن غير شرعي ڪمن ڪرڻ ۾ باطني ترقي ڪنهن کي به نصيب نه ٿيندي.

(تدل اڳئين صفحه تان) عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اٰلِهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ بر ڪريمان ڪارها دشوار نيست. اين نقيه در رنگ آن بقيه طينت حضرت آدم است عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ ڪه نصيب خلقت درخت خرما آمده است كما قال عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اٰلِهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ اكرموا عمتكم النخلة فانها خلقت من طينة آدم. وللارض من كاس الكرام نصيب. الخ

[1] قال في التمييز رواه ابو يعلى وابن ابي حاتم و العقيلي وابن عدي وابن السني وابو نعيم في الطب وابن مردويه عن علي رضي الله تعالىٰ عنه (حاشيه مڪتوبات شريف)

[2] روضة القيوميه رڪن اول ص۔ چهارم مطبوعه لاهور ص۔ خاصيتن جي بيان ۾ ذڪر تفصيل سان آهي. (آئيندي ص۔ تائين ٻي شامل آهي. جتي حضرت القدس ٻئي جلد جي ديباچه ۾ بيان فرمايو آهي ته هي ڪتاب ٻارهن حضرات کي شامل آهي. دفتر اول حضرت اول جي ختم ٿيو. ٻارهن حضرات جي ٻي دفتر ۾ بيان ڪيا ويندا. هن ٻئي دفتر کي ٻي حضرت کان شروع ڪيو ويندو. اه

(١٤) حضرت مهدي موعود عليه السلام سندن سلسلي ۾ هوندو ۽ حضور انور جن جي سيني خليفن کان وڏن خليفن ۾ ڳڻبو ۽ جيئن ته پاڻ فرمايو اٿن ته مهدي موعود منهنجي عزيز الوجود نسبت جي مبعوث ٿيندو.

(١٥) سندن ولايت محمدي صلي الله عليه وسلم خاص ولايت آهي.

(١٦) جناب حضرت پير دستگير غوث الاعظم رضي الله عنه جي سرهند شريف ۾ تشريف فرمائڻ - حضور جن جي عالي رتبن جو خلق کي بيان ڪرڻ جيئن گذريو.

(١٧) جناب پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم سندن مبعوث ٿيڻ جي خبر ڏني هئي جيئن هتي گذريو.

(١٨) اُمت جي ڪيترن ولين سڳورن قدس الله تعالى اسرارهم سندن وجود مسعود جي خبر ڏيڻ فرمائي. جيئن گذريو.

(١٩) پاڻ تحرير فرمائي اٿن ته آئون اهڙي مقام تي پهتس جتي ازل ابد هڪ ٿي ويا ۽ جي ته اڳي گذريل انسان ايئن پي ڏسڻ ۾ آيا جيئن هاڻي پيا رهيا آهن. ۽ جي ڪم آئنده ٿيڻ وارا آهن اهي به هن وقت موجود آهن. گذريل ۽ ايندڙ زماني پنهنجي موجود لمحي ۾.

خصوصيتون جو اهر مجدديه تان

(١) حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه تي مقامات تعين جي ۽ وجودي ظاهر ڪيو ويو

(٢) متوسط مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن وڏن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم وانگر آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي اتباع جي درجن کان سرفراز ٿيا.

(٣) حضور انور جي زيارت لاءِ ڪعبو شريف آيو جو ڪن زيارت نصيب ٿي ۽ سندن خانقاه شريف جي کوه مان (جو روضي مبارڪ جي صحن ۾ آهي) زمزم شريف جو پاڻي نڪري ظاهر ٿيو. ڪيترا ماڻهن کي حج ڪرايائون ۽ خلق کي زمزم جو پاڻي پيارايائون.

(٤) سندن طريقي ۾ سيني ولين جا فيض گذريل آهن انهي ڪري سندن طريقو افضل ۽ اسهل آهي

(٥) سندن طريقو جامع شريعت ۽ طريقت جو آهي ۽ هن طريقي ۾ مقامات ولايت کان سواءِ ڪمالات نبوة به شامل آهي.

خصوصيتون زبدة تان آندل

(١) حضور جن بعد وصال جي مرڪڻ فرمايو. مولانا عبدالقادر بدايوني کان اها روايت آهي.

(٢) ڪين الله تعالى ۽ عند محدث فرمايو جيئن گذريو. [1]

---

[1] هن ڪتاب صفحه ١٣٦ ۾ محدث جي خطاب جو بيان ۽ لفظي تشريح ڏني وئي

(۳) حق سبحانهٗ و تعاليٰ سندن دنيا کي پڻ هن جي فضل ۽ ڪرم سان آخرت ڪري ڇڏيو. هي عجيب خاص خصوصيت آهي تفصيل زبده ۾ آهي. (زبدة المقامات مطبوعه نولڪشور ص ۱۸۹)

(۴) پاڻ رسالہ مبدأ و معاد[1] ۾ لکي فرمايو اٿن ته مون اوائل حال ۾ ڏٺو ته هڪ مقام کي چوڌاري طواف ڪري رهيو آهيان ۽ مون سان گڏ پيا ماڻهو به طواف ڪري رهيا آهن پر منهنجي رفتار ايتري تيز ٿي آهي جو جنهن وقت ۾ هو ماڻهو ٻه ٽي قدم ٿا هلن اوتري وقت ۾ هڪ سڄو طواف (ڦيرو) پورو ڪري ٿو وٺان. معلوم ٿو ٿئي ته عرش جي مٿان اهو مقام آهي ۽ پيا طواف ڪندڙ ملائڪ ۽ انبيا علىٰ نبينا و عليهم الصلوٰة والسلام آهن. وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَاءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْم.

(۵) حضور جن رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته مُنهن جون جيڪي به خصوصيتون آهن منهنجي اولاد ۾ قيامت تائين باقي رهنديون (ديکهي تجلي بي الف کا انسواء کذا في الروضه وغيره)

(۶) حضور جن رضي الله عنه جي مناقبن ۾ ٻي عجيب خصوصيتن مان هي خصوصيت آهي ته حق سبحانه و تعاليٰ کين بوجه سبقت ۽ وراثت جي وصل کان پڻ نصيب ۽ حظ عطا فرمايو جنهن ته سندن مکتوب شريف ۾ انهي تحقيقات ۽ تفصيل مذکور آهي، هن جاءِ تي راقم الحروف (صاحب زبده) جو قلم جي پيو - يعني لکڻ کان عاجز ٿي پيو -

گر بگويم شرح آن بيحد شود   مثنوي هفتاد من کاغذ شود

جيڪي هن کو عارف صاحب علم جو سندن مکتوبات شريف کي پڙهي ته اهو ڪنهن شڪ بنا سندن خصوصيتن ۽ مناقبن تي يقين آڻيندو. جيتري قدر مون سندن خصوصيتون هيٺ بيان ڪيون آهن اهي ناظرين جي چاشنيءَ ۽ سمجهڻ جي لاءِ ڪافي آهن، دل جان سان مڃڻ ۽ قبول ڪرڻ پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ڪم آهي.

راز را جز رازدان انبار نيست   راز اندر گوش منکر راز نيست

رضي الله عن صاحب الاحوال و رضي عنه سبحانه و تعاليٰ - اهـ

هنن خصوصيتن جي باري ۾ جناب حضرت خواجه محمد معصوم مهاجر مکي ادام الله فيوضاته چانڊ عجيب فرمايو آهي.

فضائل خاص تھے مخصوص وہ اس ذات عالی ہیں   نہیں ان میں کوئی ہمتا مجدد الف ثانی کا

برگزيده رحمان خواجه محمد احسان قدس سره جناب مرشد مڪمل امام رباني

---

[1] هي رسالو شريف حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي تصانيف ۾ آهي. مطبوعه مجدديه ص ۳۳ ۾ هي بيان آهي

مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي شان مبارڪ ۾ چاندبالڪل چڱو فرمايو آهي جزاه الله خيرا

بملڪ اوليا چون او نزاده | محمد ثمرۂ چون او نداده
زتجديدش حديث ڪهنه نو شد | ڪسے داندڪه در عشقش گرو شد
هزاراند رچمن دستان گذارست | ڪراين گل رونق باغ هزارست
همه پيران بنزدش طفل راه اند | چون من لب تشنهٔ نيم نگاه اند

حضور جن جي مختصر متفرق حالات

حضور انور جن، جو حرمين الشريفين جو سفر ڪرڻ فرمايو آهي، انجو مفصل احوال جدا مونکي نظر ۾ نه آيو معلومات ۾ انشاء الله تعاليٰ جدا رسالو لکندس مگر ڪتاب فقط هيتري قدر ٿا لکن ته حرمين الشريفين جي سفر ۾ حضور انور جن علماء حرمين جي ڪان سند حديث شريف جون حاصل فرمايون جنڪا تذڪره[له] الحق الحنفيه ۾ لکيو آهي. باقي هندستان جي سفر مان حضور انور جن رضي الله عنه ڪيترا ڀيرا سفر آگري جو ۽ ٻيا ڀيرا سفر دهلي شريف جو ڪرڻ فرمايو. حضرت سيدنا مرشدنا خواجه محي الدين بيرنگ باقي بالله رضي الله عنه جي وفات کان پوءِ به ٻيا ڀيرا آگري تشريف فرمايا آهن. جن ڪا انسواءِ جڏهن حضور انور جن بادشاه جي نظر بندي کان آزاد ٿيا ته هن بادشاه ڪين پنهنجي لشڪر ۾ گڏ رهڻ لاءِ عرض ڪيو ان ڪري بادشاه سان گڏ به ملڪ ۾ ڪين سفر ڪرڻون پيو جنهن ۾ هيءَ حڪمت هئي ته خلق عام خاص سندن صحبت کان مشرف ٿئي جنڪا گذريو - زبده مان معلوم ٿو ٿئي ته ٽن سالن جي مدت حضور جن جو لشڪر سلطاني سان رهڻ ٿيو.

له حد الحق الحنفيه جي يا رهين حديقه - مطبوعه نولڪشور ص ۵۶ ۾ اهڙي طرح لکيل آهي. باقي عام بين ڪتابن ۾ حضور اقدس جن جي سفر حرمين الشريفين جو ذڪر نه آيو آهي ڪتاب فقط هيترو لکن ٿا ته ياڻ حج جي ارادي سان دهلي پهتا، حضرت خواجه بيرنگ باقي بالله جي خدمت ۾ بيعت فرمايائون ۽ سفر حج ارادو ملتوي ڪيائون. حضرت علامه محمد مراد مهاجر مڪي الذرر المڪنونات معرب المڪتوبات جي حاشيه ۾ لکيو آهي ته "حضور اقدس جن پنهنجي والد ماجد جي وفات کان پوءِ اداءِ حج جي نيت سان سرهند شريف کان روانا ٿيا جڏهن دهلي ۾ داخل ٿيا ته هڪ دوست جي صلاح سان حضرت خواجه باقي بالله جي صحبت ۾ پهتا ته ڪين عنايت اندر جي جذبات ايتري دونٽ ڏانهن ڇڪيو حج جي خيال کي پوئتي ڪرڻ مناسب سمجهيائون جو ته سندن نيت فرضي طرح نه هئي بلڪ شوق نفلي طور هئي. زيارت کان بعد ٻنهي پوءِ طريقه عاليه نقشبنديه ۾ بيعت فرمايائون ۽ سندن صحبت سگوري کي لازم فرمايائون ۽ صاحب بيت رحمته سبحانه وتعاليٰ جي طلب کي بيت الله جي طلب تي ترجيح ڏنائون" الخ - عبارت مختصر هي آهي ولما دخل بلدة دهلي ڪرسي سلطنة بلاد الهند ووصل هنالک الى صحبة شيخه الشيخ محمد الباقي بالله بقيه ص ۲۹۹

علامه محمد مراد مکي وقت مقرر ڪونه ٿو ڏئي فقط ايترو معلوم ٿو ٿئي ته آخر ڪجهه مدت کان پوءِ بادشاهه حضورجن کي نهايت تعظيم ۽ تکريم سان وطن ڏانهن روانو ڪيو عبارت مختصر هيءَ آهي. لکن امره بالاقامة في معسکره مدة من الزمان ثم اطلق سراحه واعاده الى وطنه محفوفاً بالاجلال والاحترام فعاد بالوف من الفتوح على ما کان فيه اولاً من الاحوال والمقامات التي يعجز عن وصفها السنة الاقلام الخ

آخر وقت ۾ حضورجن گهڻو ڪري خلوت ۾ رهندا هوا- جنهنجو ذڪر اڳتي ايندو-
اول سفر آگري جو، جو عين جواني ۾ ڪرڻ فرمايو اٿن جنهن مان سندن علم جي گهڻائي، حق گوئي اسلامي جوش ۽ ٻيون ڪيتريون وصفون معلوم ٿيون ٿين. ذڪر تيرهين (تيرهون سال تيونميت) روضة القيوميه ۾ ڪن اول تان مختصر آثاري پوءِ مختصر سفر دهلي شريف جا ڪندس

سفر آگري جو

حضورجن جي عين جواني هئي انهيءَ وقت ۾ اڪبر بادشاهه آگري ۾ رهندو هو جنهن کي اڪبر آباد ڪري چوندا هوا- جتي ته وڏا وڏا عالم نامدار اچي رهندا هوا انهن جي ملاقات لاءِ حضورجن جي تشريف آگري ڏانهن ٿي- حضورجن جي علم جو پايو جنهن وقت جي عالمن ڏٺو ته ڏهن بالکل حيران ٿي ويا- سارو بادشاهي لشکر سندن علميت تي عاشق ٿي پيو عالم نامدار حضورجن کي علم جي گهڻائي سبب وڏي جبل وانگر جاڻڻ لڳا ۽ پنهنجي علم کي سندن مقابلي ۾ آهر جو دانو سمجهڻ لڳا- حضورجن کان سندن ننڍي ۽ تفسير جي وٺڻ پاڻ لاءِ وڏو وضو ...

(اڳين صفحي تان آندل) قدس سره بدلالة بعض امور به جذبته جذبات العناية الازلية ودلته الى الدولة السرمدية (الى ان قال) والتسب ان يخرج ما في قلبه من النية حيث لم تکن نيته على سبيل الفرضية بل کانت لمجرد الاشواق القلبية فبايعه بعد يومين من ملاقاته في الطريقة النقشبندية العلية ولازم صحبته السنية ورجح طلب صاحب البيت على طلب البيت وترنم لسان حاله بهذا البيت

اليک يا منيتي حجي ومعتمري ان حج قوم الى ترب واحجار

فائده - مکتوبات شريف دفتر ٻئي مکتوب ٤٢ ۾ حضرت خواجه محمد معصوم عروة الوثقى ڏانهن لکيل آهي، ۾ حضور اقدس جن حج جي شوق جو اظهار ۽ حج جي فرضيت ڏانهن اشارو فرمايو اٿن، ان مکتوب جي تحقيق ۽ تشريح لاءِ گذريل ساقط الحروف نور احمد عفى عنه حضرت والاشان مشفق مهربان حضرت صاحب ڪلان (قبله شاهه آغا) مدظله العالي ڏانهن شيخ مانده ڪئي ڏانهن عريضه عرض ڪيو هو پاڻ جواب ۾ مختصر مضمون تحرير فرمائي موڪليو هو مضمون بجنسه ناظرين اڳيان پيش ڪيان ٿو وهو هذا- اهو مسئلو "حضرت امام رباني جو حج تي نه وڃڻ جو" گهڻن ڏينهن کان زير بحث آهي اسان ٻنهي وڏن کان ٻڌو آهي ۽ ڪتابن ۾ پڻ مذڪور آهي ته حضرت جن حج جي سفر تي تيار ٿي ڪري ۾ روانا ٿيا هوا اوڏهين ۾ پنهنجي حضرت خواجه بيرنگ کان مريد ٿيا هوا- انهن مالو اڪبر بادشاهه جي لاد ٿئي جو سالو هو ۽ بحري سفر ۾ جهاز رائي جو ڪم انگريزن جي هٿ ۾ هو ۽ اهي جهاز ران نصاري حاجين کي مجبور ڪري ٿا جا شرڪ ڪرائيندا هوا- مثلاً جهازن ۾ شراب نوشي ۽ خنزير جو گوشت کائڻ هو جي باقي

خدمت ۾ اچي سَنَد حاصل ڪري سندن شاگردي ۾ داخل ٿيندا هئا، ڪيترن زماني جو مجتهد مجيد هوا. ڪيترين جماعتون علماءَ جون سندن درس ۾ حاضر ٿيڻ لڳيون. لشڪر جا ماڻهو سندن زيارت کي عين سعادت ڄاڻي ديدار کان مشرف اچي ٿيندا هوا. جناب حضرت شيخ سليم چشتي قدس سره ٻارهن ڏينهن ۾ آگره تشريف فرما هو حضور جن جي مجلس مبارڪ ۾ هڪ ڏينهن حاضر ٿيو ۽ چيائين سندن چهري مبارڪ ڏانهن ڏسڻ لڳو. مجلس وارن حضرت شيخ قدس سره کان سبب پڇيو ته هن تي حضرت شيخ فرمايو ته مون کي خواب ۾ سڀاڳي اها صورت مبارڪ هن کان اڳي ڏسڻ ۾ آئي آهي. هي هو شخص آهي جنهن جي خبر اڪثر اُمّت جي ولين ڏني آهي پر اجابت جي ظهور جو وقت نه آيو آهي جو هن وقت عمر مبارڪ ننڍي اٿس. حضور انور جي پيشاني مبارڪ ۾ سجدن جي جاءِ کان وٺي ٻن ڀرن جي جاءِ تائين هڪ ڳاڙهي ليڪ تاري وانگر چمڪندي رهندي هئي جا سندن تجديد الف جي علامت هُئي تنهن لاءِ حضرت شيخ سليم فرمايو ته اها ڳاڙهي ليڪ جنهن کي چتائي ڏنم سندن بزرگيءَ تي دلالت ٿي ڪري. عنقريب هي بزرگ حق تعاليٰ جي طرف کان اهڙن ڪمالن کي اظهار ڪندو جن کي نه ڪنهن ٻئي وقت ۾ ڪنهن بزرگ ڪيو آهي نه آئينده ڪو ڪري سگهندو. سندس فيض جو سلسلو مشرق کان مغرب تائين پکڙجي ويندو ۽ قيامت تائين رهندو. انهيءَ سفر ۾ جيڪو به مشائخن مان حضور انور جي زيارت کان مشرف ٿيندو هو بي اختيار چوندو هو ته عنقريب هن نوراني مرد کان اهڙا امر عظيم ظاهر ٿيندا جو هن کان اڳ ڪنهن کان به ظاهر نه ٿيا.

ابوالفضل ۽ فيضيءَ جو خدمت ۾ اچڻ

ابوالفضل ۽ فيضي جي، بادشاهه هند جا وزير اعظم هوا، حضور جن جي خبر ٻڌي سندن زيارت جا مشتاق ٿيا ڪيتري به ڪوشش ڪيائون ته اسانکي وٽن وڃڻو نه پوي پاڻ هت اچن مگر هنن جي ڪوشش بالڪل ڪارگر نه ٿي آخر هڪ ڏينهن ٻئي پاڻ گڏجي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ گهڻو اخلاص ظاهر ڪيائون. حضور انور جن به سنت نبوي صلی الله عليه وسلم جي مطابق انهن جي حال تي نهايت عنايت فرمايائون. ٻئي ڏينهن تي حضور جن کي نهايت ادب سان دعوت لاءِ عرض ڪيائون پاڻ قبول ڪري انهن جي جاءِ تي

(آنديل اڳئين صفحي ٢٩٩ تان) تنهن ڪري پاڻ اهو سفر ملتوي ڪيائون انهي شخص کي محصور چوندا آهن يعني ڪو شخص سفر حج تي روانو ٿيو مگر ڪنهن عذر ڪري رڪجي پيو ۽ ڪتابن فقه ۾ لکيل آهي ته ڪو شخص سمجهي ته مون کان هن سفر ۾ هڪڙي فرض نماز قضا ٿي ويندي ته هن کي حج جي سفر تي نه وڃڻ گهرجي. "ڪذا في مناسڪ علي قاري"

تشريف فرمائيندا. پاڻ ڏينهن ۾ راتيون وتن رهيا. هو ٻه سندن شاگردن وانگر خدمت بجا آڻيندا رهيا هئا. حضور جن ڏانهن انهن جي گهڻي محبت ٿي جيڪي ٻه ڏينهن پاڻ اڳ ۾ هوا خفاءِ سوڪري جو خدمت ۾ موڪليندا هوا ءِ کين مجتهد سمجهڻ لڳاءِ سندن فرمودي کي سندن سمجهي دليل ۾ وٺي لڳاءِ سندن تعريف ڪرڻ کان نه ٿي ايندا هوا. انهن ڏينهن ۾ ابوالفضل ۽ فيضي جي طبيعت بنا نقطن جي تفسير لکڻ جو شوق جاڳيو. اگرچه ٻئي پاڻ ۾ وڏا عالم هوا انهن هوندي به ٻيا ڪيترا علماءِ هندستان جا، جهڙوڪ مولانا جمال لاهوري تلوي ۽ ٻيا تفسير لکڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ گهرايا ٿون. ٻئي سيپارا لکي چڪا هوا. آخر هڪ جاءِ تي ٻئي پاڻ ۾ ٻيا عالم سوره الاچار ٿي ٻيا ابوالفضل حضور جن کي اچي عرض ڪيو ته اسين پاڻ خواه ٻيا عالم عاجز ٿي پيا آهيون هن ڪم ۾ حضور جن اسان کي مدد ڏيڻ فرمائڻ ته بالڪل احسان. حضور جن کي اگرچه بنا نقطن جي عبارت لکڻ جو استعمال به نه هو پر هن جي التجا تي قلم کنيا ٿون ۽ نهايت فصاحت بلاغت سان فصاءِ شان نزول اهڙا لکيا ٿون جو سڀ عالم حيران ٿي ويا. هن تفسير جو اڪثر حصو ته خود حضرت مرشد مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي تصنيف آهي يا سندن مدد سان تصنيف ٿيو.

مناظرو ابوالفضل ۽ فيضيءَ سان حضرت مجدد الف ثانيءَ جو

هڪ ڏينهن ابوالفضل جي مجلس ۾ جو حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن به تشريف فرما هوا، فلسفي علمن ۽ فلسفي دارن جي ايتري قدر تعريف ٿي جو دين جي عالمن جي توهين ٿيڻ لڳي حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن جو شان اسلام کان اهڙا ڳالهه سهي نه سگهيا ءِ فرمايا ٿون ته فلسفي ماڻهون جن علمن جو پاڻ کي واضع ٿا سمجهن جهڙوڪ الهيات، حڪمت، نجوم، هيئت ۽ طب وغيره ۽ جي علم ڪجهه دين ۾ ڪم ٿا اچن اهي سڀ علم انهن کين فلسفن ڪڍي پنهنجي ڪتابن ۽ انهن جي ڪلام مبارڪ کان چورايا آهن ۽ جي علم انهن کين جي طبيعتن جو نتيجو آهن جهڙوڪ رياضي ۽ طبعي وغيره هن قسم جي علمن مان دين کي ڪو فائدو نه آهي اهوئي سبب آهي جو حضرت امام غزالي ۽ ٻين حق جي علمائن پنهنجن ڪتابن ۾ انهن تي ڪفر جي فتوىٰ ڏني آهي. جڏهن ابوالفضل حضور جن جي تقرير ٻڌي، سخت ناراض ٿي چوڻ لڳو ته غزالي نامعقول چيو آهي. هيءَ ڳالهه ٻڌي حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه سخت ڪاوڙ جي ابوالفضل کي گهڻو ڳالهائي مجلس مان اٿي ويا. ابوالفضل سخت پشيمان ٿي معافي گهري ٻه ٽي ڏينهن حضور جن وٽ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳو ته حضور جن جو فرمودو حق هوا هان

صاحب دل مان رعشق ڪيئي جن بو گھٽي نياز عجز سان حضور جن کي پنھنجي گھر وٺي ويو

حضور جن جي حق گوئي

عين ظھر جي ڏينھن جناب حضرت خواجه مرشد نا امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن ابوالفضل جي جاءِ تي تشريف فرما ٿيا. اھو ڏينھن اٿينھون [٢٩] ڪيو ھوائون آسمان ۾ ڪجھ ڪڪر ھوا سواءِ بادشاھ جي ڪنھن بہ چنڊ نہ ڏٺو ھو رڳو بادشاھ اڪبر، جي چوڻ تي عيد ڪئي ھوائون. حضور جن احتياطاً انھيءَ ڏينھن روزو افطار نہ فرمايو ھو. ٽيپھري جو وقت ھو جو ابوالفضل خدمت ۾ آيو سندن نہ چھري مبارڪ ۾ روزي جا نشان ڏسي چوڻ لڳو تہ شايد اوھانکي روزو آھي. پاڻ فرمايائون ھا تہ. ابوالفضل چيو تہ ساري جھان عيد ڪئي آھي اوھان روزو ڇو رکيو. پاڻ فرمايائون تہ آسمان تي ايترا ڪڪر نہ ھوا جو بادشاھ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ چنڊ نہ ڏسي سگھي ھا، جي ڪٿي مڃيون تہ بادشاھ چنڊ ڏٺو تہ بہ انھي صورت ۾ جڏھين آسمان تي بالڪل ٿوريون ڪڪريون ھجن، ھڪ ٻن آدمن جي شاھدي منظور نہ آھي بلڪ ھڪ جماعت جي شاھدي جي ضرورت آھي جن جي شاھدي کي عقل ڪوڙو نہ ڪري سگھي ان سواءِ ھن باري ۾ بادشاھ جي شاھدي تہ مطلقاً غير معتبر آھي جو تہ اھو دين کان ڦري ويو آھي. ابوالفضل چيو تہ قاضيءَ جو علم ڪافي آھي. پاڻ فرمايائون تہ قاضيءَ جو علم معاملہ ۾ ڪفايت نہ ڪري نہ عبادات ۾ آخر چوڻ لڳو تہ اھي شڪ جنھي ڏينھن عيد آھي روزو جو رکڻ جڳن تہ پاڻي گھرائي ھٿ ۾ ورتي حضور انور جن جي چپن مبارڪن جي ويجھو آندائين پاڻ پيالي تي جو ھٿ مبارڪ جوش کان ھنيائون جنھن کان سمورو پاڻي ان جي ڪپڙن ۽ عمدن تي پيو. جنھن تہ ھو بادشاھ جو وزير اعظم ھو ڪپڙن ڇنڊڪري سخت ناراض ٿيو پر حضور جن جي ھيبت ڪري زبان مان ڦڙڪ بہ ڪڇي نہ سگھيو سہ "ھيبت حق است ھيبت خلق نيست". ايتري ۾ وڏي جماعت اچي چنڊ ڏسڻ جي حضور ۾ شاھدي ڏني پاڻ ان خود پاڻي سان روزو افطار فرمايائون.

پيھر حضور جن جو مناظرو ابوالفضل سان

ڪن ڏينھن کان پوءِ ھڪ ڀيري ابوالفضل جي عرض تي حضور جن ڏانس آيا، ھو فلسفين جي تعريف ۽ علماءِ متڪلمين جي توھين ۾ شروع ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ جڏھن تہ خرق التيام محال آھي انھيڪري فرشتا آسمان مان لھي ڪونہ ٿا سگھن ڇو تہ آسمان برابر مليل آھي جنھن ۾ ڪو ڇنڊ ڪري فرشتن کي نازل ڪرڻ محال آھي. حضور جن عقلي نقلي دليلن سان فرشتن جو آسمان کان بنا خرق التيام جي لھڻ ثابت فرمايو ھن طرح تي تہ حڪماءِ فلاسفہ فرشتن کي مجردات مان ٿا ڄاڻن ۽ متڪلمين انھن کي نوري ٿا ڄاڻن

ٻنهي وجهن سان ڦرشتن جو آسمان مان لنگهڻ ٻنان خرق التيام[ك] جي ممڪن آهي جهڙي ڪ نظر جو عينڪ مان سواءِ ڪائي ڇڪ جي لنگهي وڃڻ يا روشني جو شيشي مان. ابوالفضل چوڻ ٻگو ته ممڪن آهي ته فرشتونان ل تيءُ پرهيءُ ڪيئن معلوم ٿيو ته هڪ مقرر شخص تي توهي ۽ اشار حضرت خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم ڏانهن ڪيا ٿين حضور انور جن ان کان پڇيو ته تو کي ڪيئن معلوم ٿيو ته ابونصر فارابي ۽ ابن سينا حڪيم هو. چوڻ ٻگو ته انهن جا ڪتاب ۽ انهن جا علم تن جي حڪمت تي دلالت ٿا ڪن. حضور جن فرمايو ته پوءِ انهي طرح ته قرآن شريف ۽ حديث شريف مان ثابت ٿو ٿئي ته جناب حضرت رسول الله صلى الله عليه وآله واصحابه وسلم جن نبي هوا، هي حضور جن جو فرمودو ٻڌي ابوالفضل مان ۾ رهيو جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن نهايت عادت جي، اَلْحُبُّ لِلّٰهِ وَالْبُغْضُ لِلّٰهِ فرمائي ابوالفضل ڏنان ايتا ۽ انهي آشنائي جن ي ڏنائون ڪيتري عاجزي سان معافي گهرڻ ٻگو ڪيترا يارا حضور جن جي رهڻ جي جاءِ تي اچي معافي جو عرض ڪيا ٿين، مگر جناب رسول پاڪ صلى الله عليه وسلم جي عشق ۽ ڪمال محبت هوڻ ڪري ياڻ ڪا به نگاهه ان ڏانهن نه ڪيائون نه سلام عليڪ ڪيائون، جو رسالو اثبات نبوة جو، حضور جن تصنيف فرمايو آهي انجو باعث به اهو ابوالفضل وارو مناظرو هو. انهي مناظري کي تورو وقت مس گذريو جو شاهزادي جهانگير جي اشاري سان ابوالفضل کي قتل ڪرايو ويو ۽ انجي سر کي دهلي جي ان گندي تلاءُ ۾ اڇلايائون جنهن ۾ ساري شهر جي پليتي گڏ ٿيندي هئي ۽ حضرت قيوم اول مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي ڪرامت ۽ تصرف جو ظهور ٿيو.

[ب] قلمي نسخه ۾ هن طرح عبارت ڏنل. درمدت قليل باشارت شاهزاده جهانگير ابوالفضل را قتل کرده سراورا درتا بدان مزبله نجاست خانه دهلي گذاشتند وتصرف وکرامت حضرت قيوم اول مجدد الف ثاني بظهور پيوست. ڪنهن شخص ابوالفضل جي قتل جي جڳي تاريخ لکي آهي

تيغ اعجاز رسول الله سر باغي بريد

[ب] حضور جن جو ابوالفضل سان مناظرو ڪرڻ ۽ ان مردود جو ڪُسجي مرڻ هي ٻئي ڪم حضور جن جي مجدد بڻ کان اڳي واقع ٿيا جڏهن حضور جن کي هن سفر آگره جي ۾ گهڻو وقت گذري ويو انهيءَ ڪري حضور جن جو والد بزرگوار قدوة المقربين والابرار دليل الله الصمد جناب حضرت مخدوم عبد الاحد رضي الله عنه سندن شوق ديدار کان لي قرار ٿي باوجود پيري ۽ پيرانهين

[ك] يعني فرشتن جو آسمان تي لنگهڻ آسمان جي ٻنان ڪاٽ ٻند ٿيڻ جي ممڪن آهي جهڙي ڏي نظر جو عينڪ مان لنگهڻ

پنڌ جي اڳري تشريف فرمائيا. شاهي لشڪر جا آدمي سندن زيارت لاءِ آيا عرض ڪيائون ته هن پيري ۾ حضور جن هيتري قدر پنڌ لاءِ تڪليف ورتي آهي - جناب حضرت مخدوم رضي الله عنه فرمايو ته آئون پنهنجي فرزند دلبند ارجمند شيخ احمد جي ملاقات لاءِ آيو آهيان ته يوسف ني آيد برون يعقوب بيرون آمده - جناب حضرت مخدوم صاحب قدس سره جي حضرت مجدد رضي الله تعالىٰ عنه سان بالڪل گهڻي محبت هئي جدائي هڪ گهڙي به نه سهندا هوا جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن ۾ سندن والد بزرگوار جي تشريف ٿيڻ شرط پنهنجي وطن حضرت دارالارشاد سرهند شريف ڏانهن تيار ٿيا -

حضور جن جا ڇهه پائر هوا

راقم الحروف :- جناب سيدنا مرشدنا خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه کان سواءِ به جناب حضرت مخدوم قدس سره المڪتوم کي ڇهه پيا فرزند ارجمند هوا ٻئي حضور جن کان وڏا هوا، ٽي حضور جن کان ننڍا هوا حضور جن وچ ۾ هوا خيرالامور اوسطها - سيني جي دائري جو مرڪز حضور جن جيئن سج جو ٿيڻ آسمان جو ستارو آهي جو تمامي آسماني ستارن جو بادشاه آهي، تيئن حضور جن به ڇوٿان فرزند آهن ۽ مثل شمس بين النجوم فلڪ ولايت جي جا آهن - حساب جي مرتبن ۾ هزار ڇوٿون درجو آهي رايڪن، ڏهن، سون، هزارن، حضور جن به مجدد هزار جا يعني مجدد الف ثاني آهن حضور جن جا سڀ پائر قدس الله اسرارهم فاضل، صالح ۽ صاحب امانت جا هوا

حضور جن جو پهريون پاءُ

حضور جن جو وڏو پاءُ حضرت شيخ شاه محمد قدس الله سره آهي - علم ظاهري ۽ نسبت باطني پنهنجي والد ماجد حضرت مخدوم صاحب رضي الله عنه کان حاصل فرمائي هوائون - حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه پاڻ فرمائيندا هوا ته مون پنهنجي والد بزرگوار جي واتان ڪيترا ڀيرا ٻڌو ”شاه محمد قال ۽ حال ۾ منهنجو تلميذ رشيد آهي“ افسوس جو حضرت شيخ شاه محمد سندن والد بزرگوار جي حياتي صوري ۾ وصال فرمايو رَحِمَهُ اللّٰهُ سُبْحَانَهُ رَحْمَةً وَاسِعَةً - حضرت مجدد الف ثاني جن ٿا فرمائن ته آئون پنهنجي وڏي ڀاءُ جي وفات وقت حاضر هوس، جو ادچتو مرڪڻ لڳا - مون ڪائون مرڪڻ جو سبب پڇيو فرمايائون ته حقيقت محمدي عليه وعلىٰ اله الصلوٰة والسلام جو مقام مون تي ظاهر ٿيو آهي ۽ آئون انهي مشاهدي ۾ آهيان اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلىٰ اِحْسَانِهٖ -

حضور جن جو ٻيو پاء

ٻيو پاء حضور جن جو حضرت شيخ محمد مسعود رضي الله عنه آهي، هن حضرت ذڪر جي تلقين جناب حضرت خواجه باقي بالله رضي الله عنه کان ورتي هئي ۽ حضرت خواجه رضي الله عنه جي برڪات نظر ڪيميا اثر ڪان نه حالات ۽ مڪاشفات جي مرتبن کي پهتل هو جنهن تہ حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه جي مڪتوبات شريف مان معلوم ٿو ٿئي جو جناب اڪابر اولياء خواجه محمد صادق رضي الله عنه کي لکيو اٿن بالکل ٿو، وان مان هت نکان ٿو - زيادہ زبدة[1] سلسلہ وغيرهما ۾ ڏسڻ گهرجي -

مولانا محمد مسعود از ڪشف قبور اعتبارے نگيرد ڪشف صور محل خطا ولغزش است سعي ڪند ڪه حضور مع الله ظهور يابد ودوام پذيرد هرچند ڪه عالم صاف شده باشد ومعني نورانيت نيز از نظر بصيرت اسقاط يابد الخ[2]

حضور جن جي باقي ڇهن پائرن جو مختصر احوال

حضور جن جي ٽئين پاء جو نالو مبارڪ معلوم نٿي سگهيو، چوٿون پاء حضور جن جو جناب حضرت شيخ غلام محمد قدس الله سره آهي - پنجون پاء سندن حضرت شيخ مودود قدس سره آهي - ڇهين جو نالو مبارڪ معلوم نٿي سگهيو بهرحال حضرت شيخ شاه محمد ۽ حضرت شيخ محمد مسعود قدس سرهما کان سواء ٻين سندن سيني پائرن کان فيض ۽ فائدا باطني ورتا - جناب حضرت شيخ غلام محمد ۽ حضرت شيخ مودود قدس سرهما جي نالي مڪتوبات شريفا حضور جن جا مڪتوب موجود آهن ۔

حضور جن جو پنجون پاء شيخ مودود اوائل حال ۾ دنيوي اسباب جي حصول ۾ مشغول هو، ان وقت ۾ پاڻ کين هڪ ڊگهو مڪتوب شريف لکيو اٿن نموني لاء ڪجهه نکان ٿو -

اے برادر وَفَّقَنَا اللّٰهُ سُبْحَانَهُ وَاِيَّاكَ ، فرصت حيوة بسيار قليل است وعذاب ابدي مترتب بران حيف باشد ڪه ڪسے اين فرصت را در تحصيل امور لاطائل صرف نمايد وملتزم آلام مخلد گردد اے برادر مردم از اطراف وجوانب ترڪ اسباب دنيوي نموده در رنگ مور وملخ مي ريزند وشما قدر دولت خانگي را نا شناخته در طلب دنياء دنيه بذوق مي دويد وبشوق خواهان حصول آئيد اَلْحَيَاءُ شُعْبَةٌ مِّنَ الْاِيْمَانِ ، حديث نبوي است عَلَيْهِ مِنَ الصَّلَوَاتِ اَفْضَلُهَا وَمِنَ التَّسْلِيْمَاتِ اَكْمَلُهَا اے برادر اين نوع اجتماع اهل الله واين قسم جمعيت يشد في الله ڪه امروز در سرهند ميسر است اگر گرد عالم گرديد معلوم نيست ڪه عشر عشير اين دولت پيدا آريد وشما ازين ما جرا خاصل ڪنيد وشما اين چنين دولت را مفت از دست داديد الخ[3] زبده وروضه وغيرهما.

ل زبدة المقامات ص ۳۴ ٢ سلسلة الذهبيه ٣ مڪتوب ۲۳۹ جلد اول مڪتوبات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني

حضور جن جو آگري کان سرهند شريف موٽڻ

اڳي ڪنهن ري آيو ته حضور جن کي سندن والد شريف وٽ آيو آخر پاڻ پنهنجي والد بزرگوار قدس سره سان سرهند شريف ڏانهن روانا ٿيا. دهليءَ سرهند شريف جي وچ ۾ شهر ٿانيسر کان سندن لنگهڻ ٿيو. اتا هون جو رئيس شيخ سلطان قدس سره هو جو بادشاه جو وڏو مقرب ۽ انهي طرف کان دهليءَ لاهور جي درمياني علائقي جو حاڪم مقرر هو شيخ سلطان قدس سره جناب حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم کي خواب ۾ ڏٺو جو شيخ صاحب کي فرمائي ٿا ته "تنهنجي نياڻي جو اڄ وقت جي سيني عورتن کان نيڪ آهي، تنهنجي ۽ تنهنجي نياڻي جي سعادت هن ۾ آهي ته انهيءَ جو نڪاح حضرت شيخ احمد سان ڪر جو منهنجو فرزند ۽ خليفو اعظم آهي". جڏهن شيخ صاحب قدس سره جاڳيو حيرانيءَ ۾ رهيو ته اهو شيخ احمد ڪير آهي جنهن لاءِ حڪم ٿيو آهي. ٻيءَ پيري جناب خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم شيخ صاحب کي صورت مبارڪ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي بيان فرمائي ته "هن هن وصفن سان موصوف آهي". جڏهن شيخ صاحب جاڳيو اهڙي شخص جي تلاش ڪرڻ لڳو حضور جن به انهن ڏينهن ۾ ٿانيسر ۾ تشريف فرما ٿيل هوا جي علامتون آنحضرت صلي الله عليه وعلى آله واصحابه وسلم شيخ صاحب کي بيان ڪري ڇڏيون هيون اهي سڀ حضور جن ۾ ڏٺائين، وري به شيخ صاحب اطمينان ٿيڻ جي لاءِ حڪم ثانيءَ جو منتظر هو جو آنحضرت صلي الله عليه وسلم خواب ۾ فرمايس ته ٽن ڏينهن کان آئون چئي رهيو آهيان ته پنهنجي نياڻيءَ جي شادي شيخ احمد سان ڪر، تون هن ڳالهه کي ڇو نٿو مڃين. جي هاڻي به نه ڪندين ته تنهنجو ايمان سلب ڪيو ويندو. هن ڪانسواءِ شيخ صاحب هن کان اڳي خواب ۾ ڏسي چڪو هو ته هڪ مرد خدا اچي پيدا ٿيندو جنهنجي وجود جي نور کان سارو جهان روشن ٿيندو ۽ هو بدعت ۽ گمراهي کي جهان مان ڪڍي ڇڏيندو. يقين ڪيائين ته اهو مرد خدا اجو هي شيخ احمد آهي. ٻئي ڏينهن حضرت شيخ سلطان هي سمورو ذڪر جناب حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي حڪم وارو حضور جن کي ٻڌايو. پاڻ فرمايائون ته هن معاملي ۾ منهنجو اختيار ناهي جي منهنجو والد بزرگوار اها ڳالهه منظور ڪري ته مونکي به منظور آهي. آخر جناب حضرت مخدوم صاحب رضي الله عنه اها ڳالهه منظور فرمائي ۽ انهن ڏينهن ۾ جناب حضرت مرشد مڪمل مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن حضرت شيخ سلطان قدس سره جي نياڻي پاڪ سان شادي ڪري پنهنجي وطن ۾ تشريف فرما ٿيا. هن شادي کان پوءِ حضور جن کي ظاهري مال ۽ دولت گهڻي ٿي. حضور جن پنهنجي والد بزرگوار جي حويلي مبارڪ ڇڏي ٻي هڪ نئين حويلي ٺهرايائون. "جنهن جاءِ تي سندن روضه مبارڪ آهي". حضور جن جا ٻه

سڳورا قدس الله اسرارهم اڳوڻي حويلي مبارڪ ۾ رهڻ لڳا جيئن حضور جن جي پاڙن جي اولاد جو لقب پراڻي حويلي وارا حضرات پئجي ويو.

جناب حضرت رسول خدا صلى الله عليه وسلم جي هيءَ سنت به حضرت مجدد الف ثاني کان ترڪ نه ٿي جو ساڳوا نهيءَ طرح جناب سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم کي جناب حضرت ام المؤمنين خديجه شهزادي رضي الله عنها جي نڪاح ڪرڻ کان پوءِ ظاهري مال ۽ دولت گهڻي حاصل ٿي جيئن ته قرآن شريف ۾ حق سبحانه وتعالىٰ فرمايو آهي. "وَوَجَدَكَ عَائِلًا فَأَغْنٰى ؕ"

حضور جن جي شادي کان پوءِ شيخ سلطان رسندن سهري جو خواب ڏسڻ

حضرت شيخ سلطان قدس سره جن هن پنهنجي نياڻي پاڪ جو نڪاح حضرت مجدد الف ثاني سان ڪري ڏنو. خواب ڏٺائين ته جناب حضرت سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم منبر تي ويٺي خطبو پڙهي رهيا آهن ۽ فرمائن ٿا ته مون کي هن ڳالهه جو وڏو فخر آهي جو منهنجي اُمت ۾ شيخ احمد سرهندي پيدا ٿيو آهي، ٻيءَ خطبي خلاص مان هڪ ڪاغذ تي تحرير فرمايائون. "منهنجا چار يار آهن پنجون شيخ احمد آهي" پڻ فرمايائون جو شخص هن ۾ شڪ ڪندو ان جي ايمان ۾ پورو پورو فرق اچي ويندو. جناب حضرت شيخ سلطان قدس سره انهيءَ خواب جي شڪريه ۾ رڪعتون ادا ڪيون ۽ فقيرن ۽ مسڪينن کي ڪيترائي پيا ڏنائين ۽ هن ڳالهه جو شڪر بجا آندائين ته اهڙي شخص سان منهنجي رشتيداري ٿيڻ مون ٿي آهي جو اُمت ۾ افضل آهي. هن کان پوءِ حضور جن پنهنجي والد بزرگوار رضي الله عنه جي خدمت مبارڪ ۾ رهيا ۽ باطني ڪمالات جو فيض وٺڻ لڳا حاصل ڪيائون.

جڏهن سندن والد بزرگوار رضي الله عنه جي وفات جو وقت آيو پنهنجي سڄي اولاد کي گهرايائون، سهروردي طريقي جي خلافت جو خرقو جو کين آباءُ اجداد کان حاصل هيو ۽ خرقو خلافت چشتي خانداني جو، جو حضرت شيخ عبد القدوس گنگوهي کان حاصل ڪيو هوائون ۽ خرقو خلافت قادريه جو، جو شاهه ڪمال قادري کان کين مليو هو، سڀ ڪجهه حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي حوالي فرمايائون پنهنجو قائم مقام ۽ جانشين کين ڪيائون جيئن ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن پنهنجي رسالي مبدأ معاد[1] ۾ ٿا فرمائن ته مون کي نسبت فرديت جو سرمايو پنهنجي والد بزرگوار کان مليو ۽ ان کي هڪ مردِ خدا کان مليو جو نهايت صاحب جذبي ۽ ڪرامات ۽ خوارق ۾ مشهور هو." مردِ خدا کان مراد شاهه ڪمال ڪيٿلي آهي ياڻ انهي جاءِ تي

[1] مبدأ معاد مطبوعه مجدديه جي صفحي ۾ اهو بيان آهي

تحرير تا فرمائن ته هن درويش کي عبادت نفلي جي توفيق خصوصًا نمازن نفلي جي توفيق پنهنجي والد ماجد کان حاصل ٿي هُئي ۽ اڳي اها سعادت پنهنجي شيخ چشتي خانداني کان حاصل ٿي هئي. شيخ مان مراد حضرت عبدالقدوس گنگوهي چشتي قدس سره آهي. - روضه

دهلي شريف جو پهريون سفر

صاحب برڪات احمديه جو راوي قلم ٿو فرمائي ته جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه کي طواف بيت الله شريف ۽ زيارت روضه مطهر حضرت رسول الله صلی الله عليه وآله واصحابه وسلم جو ايتري قدر عشق ۽ ذوق شوق رهندو هو جو رات ڏينهن بي آرامي ۾ گذاريندا هوا هميشه ڪين سفر حجاز جو شوق دل ۾ پيو رهندو هو، مگر سندن والد بزرگوار رضي الله عنه جي پيري جي سبب ڪري جيستائين مسند حيات جي ٿي رونق بخش هوا، ڪيئن انهن پرن وڃي سگهندا هوا خصوصًا حضور جن سان محبت ڪمال هيئن جڏهن ته گذريو ته ڪجهه وقت ڪين آگره ۾ لڳي ويو، ڪيتري تڪليف وٺي آگره تائين ويا انهيءَ سفر کان پوءِ اصلًا ٻاهر نڪرڻ حضور جن بند ڪري فرمايو ۽ مناسب به نه هو جو سندن خدمت سراپا برڪت کان اهڙي وقت دوري اختيار فرمائن- جڏهن حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن سنه ۱۰۰۷ هجري ۾ وصال فرمايو تڏهن پاڻ سنه ۱۰۰۸ هجري نبوي ۾ سفر سعادت الحرمين الشريفين زادهما الله شرفًا وتعظيمًا ڏانهن متوجه ٿيا ۽ دهلي شريف تشريف آندائون وقت جو فاضل مولانا حسن ڪشميري جو سندن مخلص صادق، ساڻن ملاقي ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته اڄ سلسله عاليه نقشبنديه ۾ جهڙو حضرت ڪبيرالبرڪات خواجه باقي بالله رضي الله عنه جود جود باجود آهي اهڙو هن ولايت جي ڪنهن طرفن ۾ ڪو به نظر نٿو اچي طالب سندن هڪ نظر مهر انور مان اها نعمت حاصل ٿا ڪن جو ورهين جي چلن ۽ سخت رياضتن مان به پيا هوندا حاصل نه ڪري سگهن غرض ته حضور جن کي ڪمال اشتياق زيارت جو ٿيو- حضرت خواجه رضي الله عنه جي خدمت فيض موهبت ۾ آيا ۽ دست بوسي کان مشرف ٿيا- حضرت خواجه صاحب مٿن گهڻي مهرباني فرمائي احوال دريافت ڪيو. حضور جن پنهنجو دلي ارادو عرض ڪيو حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه جو اگرچه هيءُ دستور نه هو ته ڪو ڪنهن کي پنهنجي طريقه ۾ داخل ٿيڻ لاءِ فرمائن يا اهڙي متبرڪ سفر کان روڪي خانقاه شريف ۾ رهڻ جو حڪم فرمائن. مگر حضور جن جو استعداد بلند ۽ قابليت ارجمند ڏسي ڪين پنهنجي عادت جي ابتڙ فرمائڻ پيو ته "اگرچه سفر مبارڪ جو ارادو ٿا رکو مگر ٻه ٽي ڏينهن فقراء جي صحبت پڻ اختيار ڪرڻ گهرجي- گهٽ ۾ گهٽ

هڪ مهينو يا هڪ هفتو ته رهو انهيءَ ۾ ڪو فڪر ناهي“. حضور جن حڪم موجب نيت عليءَ ۾ هڪ هفتو رهڻ ته ورتو، سيائي ٻه ڏينهن نه گذريا ته تصرف ۽ ڪشش حضرت خواجه عاليمقدار جي ۽ طريقي ۾ داخل ٿيڻ جو شوق مٿن غالب ٿيو. حضور جن خدمت ۾ شوق پنهنجو اظهار ڪيو. پاڻ ٻنان استخارا جي کين گوشائي جاءِ ۾ گهرائي پنهنجي اهڙن توجهن عالين کان مشرف فرمايائون جو انهيءَ دم ذڪر الاهيءَ ۾ قلب جاري ٿيو ۽ لذت ۽ ميناج ۽ آرام کين معلوم ٿيڻ لڳو پوءِ ته روز بروز بلڪ ساعت بر ساعت ترقيات عاليه ۽ فيوضات متعاليه ظهور ۾ اچڻ لڳا. حضور جن جيڪي ڏنو سو ڏٺو جيئن ته سندن ڪلام مان اڳتي ثابت ٿيندو. ياتہ حضور جن کي خانه ڪعبه جي طواف جو شوق هو ياتہ وات ۾ خود صاحب خانه جو ملي ويو. ياتہ کين روضه منوره جي نورن کان نور ۽ روشنائي حاصل ڪرڻ جي کين تمنا هئي ياتہ وچ سفر ۾ کين اقتباس انوار صاحب روضه مطهره على صاحبها الصلوٰة والتحية جو نصيب ٿيو. سبحان الله، سبحان الله. ڏري ٿورن ڏينهن کان پوءِ حضرت خواجه صاحب جن حضور جن کي خلوت ۾ گهرائي کين هيٺيون بشارتون ٻڌايون جو حضور جن جي باري ۾ حضرت خواجه صاحب کي ڪيترن سالن کان معلوم ٿيون هيون.

بشارت پهرين

حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه فرمايو ته جڏهن مونکي حضرت مخدوم مڪرم مولانا بزرگ خواجه امڪنگي قدس سره هندستان اچڻ جو حڪم ڏنو ته ڏهن فرمايائون ته هن طريق سڳوري نقشبنديءَ کي اتي جاري ڪج. مون پاڻ کي لائق انهيءَ ڪم جو نه سمجهي خدمت ۾ عذر ڪيو فرمايائون ته ڇو نه استخارا ڪر. فرمان عالي موجب استخارا ڪيم، ڏسڻ ۾ آيم ته هڪ ٽاريءَ تي طوطو ويٺو آهي. اهو ڏسي منهنجي دل تي خيال آيو ته جي هي طوطو هن ٽاريءَ کان اُڏامي منهنجي هٿ تي اچي وهي ته پوءِ گهڻو ڪري هن سفر ۾ مونکي فائدو آهي منهنجي مٿئين خيال ڪرڻ شرط اُهو طوطو ٽاڻهون اُڏامي منهنجي هٿ تي اچي ويٺو ۽ مون انهيءَ جي ۾ پاڻي وڌو ۽ ان منهنجي وات ۾ کنڊ وڌي. صبوح جو انهيءَ خواب جي ڪيفيت حضرت خواجه امڪنگي قدس سره جي حضور ۾ عرض ڪيم. پاڻ فرمايائون ته طوطو هندستان جو ڪي آهي پوءِ تنهنجي دامن تربيت مان هندستان ۾ هڪ اهڙو شخص نڪرندو جنهن کان سارو جهان روشن ٿي ويندو ۽ توکي به ان مان فائدو ملندو. پوءِ حضرت خواجه صاحب قدس سره حضور جن کي فرمايو ته اهو شخص تون آهين.

بشارت ٻي | حضور جن کي حضرت خواجه صاحب قدس سره فرمايو ته جڏهن آئون تنهنجي شهر سرهند ۾ پهتس خواب ڏٺم ته آئون قطب جي پاڻ ۾ ئي سلڪ آهيان. مونکي انهي صورت بدو ڪاري وئي. صبوح انهي حال جي دريافت لاءِ تنهنجي شهر وارن درويشن ۽ گوشه نشينن سان مليس مگر ڪنهن ۾ آثار قطبيت جا نه ڏٺم. دل ۾ چيم ته انهي مرتبي وارو ڪوهن ڪان پوءِ هن شهر ۾ پيدا ٿيندو. هاڻي جو ڏٺا نوَ ته الله هي سمورا وهان ۾ آثار ۽ نشان آهن

بشارت ٽين | حضور جن کي حضرت خواجه فرمايو ته مونکي ڏسڻ ۾ آيو ته مون هڪ وڏو ڏيو روشن ڪيو آهي جنهنجي روشني ساعت بساعت وڌندي پئي وڃي. هي به ڏٺم ته ڪيترين خلق ان مان ڏيا ٻاري رهي آهي ۽ جڏهن شهر سرهند جي قريب پهتس ته اتا نهون جي جهنگ کي مون روشن نور ۾ پيريا ڏٺو. هي به تنهنجي نسبت خيال ٿو ڪريان.

حاصل ڪلام ته حضور جن کي الله تعالى جي عنايت ۽ حضرت خواجه صاحب قدس سره جي نظر ۽ تربيت جي برڪت سان ٻن ٽن مهينن جي اندر ايتري ترقي ٿي جنهنجي تقرير ۽ تحرير کان قلم جي زبان قاصر آهي.

حضرت قبله عالم قطب الاعظم مرشد نا مولانا روحي قلبي فداه انيس[ك] شريف ۾ هن جاءِ تي چاند ڇگون تحرير ٿا فرمائن.

بالجمله آنچه بمدت دو سه ماه بعنايت حضرت الٰهي و بمن تربيت آن خواجه باقي بالله در حق ايشان بظهور رسيده قلم زبان و زبان قلم از تحرير و تقرير آن قاصر ست که سالکان را سالها سال بدست نيايد که آن حضرت را بسرعت محبوبي و مرادي بحصول پيوست.

مجمل طور اهي ڪيفيتون جي حضور جن کي حضرت خواجه صاحب جي توجهن کان بالکل ٿوري وقت ۾ حاصل ٿيون آهن، حضور جن هڪ طالب جي تحريص ۽ ترغيب لاءِ مڪتوبات شريف ۾ بيان فرمايون آهن. تبرڪا کي قدس راقم الحروف هت ٿو ڏکي وَالْقَلِيْلُ يَدُلُّ عَلَى الْكَثِيْرِ زبادة[ل] عمده[ع] ۽ زبده[ت] ۽ سلسله[ش] ۽ روضه[ك] ۽ برڪات[ك] ۽ حضرات[ع] ۽ مڪتوبات شريف ۾ ڏسڻ گهرجي

اين درويش را چون هوس اين راه پيدا شد عنايت خداوندي جَلَّ وَعَلَا هادي کار او گشته بخدمت ولايت پناه حقيقت آگاه هادي طريق اِنْدِرَاج النِّهَايَةِ فِي الْبِدَايَةِ وَالي السَّبِيْلِ الْمُوْصِلِ اِلَى

ك حضرت عمدة الواصلين قدوة الكاملين مرشدنا خواجه محمد حسن جان قدس سره تنهنجي ڪتاب انيس المريدين جي صفحا ۾ هن طرح لکيو آهي. ل عمدة المقامات ت زبدة المقامات ش سلسلة الذهب ك روضة القيوميه ك برڪات احمديه ع حضرات القدس ك حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره

درجاتِ الولایتِ مؤیّدِ الدّینِ الرّضیّ شیخنا و مولانا و امامنا الشیخ محمد الباقی قدّس اللہ تعالیٰ سرّہٗ کہ یکے از خلفائے کبار خانوادۂ حضرات اکابرِ نقشبندیہ قدّس اللہ تعالیٰ اسرارہم بودہ اند رسانید (الیٰ ان قال) و این درویش را این نسبت عزیز الوجود بعد از دو ماہ و چند روز از ابتدائے زمانِ تعلیمِ ذکر حاصل شدہ بود و بعد از متحقق شدنِ این نسبت فنائے دیگر کہ آن را فنائے حقیقی میگویند حاصل گشت و دل را آن قدر وسعت پیدا شد کہ تمام عالم را از عرش تا مرکزِ زمین در جنبِ آن وسعت مقدارِ خردلِ قدرے نبود و بعد از آن خود را و ہر فرد عالم را بلکہ ہر ذرّہ را حق مے دیدم جلّ و علا بعد از آن ہر ذرّۂ عالم را فرداً فرداً عینِ خود دیدم و خود را عینِ ہمہ انہا تا آنکہ تمام عالم را در یک ذرّہ گم یافتم بعد از آن خود را بلکہ ہر ذرّہ را آن قدر منبسط و وسیع دیدم کہ تمامِ عالم را بلکہ اضعافِ عالم را دران گنجائش باشد بلکہ خود را و ہر ذرّہ را نورے یافتم منبسط کہ در ہر ذرّہ ساری است و صُوَر و اشکالِ عالم دران نور مضمحل و متلاشی بعد از ان خود را بلکہ ہر ذرہ را مقوّمِ تمام عالم یافتم چون بعرض رسانیدم فرمودند کہ مرتبۂ حق الیقین در توحید ہمین است و جمع الجمع عبارت ازین مقام است بعد از ان صُوَر و اشکالِ عالم را چنانکہ اوّل حق مے یافتم این زمان موہوم دیدم و ہر ذرّہ را حق می یافتم بے تفاوت و بے تمیز ہمان ذرّہ را موہوم یافتم بغایتِ حیرت دست داد و در این اثنا عبارتِ فصوص کہ از پدرِ بزرگوار علیہ الرحمۃ شنیدہ بودم بیاد آمد کہ فرمودہ است اِنْ شِئْتَ قُلْتَ اِنَّہٗ اَیِ العالمُ حَقٌّ وَاِنْ شِئْتَ قُلْتَ اِنَّہٗ خَلْقٌ وَاِنْ شِئْتَ قُلْتَ اِنَّہٗ حَقٌّ مِّنْ وَّجْہٍ وَخَلْقٌ مِّنْ وَّجْہٍ وَاِنْ شِئْتَ قُلْتَ بِالْحَیْرَۃِ لِعَدَمِ التَّمْیِیْزِ بَیْنَہُمَا این عبارت فی الجملہ مسکّنِ آن اضطراب گشت بعد از ان در ملازمت ایشان رفتہ عرضِ حالِ خود نمودم فرمودند کہ ہنوز حضورِ تو صاف نشدہ است بکارِ خود مشغول باش تا تمیز موجود از موہوم ظاہر شود و عبارتِ فصوص را کہ مشعر بر عدمِ تمیز بود خواندم فرمودند کہ شیخ بیانِ حالِ کامل نہ کردہ است عدمِ تمیز ہم نسبت بہ بعضے ثابت است حسب الامر بکارِ خود مشغول گشتم حضرتِ حق سبحانہٗ و تعالیٰ بمحض توجہ شریفِ حضرتِ ایشان بعد از دو روز تمیز در موجود و موہوم ظاہر گردانید تا موجودِ حقیقی از موہومِ متخیل ممتاز یافتم و صفات و افعال و آثار کہ از موہوم می نماید از حق سبحانہٗ دیدم و این صفات و افعال را نیز موہومِ محض یافتم و در خارج جز یک ذات موجود ندیدم چون این حالت را بعرضِ اشرف رسانیدم فرمودند کہ مرتبۂ فرق بعد الجمع ہمین است و نہایتِ سعی تا اینجا است بیش ازین آنچہ در نہادِ استعدادِ ہر کس نہادہ اند

ظاهر مي شود و اين مرتبه را مشائخ طريقت مقامِ تڪميل گفته اند الى آخر ماقال المجدد رضي الله عنه وارضاه - (مڪتوب نمبر ۲۹۰ دفتر اوّل)

هن مڪتوب شريف ۾ پنهنجي حالات شريفه جي واردات ۽ دقيق ارشاد فرمايا اٿن، جيڪي هن مڪتوب شريف ۾ لکيا اٿن سي ابتداء ۾ ڪين حاصل ٿيا جي پيا رهن جا ورهه سلوڪ ڪن ته به ملڻ مشڪل آهي جو ته ڪين شان محبوبيت جو عطا ٿيل هو. جناب حضرت خواجه صاحب قدس سره جن سندن باري ۾ ڪيترا ڀيرا فرمائيندا هوا، "ايشان از محبوبان و مرادان اند" هيتري قدر جلدي سيد سلوڪ جو ڪرڻ انجو وجه اهوئي آهي - ايا حضور جن کي خواجه صاحب جي خدمت ۾ رهڻي کو ٿورو وقت گذريو هو ته حضور انور جن جي حالات ۾ حضرت خواجه صاحب ڪنهن پنهنجي مخلص ڏانهن هن طرح لکي فرمايو آهي جو جنهن سندن الفاظ مبارڪ لکجن ٿا

شيخ احمد نام مردي ست از سرهند ڪثير العلم وقوي العمل روزي چند فقير باو نشست وبرخواست ڪرده عجائب بسيار از روزگار او قات او مشاهده نموده بآن ماند ڪه چراغي شود ڪه عالم ها از وروشن گردد الحمد لله تعالىٰ احوال ڪامله او مرا به يقين پيوسته واين شيخ مشار اليه برادران و اقربا دارد همه مردم صالح واز طبقه علماء چندي را دعاگو ملازمت ڪرده از جواهر عاليه دانسته استعدادهاي عجيب دارند - فرزندان آن شيخ ڪه اطفال اند اسرار الٰهي اند بالجمله شجرهٔ طيبه اند اَنْبَتَهُ اللّٰه نَبَاتًا حَسَنًا و فقرائي باب الله دهائي عجيب دارند انتهى ڪلامه الصادق اللطيف.

صاحب برڪات احمديه جو لکي ٿو ته مون پاڻ حضور انور مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن کان ٻڌو پاڻ فرمائيندا هوا ته جنهن ڏينهن کان مون کي حضرت خواجه قدس سره طريقت جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي تنهن ڏينهن کان وٺي يقين ٿيم ته عنقريب الله سبحانه وتعالىٰ مون کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان هن سلوڪ جي وات جي نهايت تائين پهچائيندو، اگرچه آئون ان يقين جي نفي ڪندو هوس، مگر ان نفي جي صورت دل ۾ هرگز نه ويهندي هئي ۽ اڪثر هي بيت مون جي زبان تي ايندو هو. ازين نوري ڪه از تو بردلم تافت ∴ يقين دانم ڪه آخر خواهمت يافت

هن بيان کان پوءِ بالڪل گهڻي نياز مندي ۽ استغراق سان سندن اکيون مبارڪ لڙڪن ۾ ڀرجي آيون ۽ الحمد لله جو ڪلمون شريف زبان مبارڪ تي آندائون.

روضه جي رڪن اوّل ۾ جناب خواجه محمد هاشم کان نقل ٿو ڪري ته حضور جن ٿي فرمايو ته حضرت شيخ تاج الدين قدس سره حضرت خواجه صاحب جي خليفن جو سرتاج هو

حضرت خواجه صاحب ان کي حڪم ڏنو هو ته طالبن کان حالات پڇي مون کي ٻڌائيندو رهه، مگر منهنجي حالات کي پاڻ ٻڌندا هوا. شيخ تاج جو ڪو واسطو نه هو. هڪ ڏينهن ابتدا ءِ حال ۾ شيخ تاج مون کي چيو ته اي جوان ڪهڙو سبب آهي جو تون پنهنجا احوال مون کي نٿو ٻڌائين، مون ان مروئي تواضع جي چيو ته منهنجا احوال اوهان جي ٻڌائڻ جي لياقت ڪانه ٿا رکي. شيخ تاج جڏهن مون کي تمام تنگ ڪيو ته جو به تو واقع ڏٺو هجي بيان ڪر. اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ مون خواب ڏٺو هو ته مون شيخ ڏانهن توجه ڪري ان تي تصرف ڪيو آهي. شيخ تاج بي هوش ٿي ڪري پيو آهي. جڏهن ان تمام زور پيو ته هن از روئي جذبي جي واقعه خواب ڏنل بيان ڪيم. شيخ تاج جو اهو احوال ٻڌندي ٻيو حال ٿي ويو ساڳي خواب ۾ ڏٺل حالت اچي ٿي وئي. اٿڻ بد آيو آهي ته حضور جن مان ڪيئن خواجه صاحب جي خدمت ۾ ويٺا هوا (هوندا). حضرت خواجه صاحب هڪ ڀيري ڪين فرمايو ته ٻنان منهنجي پڙ جي تون چوته ٿو احوال ڪرين. پاڻ عرض ڪيا ٿون ته منهنجي حالات لائق ٻڌائڻ جي ناهي. حضرت خواجه صاحب فرمايو ته ڪجهه نه ڪجهه بيان ڪر، حضور جن شيخ تاج وارو واقعو خواب وارو عرض ڪيا ٿون ته هن طرح ڏٺو اٿم. حضرت خواجه صاحب جن ٻڌي ماٺ ۾ رهيا ۽ حضور جن بہ سڪوت ۾ رهيا بهرحال حضور جن خاص پنهنجي مرشد ڪريم جي ادب جي رعايت ڪري وڏن درجن کي پهچي ويا.

ـــ صاحب روضه جو ٿو ڪي ته حضور جن کي هڪ ڀيري حضرت خواجه صاحب گهرائي نسبت خاص الخاص، جا پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم کان بطور امانت حضرت خواجه امڪنگي تائين پهتي هئي ۽ حضرت شاه نقشبند رضي الله عنه حضرت خواجه صاحب قدس سره کي تاڪيد ڪئي هئي ته انهي امانت پهچائڻ جو ڏنو هو جنهن جو ذڪر هن بيان جي پڇاڙي ۾ لکنداسين، جنهن ڏينهن حضرت خواجه صاحب حضور جن کي نسبت معهود خاص الخاص پهچائي، ۱۵ رجب سنه ۱۰۰۹ هو. جنهن حضور جن ڪماليت کي پهتا ته ڏهن حضرت خواجه صاحب جن ڪين خلافت کان مشرف فرمائي دارالارشاد سرهند شريف وڃڻ جي موڪل ڏنائون ۽ طالبن صادقن جي وڏي جماعت سندن حوالي ڪيائون.

ـــ حضور جن وڏيون نعمتون حاصل ڪري پنهنجي وطن ۾ تشريف فرما ٿيا جتي ته پيا نا فرمائين "بازآيدم باصد ہزار خلعت و فتوح"

حضور جن جو سرهند شريف موٽي اچڻ

غرض ته حضور جن جڏهن پنهنجي مرشد جي حڪم موجب پنهنجي وطن پهتا، حضرت خواجه صاحب جي حڪم موجب طالبان حق جي تربيت ۾ مشغول ٿيا. ٿوري مدت ۾ ڪيترين خلق اجايل کي پنهنجي فيض جي سرچشمه کان ڀاول ڪيائون.

ـــ هن جاءِ تي سبع اسرار واري صاحب بالڪل چڱون لکيو آهي، مگر هت عبارت مختصر ڪئي وئي

سچيل يه جي ٿو آتاريان جا جناب حضرت مولانا محمد مظهر صاحب قدس سره ارقام فرمائي آهي

حضرت ايشان باهزاران وفتوحات وبركات الٰهي مراجعت فرموده دربلدهٔ طيبهٔ سرهند به تربيت طالبان وهدايت امّت حضرت محمد مصطفٰے صلى الله عليه وسلم پرداختند ومنصب ارشاد حضرات خواجگان نقشبنديه رحمة الله عليهم بايشان مسلم شد وآوازهٔ ارشاد ايشان بجهان وجهانيان رسيد وگلبانگ هدايت برنگ افروزي دهادر ربع مسكون برآمد كوس قطب الاقطاب بنام ايشان زدند ووصول مدارج ولايت حوالهٔ بالتفات ايشان گشت ابدال واوتاد را رحلت بايشان افتاد وانوار ولايت وبركات كرامت بتوجهات عاليهٔ ايشان آن قدر ظاهر گرديد كه تحرير وتقرير ازان قاصر است گم شدگان تيه ضلالت راه هدايت يافتند وفرو رفتگان بحر بُعد بساحل قُرب رسيدند وطلاب حقيقت و معرفت مانند مور وملخ گرد آمدند وملوک وصعلوک مثل پروانه بر آن شمع هدايت ريختند ودر صحبت مبارک مجمع از طالبان خدا انعقاد يافت كه ملائك هفت آسمان بر فيوض وبركات رشک بردند از هر طرف علماء وفضلاء در واقعات بشارت يافته بطواف آستان ولايت نشان شتافته بتوجه خدا رساے آن قبلهٔ راستان بحضور وآگاهي رسيدند ومشاهدهٔ بے مجاهده وحصول توحيد بے ترک وتجريد رواجے يافت استغراق در بحر وحدت واستهلاک در درياے احديت سالكان را مفت نقد وقت گشته شهود وحدت در كثرت وجذبات محبت ومعرفت دهادها بانک التفات آنحضرت ميسر گشت نسبت نقشبنديه از سر نو رونق يافت بلكه بيمن همت ايشان نسبت عزيزان در اطراف عالم شيوعي ديگر پيدا كرد ونسبت ماوراے نسبت سلوک وجذبهٔ متعارفه ظاهر شده كارخانه باطن اهل طلب را بدرجات اعلى رسانيد وتشددات غلات صوفيه از تواتر صوم وصال واختيار اربعينات باشدّت جوع وعطش وترک مالوفات وعمرانات ازبركات ايشان بتوسط در اعمال وعبادات وباتباع سنّت در اوراد وطاعات تبديلي يافت وما حصل رياضات شاقه بيمن التفات وتوجهات ايشان نقد وقت طلاب آمد - ذات كثير الفيوضات ايشان خليفهٔ الٰهي ونائب حضرت رسالت پناهي گشت صلى الله عليه وسلم وكليد رحمت هاے نامتناهي حوالهٔ ايشان گشت

جڏهن ته حضور جن جي همت والانهمت بلند هئي، وانهن هُئي ۽ ان ڳالهه جي خواهش ني رکيائين جا عام ٿين جي وهم ۽ گمان ۾ به نه اچي سگهي ايتري قدر ان همت جو غلبو ٿيو جو هڪڙو سڀني طالبن کي موڪل ڏنائون ۽ گوشي ۾ ويهڻ اختيار فرمايائون هي كيفيت ڏسي ڪن خودغرض انسان غبطي جي حضرت خواجه صاحب قدس سره جي خدمت ۾ هڪ جي ٻي ٻئي مرڪي حضرت

خواجه صاحب جن ڪجهه خفي ٿي پيا - حضور جن کي جڏهن معلوم ٿيو ته ڪن منهنجي مخالف ٿي ڪمر ٻڌي آهي ۽ حضرت خواجه صاحب قدس سرهٗ جي حضور ۾ هڪجي ٻي لکي اٿن ۽ واقعي حالتجي برخلاف خط لکيا اٿن تڏهن حضور جن حضرت خواجه صاحب قدس سرهما جي خدمت ۾ عريضو موڪليو جو جلد اوّل جو سوٽيهون مڪتوب آهي انجو ڪجهه مختصر بيان تبرڪاً لکجي ٿو -

عرضداشت احقر الطلبه آنکه (الی ان قال) از آن روز که از ملازمت برآمده ست بواسطهٔ میل بفوق بمقام ارشاد چندان مناسبت ندارد چندگاه خود همت آن بود که در گوشه خزیده شود و مرا در صحبت ایشو بر و شیر در نظرے در آمدند عزمِ عزلت مصمم شده بود امّا استخاره موافق نمی افتاد عروج در مدارجِ قرب بنهایة الغایة هرچند غایت ندارد میسّر شده می شود و میبرند و می آرند کُلَّ یَوْمٍ هُوَ فِیْ شَاْنٍ بر مقاماتِ جمیع مشائخ اِلّا مَا شَاءَ اللهُ تعالیٰ گذرانیدند ؎

گلے بردند زین دهلیزهٔ پست — بدان درگاهِ والا دست بردست

درین میان اگر توسطِ روحانیاتِ مشائخ را تعداد نمایم بطول انجامد باجمله از جمیع مقاماتِ اصل در رنگ مقاماتِ ظل گذرانیدند از عنایات چه نویسد قلیل من قلیل بلا علّة چندان وجوهِ ولایت و کمالاتِ آن را وانمودند که چه در تحریر آرد - در شهر ذی الحجه در مدارجِ نزول تا مقامِ قلب فرود آوردند و این مقام مقامِ تکمیل و ارشاد است امّا هنوز چیزها از متمّم و مکمّل از برائے این مقام در کار ست تا کے میسّر شود امر آسان نیست با وجودِ مرادیت چندان قطعِ منازل کرده میشود که مریدان را در عمرِ نوح هم معلوم نیست که میسّر شود بلکه این وجوه مخصوص بمراد انست مریدان اینجا قدمگاه ندارند نهایتِ عروجِ افراد تا بدایتِ مقامِ اصل است بیشتر افراد هم گذر ندارند ذٰلِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ وَاللهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ وجه توقف در مراتبِ تکمیل و ارشاد این است که عدمِ نورانیت بواسطهٔ ظهور نور ظلمتِ غیب هست چیز دیگر نیست هرگاه در تجلیاتِ خود چیزها می بیند اعتبار نباید کرد ؎ در نیابد حالِ پخته هیچ خام — پس سخن کوتاه باید والسلام

در اندیشهٔ این قسم ظنّیات احتمالِ ضرر غالب است آن جماعه را فرمایند که از احوالِ این خسته بال نظر خیالی خود پوشند مجال نظر را محالِ دیگر بسیار هست ؎

من گم شده ام مرا مجوئید — با گم شدگان سخن مگوئید

از غیرتِ خداوندی جل سلطانه باید اندیشید امرے را که حق سبحانه و تعالیٰ کمال میخواهد در تنقیصِ او

سخن گفتن بسيار نامناسب است في الحقيقت معارضه است باو تعاليٰ الخ

غرض ته جڏهن حضور جن کي، جن مقامن جي گولها ۾ هوا، سي سڀ حق سبحانه وتعاليٰ کين عطا فرمايا، تڏهن طالبن جي فائدي ڏيڻ لاءِ وري دروازو فيض جو کوليائون. جيئن ته هڪ مڪتوب شريف ۾ ٿا لکن، جنهن جو خلاصو مطلب هي آهي ته ”جڏهن مون کي حضرت خواجه صاحب طريقي نقشبنديه ۾ مريدن ڪرڻ جي اجازت عطا فرمائي. تڏهن مون کي پنهنجي ڪمال حاصل ڪرڻ ۾ تردد هو. تڏهن حضرت خواجه صاحب اثر ۽ ڪرامت جي فرمايو ته تون تردد ڪر نه ته مشائخن جي ڪماليت ۾ تردد لازم ايندو. حڪم موجب طريقت جي تعليم ڏيارڻ ۾ مشغول ٿيس ۽ طالبن ۾ اثر ڏسڻ لڳس انهيءَ وچ ۾ وري ڪجهه نقص ظاهر ٿيو. تڏهن مون سيني طالبن کي نقص کان واقف ڪيو ۽ انهن کي موڪل ڏني مگر انهن منهنجي چوڻ کي تواضع سمجهي مون وٽ اچڻ نه ڇڏيو پوءِ ٿورن ڏينهن کان بعد حق سبحانه وتعاليٰ مون کي انهن احوالن کان سرفراز فرمايو جنهن جو منتظر هوس“.

دهلي شريف جو ٻيو سفر

مدت کان بعد حضور جن کي حضرت خواجه عاليشان حضرت باقي بالله قدس سرهما جي زيارت جو شوق دامن گير ٿيو ۽ سرهند شريف کان روانا ٿي سڌا دهلي شريف آيا گهڻو وقت پنهنجي پير بزرگوار جي خدمت بابرڪت ۾ رهي سندن صحبت جي برڪتن کان مشرف ٿي درجن جي ترقي حاصل ڪيائون. حضرت خواجه صاحب جن قدس سره حضور جن تي ڪمال مهرباني جي نظر فرمائيندا هوا. وري حضور جن رضي الله عنه جو به هيءُ حال هو جو باوجود عالي مرتبي ۽ ڪثرت فضيلت جي پنهنجي حضرت مرشد پير دستگير خواجه صاحب قدس سره جا ايتري قدر ادب بجاءِ آڻيندا هوا جنهن کان وڌيڪ جيڪر ڪو بجا آڻي نه سگهي. حضرت خواجه حسام الدين قدس سره کان روايت آهي ته حضرت خواجه صاحب جن حضرت مجدد الف ثاني جي ايتري عزت ۽ تعظيم ڪندا هوا، جنهن جي حد نه هئي. حضور جن به سندن ٻي انتها ادب بجا آڻيندا هوا جو اسان کان چوڻ مشڪل هو. جيئن ته هڪ ڀيري مون کي حضور جن جي ڪوٺڻ لاءِ فرمايائون، مون وڃي عرض ڪيو ته اوهان کي حضرت خواجه صاحب جن ياد فرمايو آهي، ٻڌڻ شرط خوف ۾ چهري جو رنگ ڦري ويو بدن سمورو ڏڪڻ لڳن. مون چيو سبحان الله! نزديڪان رابيش بود حيراني

حضور جن جو جيڪو اخلاص ۽ عقيدو حضرت خواجه صاحب رضي الله تعاليٰ عنه سان هو انجو مثال مبدأ ومعاد جي هڪ عبارت آهي، جا ڪنهن ٻي جاءِ تي لکي وئي آهي[1]. جيتري قدر سندن

---

[1] هن ڪتاب جي ص ٢٢١ ۾ مبدأ ومعاد جي عبارت جو خلاصو لکيل آهي حاشيه ۾ اصل عبارت آندي وئي آهي.

عقيدو وهاڻو ته ڪي ته رڪين حق سبحانه و تعالیٰ پنهنجن اهڙين عنايتن کان سرفراز ڪيو جو
حضرت خواجه صاحب قدس سره جن ارشاد جو سمورو ڪارخانو حضرت مجدد الف ثاني جي
حوالي فرمايائون. طالبن کي باطني تعليم ڏيڻ جو سمورو ڪم حضور جن تي رکيائون. گهڻو
وقت حضور جن حضرت خواجه صاحب جي خدمت ۾ رهيا. پوءِ پنهنجي وطن مالوف حضرت
سرهند شريف ۾ موٽي آيا ۽ سالڪان الی الله کي هدايت جي رستي ڏسڻ ۾ مشغول ٿيا. سندن
خواه سندن پير ڀائن کي جي باطني حالتون ۽ ترقيون عطا ٿينديون هيون سي حضرت خواجه
صاحب ڏانهن لکي موڪليندا هوا. پهريان ويهه (٢٠) مڪتوب شريف مطالعه ڪري عبرت وٺڻ
گهرجي. جيڪي حضرت خواجه صاحب جن پنهنجا طالب سندن حوالي ڪيا هوا انهن جو احوال
حضرت خواجه صاحب جن کانئن دريافت فرمائيندا هوا. ان انسواءِ جيڪي طالب حضرت دهلي
شريف ۾ حضرت خواجه صاحب جن وٽ رهندا هوا انهن لاءِ به ڪين لکندا هوا ته وهين
سرهند شريف مان پير پٽ منهنجن دهلي وارن طالبن تي توجه ڪري ۽ هڪ جي ترقي ۽ قابليت
معلوم ڪري لکي موڪليو. هڪ ڏينهن سندن طالب ڪين عاجزي سان عرض ڪرڻ لڳو ته مون
تي ڪا خاص طرح عنايت جي نظر فرمايو. ان تي فرمايائون ته هن پيري جڏهن حضرت
شيخ احمد اسان وٽ آيو ته انکي تنهنجي پارت ڪندس جو ٿورن ڏينهن اندر توکي پنهنجن خاص
توجهن جي وسيلي سان وڏن وليّن جي درجي تائين پهچائي ڇڏيندو. اهڙي طرح حضرت
خواجه صاحب جن حضور جن کان طريقت جي علم جا دقيقاءَ بعض اسرار باب معرفت جي مقامات جا
درجا لکي پڇندا هوا. جڏهن ته هڪ مڪتوب شريف حضور جن ڏانهن حضرت خواجه صاحب
ارقام فرمايو آهي جنهن جي شروعات هي آهي "مسند ارشاد واسع و انوار ساطع باد". ۽ آخر ۾ لکيو اٿن
محمد صادق و جميع برادران و اعزه نياز مندي قبول نمايند. هن مڪتوب شريف مان هيٺيون مطلب مختصر ڪيو ويو آهي

(١) حضرت خواجه احرار قدس سره جي احوال ۾ تفتيش فرمايو. الخ
(٢) خواجه صاحب جي ڪلام مان مونکي عصمت جي معنیٰ معلوم ٿي ٿئي الخ آهن الخ
(٣) ڪن خوابن ۾ معلوم ٿيم ته حضرت خواجه نقشبند بحسب خلقت نهايت درنهايت منده جو مخلوق ٿيل
(٤) حضرت فاروق اعظم رضی الله عنه جي مقام ۾ نظر فرمايو الخ
(٥) پڻ توجه فرمايو ته فنا في الله جي مقام کان سواءِ ٻيو ڪو مقام آهي يا نه الخ
(٦) هڪ نظر ڪارخانه جبروت ۾ به فرمايو جو مقام نبيّن سڳورن جو آهي صلواة الرحمن علی نبيّنا و عليهم الخ

(۷) باقي احوال متوقف جا وهانگي بهتر معلوم آهي وڏيڪ ڇالکان ڪيترن مقامن جا
نالا ۽ علامتون مونکي معلوم نه آهن - الخ

[1] متوقف مان مراد حضرت خواجه صاحب پاڻ آهي كذا في الروضه - سمورو مكتوب شريف زبده ۽ سلسله ۾ ڏسڻ گهرجي - مون ديگهه جي ڪري نه ڏنو -

[2] ٻيو مكتوب شريف حضور جن ڏانهن لکيو اٿن جنهنجي شروعات هي آهي
هو حق سُبحانه باعليٰ مرتبه برساناد وَلِلْاَرْضِ مِنْ كَاْسِ الْكِرَامِ نَصِيبٌ

[3] هن مكتوب شريف ۾ حضرت پير انصاري قدس سره وارو قصو لکيو اٿن جو خصوصيات جي باب ۾ موجود آهي[1] - ٻيو جناب سيادت پناهه سيد صالح شاهه نيشاپوري جي ڪيترا پارت لکيا اٿن ته هي شاهه اسان وٽ طلب لاءِ آيو آهي ان جو وقت ضايع ڪرڻ مسلماني کان باهر سمجهي اوهان جي خدمت ۾ موڪلجي ٿو انشاء الله تعالىٰ اوهان صاحبن جي صحبت کان مشرف ٿي استعداد آهر بهره مند ٿي لطف ڪامل توجه جو حاصل ڪندو - والدعاء

[3] ٽيون مكتوب لکڻ فرمايو اٿن جنهن ۾ اُهي اُهي جملا آهن جي خصوصيتن ۾ لکيا ويا آهن - سبحان الله! سبحان الله! ڪهڙي عالي درجي جو پير ۽ ڪهڙو عاليشان مريد حيرت جي جاءِ آهي - هن قسم جو عجز ۽ تواضع پير مريد جي ڏيڻ، ظاهر آهي ته اهڙو ڪو مثال مشڪل ملي سگهندو - پنهنجن خليفن مان جهڙي عنايت حضرت خواجه صاحب جي حضرت مجدد الف ثاني تي ٿي اهڙي ڪنهن تي به نه ٿي هميشه حضرت مجدد مهربان جا مدح خوان رهندا هوا - جيڪي فرمودا سندن مدح ۾ فرمائيندا هوا بي حساب آهن ڪي هت لکجن ٿا ڪي خصوصيات ۾ لکيا ويا آهن.

(۱) هي ٻج چارو هيڊي ڏنگي اتم ٻج رانڪيو آهي الحمد لله والمنة جو هي راند ۽ دڪان پرداز ٻي فائدي نه ٿي جو اهڙو مرد مون وٽ آيو.

(۲) هي ڪامل مرد ۽ محبوب خدا جو آهي جَلَّ وَعَلَا.

(۳) اصحابن سڳورن ۽ ڪامل تابعين ۽ مجتهدن کان پوءِ هن درجي جو شخص الخاص نظر نٿو اچي

صاحب زبده واري کان روايت آهي ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن ٿي فرمايو ته حضرت خواجه صاحب طالبن جي تعليم سرگرمي ۾ اوستائين رهيا جيستائين..

---

[1] هن ڪتاب جي صـ ۲۸۳ خصوصيت ۱۳ ۾ پير انصاري قدس سره جو قصو بيان ٿي آيو -

مونکي خلافت عطا نه فرمائي هوائون - جڏهن منهنجي ڪم کان فارغ ٿيا مريدن کي جو ڪم ڏيڻ
ڏنائون ۽ سڀ منهنجي طالب حوالي ڪري فرمايائون ته هي ٻج مون سمرقند ۽ بخارا کان آندو ۽ هن
زمين برڪت آڳين هند ۾ پوکيم - زبده -

هڪ مڪتوب شريف حضرت خواجه صاحب جن حضور جن ڏانهن بالڪل گهڻي شوق
۽ ذوق سان لکي فرمايو جو روضه ۾ موجود آهي - جنهن جي آخر ۾ هي بيت آهن

بس تشنه و بس خرابم اي دوست — در حسرت يڪ دم آئيم اي دوست
هر جا که ترشحي تو بينم — دارالعطش آئيم و بنشينم

صاحب روضه جو لکي ته حضور جن هي مڪتوب شريف پڙهي بي اختيار
ٿي دهلي شريف ڏانهن روانا ٿيا -

دهلي شريف جو ٽيون سفر

جڏهن حضور جن دهلي کي اوڏو آيا - خواجه صاحب جن حضور جن جي
اچڻ جو ٻڌي سندن استقبال لاءِ پاڻ پيادا ڪابلي دروازي تي تشريف
فرما ٿيا باوجود يڪ پاڻ بيمار به هوا. ڪذا في السلسله - وڏي تعظيم ۽ تڪريم سان کين شهر
۾ وٺي آيا - حضور جن کي ارشاد جي مسند تي وهاري پاڻ به طالبن وانگر سندن حلقي ۾
ويهڻ لڳا. جڏهن حلقي يا مجلس مان پاڻ اٿندا هوا پوئين پير تي هلندا هوا لڳئن حضرت مجدد
الف ثاني کي پنهنجي پڪ پريٽ به حضور جن ڏانهن پٺي يا پير نه ڪندا هوا ۽ پنهنجن طالبن کي
تاڪيد فرمائيندا هوا ته جيئن منهنجو ادب ٿا ڪريو اوتر حضرت مجدد الف ثاني (قدس سره) جو
به ڪندا رهو. پنهنجي باطن کي مون ڏانهن متوجه ڪرڻ بدران حضرت مجدد صاحب (قدس سره)
ڏانهن متوجه ڪيو - ــــ صاحب روضه جو هن جاءِ تي لکي ته جيڪي آئون لکان ٿو
حضرات القدس ۽ زبدة تان آنديان ٿو ۽ جيڪي ان کان زياده آهي حضرت خواجه محمد زبير
رضي الله تعالیٰ عنه کان ٻڌم - هڪ ڀيري حضرت خواجه صاحب رضی الله تعالیٰ عنه طالبن کي
فرمايو ته حضرت مجدد الف ثاني جي اڳيان منهنجي هرگز تعظيم نه ڪريو ۽ توهين سمورا
حضور جن وٽ ياد الاهي ۾ مشغول رهو - جناب سيد نعمان قدس سره کي خيال ٿيو ته اسين حضرت
خواجه صاحب جي خدمت مان ڇڏي ڪاڏي وڃون - تنهن ڪري انکي فرمايائون ته " اي سيد
نعمان شيخ احمد اهڙو وسيع آهي جنهن جي مقابلي ۾ مون جهڙا هزارين تارا گم آهن هن کان
اڳي اهڙو ذره امت جي وليّن ۾ پيدا ٿيو نه ٿيندو - جڏهن ته سيد نعمان قدس سره حضرت امام

مرشد مڪمل عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي بياض تان نقل ٿو ڪري ته ان ۾ لکيل آهي
ته جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه بالڪل گهڻي قدر حضرت خواجه
صاحب جي حضور ۾ عرض ڪندو هو ته اوهين منهنجي تعظيم ۾ مون سان اهڙو رستو
نه هلو جو آئون شرمندو ٿو ٿيان. حضرت خواجه صاحب جواب ۾ فرمائيندو هو ته مونکي اهڙيءَ
طرح هلڻ جو خدا اجلّ وعلا وٽان امر ٿيل آهي - هڪ ڏينهن حضرت خواجه صاحب رضي
الله عنه حضرت مجدد الف ثاني کي فرمايو ته مون ۾ هيڻائيءَ جا اثر گهڻا ظاهر ٿي رهيا آهن حياتيءَ
جي اميد گهٽ ڏسڻ ۾ ٿي اچي هن ڪانپوءِ حضرت خواجه صاحب قدس سره پنهنجن ٻنهين
فرزندن خواجه عبدالله ۽ خواجه عبيدالله کي جي اڳيان آڻي پيش ڪيا - گهرائي حضور جن
کي فرمايو ته هنن منهنجن پيارن فرزندن تي توجه فرمايو پاڻ حڪم موجب صاحبزادن
تي اهڙي توجه فرمايائون جو ان توجه جو اثر حضرت خواجه صاحب تي ظاهر ٿيو مڪتوب
ٻه سو چوهٺ (ع٢٦٤) جلد اول ۾ به اهو ذڪر[1] آهي جو حضور جن خواجه صاحب جي فرزندن جي نالي لکيو آهي
هن ڪانپوءِ حضرت خواجه صاحب وري حضرت مجدد الف ثاني کي فرمايو ته مون تي به
توجه ڪريو. حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن وڏي ادب ۽ نياز سان معافي
گهري ته متان ترڪ ادب جو ٿي پوي، پر حضرت خواجه صاحب قدس سره فرمايو ته منهنجي
باطني ترقي صرف وحدت وجود جي مقام تائين آهي، الله تعاليٰ اوهانکي اُهي اُهي مقام پنهنجي
فضل سان عنايت فرمايا آهن جو اُمت جي ولين ۾ ڪنهن کي نصيب نه ٿيا آهن، معارف شرعيه
جا اُهي عِلم اوهان تي ظاهر ٿيا آهن جو خاص نبين جو حصو آهي، وڏو افسوس ٿيندم جي
اهڙي نعمت مونکان گجهي رکندا. جڏهن حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه تمام
گهڻي قدر تاڪيد فرمايو ته هن حضور جن کي خطرو ٿيو ته متان حڪم جي تعميل نه ڪرڻ
جي الزام ۾ اچان. مجبور ٿي حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه پنهنجي پير بزرگوار جي
خواهش پوري ڪرڻ فرمائي - خواجه محمد هاشم شيخ تاج قدس سره کان روايت ٿو ڪري
ته شيخ تاج حضرت خواجه صاحب کان ٻڌو، جو پاڻ ٿي فرمايائون ته آئون ته حضرت شيخ احمد

---

[1] هن مڪتوب جو حوالو صاحب روضة القيوميه جي سال نيئن قيوميت جي بيان ۾ آندو آهي مگر اهو ذڪر
ان مڪتوب شريف ۾ نه آهي شايد ڪنهن ٻئي مڪتوب ۾ هوندو و فائدو - حضرت عبدالله بن حضرت خواجه باقي بالله
قدس سرهما جي نالي مڪتوب شريف ع٣٥ ۽ ع٥٩ دفتر ٻئي مڪتوبات شريف ۾ ۽ ع١٢٦، ع٩٠ ۽ ع١٣٠ دفتر ٽئين ۾ موجود آهن
حضرت عبيدالله بن حضرت خواجه باقي بالله قدس سرهما جي نالي مڪتوب شريف ع٤ دفتر ٽئين مڪتوبات شريف ۾ موجود آهي